# ڏک ڏاٿيئڙن جو

(ٿر شناسي)

نور احمد جنجهي

SEVEN STAR
PRINTERS & PUBLISHERS

سيون اسٽار پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد
2023ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب نمبر: 04

**ڏک ڏاٿيئڙن جو**
**(ٿر شناسي)**

ليکڪ: نور احمد جنجهي
ڇاپو پهريون: 2023ع
لي آئوٽ: آفتاب احمد هنگورجو
ٽائيٽل: معصوم ساحل
ڇپيندڙ: سيون اسٽار پرنٽرس اينڊ پبلشرز
فليٽ نمبر-1، صدف منزل، ويجهو بائڪو پيٽرول پمپ رسالا روڊ حيدرآباد
0342-1096230 / 0340-2490583

**DHAK DHATEEARRAN JO**
(Archeology)
Author: Noor Ahmed Janjhi
1st Edition: 2023
Layout: Aftab Ahmed Hingorjo
Title By: Masum Sahil
Published By: SevenStar Printers & Publishers
1st Floor Sadaf Manzil, Near Byco Petrol Pump Risala Road
Hyderabad

# ارپنا

انهن مارو لوڪن جي نالي
جن لاءِ
ٿر فطرت جو ڏَڪُ آهي
ءِ اهي
ٿر جي انهي ڏڪ واري گڻ
جا
ننگپال آهن

# فهرست


پيش لفظ (نور احمد جنجهي) 07

١) ڍڪ ڍاٽيئڙن جو 13

٢) ٿر.... وٽن جو وطن 17

٣) لَڪَ چڙهيو لَڪَ لهان.... 21

٤) رُت آئي وڻ موريا 24

٥) ڏڙ، ڏونگر ڏيهه 29

٦) چارين منجهه جاياس 34

٧) اڃ پُڻ آتر پار ڏي 37

٨) هارين هر سنباهيا. .. 41

٩) هارين هر جوٽيا 46

١٠) سڳا سُونهَن سنگهارَ جِي...!! 48

١١) ٿر ۾ مستقبل جو اقتصادي منظرنامو 55

١٢) پِچنديون پِٽاريون وري وٿاڻ آيون 60

١٣) ڏئي وراڪا وڃ 63

١٤) ڳوٺن جون ڳالهيون 65

١٥) ڍنگهر ڍڪ ماروئڙن جو 69

١٦) هون تو هلي هيل پرڻ...!! 73

١٧) رنگبرنگي ڳُل روهيڙن جا 77

١٨) ٽانپي ڪنڊي -- جُڳن جي شاهد ڪنڊي 80

١٩) موراڙي ۽ ان کي بچائڻ لاءِ لوڪ ڏاهپ طريقو 83

٢٠) ڪنڊا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڍور وهي... 85

٢١) مينهن جا ماما.. وني جي واڏائي 86

٢٢) ڪانجهاٽجڻ 88

٢٣) گڏهه، ان جي هينگ ۽ لڏندڙ ڪن 89

٢٤) اديون سپ اندام، چڙن منهنجا چوريا...! 92

٢٤) ٽپو پچڻ 94


## ڏيا واني ڏيهه جي


٢٥) ونگو پٽڻ، "ونگا بازار" کان "ونگي موڙ" تائين 97

٢٦) ڪيٽين جو ڪوٽ: ماٽڪاٽي سرڪار جو پهريون تختگاهه 100

٢٧) سلطان محمود بيگڙو (25 مئي 1843ع... 23 نومبر 1511ع) 104

٢٨) ڍِهرن جي ڏيا واني ڪيئن موٽائجي...! 108


## ڏونگا آڇ م تن کي


٢٩) ڏونگا آڇ م تن کي...!! 113

٣٠) ٿر جي ڏڪاري صورتحال ۽ ان جو جٽادارحل 118

٣١) فاقو فرحت جن کي.... 124

٣٢) پڏي گوڏ گرٽ، ساٿو ڪجي سور جو 130

٣٣) ويئي ويچارن وسري 135

٣٤) وس تہ ورن سُپرين 140

پيش لفظ

## ننگپال ڏرتيءَ جي ننگ پري آڪاٽي

انسان پنهنجي اندر ۾ ڪيئي ڪائناتون رکي ٿو پر هو جنهن ڪائنات جي ماحول ۾ پيدا ٿئي ٿو، پالنا ماڻي ٿو ۽ وڏي وڏي ٿي انهي ڌرتيءَ تي پنهنجي پورهئي کي موڪڻ چاهي ٿو ان ماڻهوءَ تي انهي ڌرتيءَ جو اثر پڻ ٿئي. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٿي چئي سگهجي ٿو تہ ماڻهوءَ جي شخصي اوسر ۾ سندس داخليت جي تاڃي ۽ ماحول جي پيٽي جو وڏو ڪردار آهي. منهنجو ٿرتي پهريون ڪتاب "ٿرکي ٻانيون ٿوڪ" هو جنهن جو عنوان مون ڀٽائي سائين جي هن بيت تان کنيو هو:

**ننگا آهيون نڱئا، اسين مارو لوڪ،**

**ٿر کي ٻانين ٿوڪ، جو ڍڪ ڍاٽيئڙن جو.**

اهو بيت ايترو ڳردار بيت آهي جو وري جڏهن هينئر ٿر بابت ليک ترتيب پئي ڏنم تہ ذهن تي انهي بيت جي سٽ جو ٻيو اڌ "ڍڪ ڍاٽيئڙن جو" تري آيو ۽ دل چيو تہ اهوئي عنوان بهتر رهندو. هن عنوان ۾ ڍڪ ۽ ڍاٽيئڙا ٻئي اهم لفظ آهن. ڍڪ لفظ هتي اسم جي صورت ۾ ڪم آيو آهي. ڍڪ جو فعل ڍڪڻ آهي. ڍڪڻ جو مطلب آهي ڪنهن چتي يعني ظاهر پٽل شئي کي ڍڪڻ جيئن ان کي هرڪو نو ڏسي يا هرڪنهن کي سندس ڪمي ڪوتاهي نظر نہ اچي. ڍڪ ڪنهن ٿانءَ کي ڍڪڻ لاءِ ڻاهيل ڍاڻ يا ٻوڇ کي بہ چيو ويندو آهي. هتي ڍڪ "ستر" جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. ڍڪ اهڙي شئي جيڪا سموري لقاءَ کي ڪور ڪري. "ستر ڪج ستار، آئون اگهاڙي آهيان". ڍڪ پردي جي معنيٰ ۾ بہ ڪم ايندو آهي. ڍاٽ ٿر جي هڪڙي حصي جو نالو



آهي جنهن جي ٿُلهي ليکي بيهڪ هن ريت آهي. ڍاٽ جي اُتر ۾ کاٽڙ آهي. ڏکڻ اولهہ ۾ ڪنٿو آهي ۽ اوڀر ۾ هندستان جو دنگ آهي. ڍٽ بہ ڍاٽ جي صورت آهي. هتي لفظ ڍاٽ سموري ٿرلاءِ ڪم آيو آهي. ڍاٽ جي رهاڪن کي ڍاٽي چيو ويندو آهي. ڍاٽيئڙو وري لفظ ڍاٽيءَ جي تصغير تعريفي آهي. سنڌي واحد زبان آهي جنهن ۾ تصغيرڻ قسمن ..... تعريفي ۽ تضحيڪي جي آهي. ان ريت ٿر فطرت جو اهڙو ٿوڪ آهي جيڪو پنهنجي رهاڪن جو ستر پڻ آهي چاڪاڻ تہ ٿر فطرت جو نيارو لقاءُ آهي جيڪو نہ رڻ پٽ آهي نہ بيابان نہ سوڪ سڪايل علائقو. هي تہ وڻراهن گاهن ٻوٽن، جيتن جڻن، سُٽن ۽ جانورن سان ڀريو ٿُريو علائقو آهي جنهن کي بر چوڻ بيواجبي آهي. ٿر ڍڪ ان صورت ۾ بہ آهي جو ٿر جي معيشيت فطرت پسند معيشيت رهي آهي يعني فطرت جي وسيلن جو واپراج بہ ڪاپي يا ڪفايت وارو آهي تہ انهي واهپي جي عيوض ريچارجنگ جو خيال بہ ٿر ۾ رکيو وڃي ٿو. دنيا هن وقت جڏهن تباهي جي ڪناري تي پهتي آهي تہ ماحول دوستيءَ جون ڳالهيون ڪري ٿي پر ٿر جي اقتصاديات پنهنجي جوهر ۾ ئي ماحول دوست آهي. وڻن جي رکوالي، جهنگلي جيوت جو خيال رکڻ، ڌرتيءَ جو پوکي ۽ ٻين ڪمن ۾ خيال رکڻ، پاڻيءَ جي وسيلن کي پاڪ سمجهي سنڀالڻ، هوا جي رخ کي ڏسي هر چرپر ڪرڻ. گهرن جون اڏاوتون ماحول سان ٺهڪندڙ ٺاهڻ وغيرهہ اهي چند مثال آهن، پر ٿرپارڪر جي گذريل ٽي هزار سالن جي تاريخ انهي فطرت پسند معيشيت جي مثالن سان ڀري پيئي آهي. دنيا ۾ هڪڙي سرمائيواد واري معيشيت آهي تہ ٻي سماجواد واري معيشيت، پر ٿرپارڪر جي معيشيت انهن ٻنهي ڏارائن کان وچٿري فطرت دوست اقتصاديات آهي

جيڪو الڳ موضوع آهي پر انهي معيشيت ٿر جي ماڻهوءَ جي خمير ڪي سادگي ۽ ريزيليئنس جا املهہ گڻ ڏنا آهن. جن جي آڌار تي ٿر جي ماڻهوءَ فطرت جي قوتن توڙي انساني هلائن ڪي منهن ڏيندي پنهنجو پاڻ ڪي باقي رکيو آهي ۽ منجهس جُڳن تائين باقي رکڻ جي صلاحيت آهي ڇاڪاڻ تہ سادگي ڪيس فطرت جي هنج جي ۾ پناهہ ڏياري ٿي ۽ ريزيليئنس منجهس ڏک ڪائي ڏک پچائي اُٿڻ جي گڻ ڪي نکاريندي رهي ٿي. اهي گڻ ڪٽي، سيني تبديلين مان گذرندو، ٿري ماڻهو "ڏوهاري ٿيڻ" ۽ "پينو ٿيڻ" کان اڄ بہ گهٽو پري آهي. جيتوڻيڪ ٻاهرين هلائن ۽ ويساهہ گهاتين ٿري ماڻهن جي بہ ڪجهہ حصي ڪي انهن اوگڻن ڏانهن ڌڪيو آهي پر ٿرين يا ڏاتيئڙن جي اڪثريت اڄ بہ سونهن جي ٻوٽي جيان سمنڊ جي کاري پاڻي ۾ گذاري بہ مٺي ساءُ مٺيو ناهي. شهريت گيري جڏهن شهريت گردي ۾ ۽ منافعي خوري منافعي گردي ۾ تبديلي ٿيندي آهي آهي تہ پوءِ انساني سماجن ۾ سموريون "گرديون" بي دردي سان ڪاهي پونديون آهن جن ڪي هن وقت سڄي دنيا ڀُڳي بہ رهي آهي پر انهي بند گليءَ جي ريس ايتري تيز آهي جو بس ڀلي آهي. اهڙين سيني تبديلين جي باوجود ٿر اڃا بہ نہ رڳو ڏاتيئڙن جو ڏيک آهي پر گهٽن جي گذر سفر جو وسيلو آهي.

ٿر بابت هن کان اڳ منهنجا بہ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ۽ ٽي ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڇپيل آهن. جن ۾ "ٿر ڪي پاڻيون ٿوڪ" ۽ "ٻنيءَ منجهہ ٻٽون" سنڌيءَ ۾ جڏهن تہ انگريزي ڪتابن ۾ "ٿرپارڪر: لينڊ آف ڪلر، ڪنٽراسٽ اينڊ ڪلچر"، "سوشيالاجيڪل اسٽڊي آف ٿري فوڪ سانگس" ۽ "ٿر اينڊ اياز" آهن. هن ڪتاب ۾ ٿر سان لاڳاپيل موضعن تي لکندي ٿر جي مختلف پاسن تي لکيو اٿم، جنهن ۾ ٿر جي



طبعي جوڙجڪ جي گهٽا گهٽي کان وٺي مال ڌاري معيشيت تائين، مال ڌاري معيشيت کان وٺي تاريخ جي ڪجهہ ورقن ۽ هر پنجن سالن ۾ پوندڙ ڏڪارن جي اثرن ۽ اُنهن جي حل بابت مختلف تجويزون پيش ڪيل آهن. اُميد تہ هي ڪتاب عام پڙهندڙن، شاگردن، محققن ۽ عالمن ڪي ڪجهہ نوان خيال ڪجهہ نئين معلومات ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ ننڍڙي وک ثابت ٿيندو.

**نوراحمد جنجهي**

جنجهي هائوس، مٺي

ٿرپارڪر

آڪٽوبر 2023ع

# ڏک ڏاٽيئڙن جو

ننگا آهيون، نڱئا، اسين مارو لوڪ،
ٿر کي ڀانيون ٿوڪ، جو ڏک ڏاٽيئڙن جو.
(شاهه عبداللطيف ڀٽائي)

# ڏک ڏاتيئڙن جو

ٿر جي ڏرتي پنهنجي جوهر ۾ نياري آهي. هڪ ته ان جي ڀوڳنائپ جي ڪري، اها ٿر کي اوپڙ وارو وڏراهي علائقو رکڻ ۾ مددگار رهي آهي تنهنڪري ٿر ٻين بيابانن کان نيارو لڳي ٿو. وسڪاري جي مند ۾ جي مينهن وسي ته پورو مُلڪ ملير ٿي ٿو وڃي. مينهن نٿو به پوي يا وري مينهن جي مند ڪانسواءِ ٻين موسمن ۾ ڪجهه وڻ ٽڻ اهڙا آهن جيڪي ساوا رهن ٿا ۽ مال لاءِ گاهه چارو مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ ڏرتيءَ جي گرمي پد کي به سنڀالين ٿا. اهڙي طرح ٿر پنهنجي حسن سان هاڪارجي ٿو. ٿر جي ڏرتي جيڪا گهڻو ٽڙو چراگاهي آهي ۽ مال کي لال ٻڌائي ٿي. هن وقت ٿر جي ڏرتيءَ جي حوالي سان مختلف خبرون سماجي ميڊيا تي نظراچن ٿيون. ڪٿي ٻنيءَ جي مهاڳي تي تڪرار ٿئي ٿو ته ڪٿي پلاٽ تي تڪرار. اهڙن معمولي تڪرارن تان جهڳڙا وڏي وڃي برادرين جي وچ ۾ جهڳڙن تائين پهچن ٿا. اهي جهڳڙا ٿر جي امن واري ماحول کي متاثر ڪن ٿا ته ٻئي طرف جهيڙي ۾ شامل ڌرين جي اقتصادي سگهه ۽ عزتِ نفس کي به ڌڪ رسائين ٿا. اهڙي صورتحال کان بچڻ لاءِ وقت سر اُپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. تنهن لاءِ زمين ۽ ان سان لاڳاپيل ڳالهين جو پس منظرڄاڻڻ به ضروري آهي جيئن زمين ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن جو حل لهي سگهجي.

ٿر مال ڌاري علائقو آهي جنهن کي مالوند ماڻهن آباد ڪيو. باقي مٿيهاڻو پاسو زراعتي آهي ۽ ان سان لڳولڳ آباديون ساگرڪپي شهر مختلف ماحول رکن ٿا. ٿر جون سيمون ٿر جو ستر آهن. ٿرجي وٽ، مهراڻي، پائر، ڪنني، ڪاهوڙ ڊاٽ جي سيمن جي الڳ الڳ سُڃاڻپ آهي. انهن جي ماحولياتي ثقافت به الڳ آهي. ٿر جي تاريخ ٿر جي ڏٽوادي خطي هئڻ جي تصديق ڪري ٿي. اڳتي هلي جڏهن کان



ڪجهه زمين آباد ٿيڻ لڳي جنهن کي انگريز بينڪيت دوران هڪڙي باقاعدي شڪل ملي يعني زمين جي سروي ڪري تلين جا رجسٽر رکي، زمين جي حقن جي داخلا رکي ويئي. ان سان گڏوگڏ اهو نروار ڪيو ويو ته زمين ڪهڙي قسم جي آهي. 1935ع کان شروع ٿيل اهڙي سروي، پنهنجي پيش رو ڪٽت کي به پيش نظر رکندي، زمين جي دستاويز بندي جو بهترين رڪارڊ پيش ڪيو. ان کان اڳي پرمارن جي دور کان وٺي، مغلن جي دور کان ويندي، ٽالپرن تائين ڪٽت جو ڪو خاص رڪارڊ ناهي پر جنهن جي واهپي ۾ زمين هوندي هئي اهو ئي ان جو مالڪ سمجهيو ويندو هو ۽ ڪيڙاپ ٻنين تي ماڻهن جا نالا هوندا هئا يا وري تاريخي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان نالا رکيل هوندا هئا. انگريزن جي دور ۾ زراعت لائق زمين کي سروي ڪري نمبر ڏنا ويا. ان سان گڏوگڏ اهو به واضح ڪيو ويو ته انهي زمين جو مالڪ "تليءَ" کان وڌيڪ نه پوکيندو پر اها زمين سندس مصرف ۾ چوپائي مال جي چراگاهه لاءِ هوندي. هو جيڪڏهن اهڙي زمين کي پوکيندو ته حد جو تپيدار ڪاروائي ڪندي، مٿس قبضي جو فارم ڀريندو، اُپت به ضبط ٿيندي ۽ اها زمين انين فارم ۾ هلي ويندي. تلين سان گڏوگڏ پاڻي ڊوڙ تي پوکيءَ جو حق هوندو هو پر ان جو طريقي ڪار هوندو هو. اهو طريقي ڪار به هاڻي ڪٿي نظر ڪانه ٿو اچي. ڪو به ماڻهو پٿون، پاساڙا، پوچانڊا، گئوچر، اجهور، تراين، ٿوين، ڊهن جا اوسا پاسا نه پوکي سگهندو هو. ڪير اهڙي اڳرائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته سرڪار ان تي ڪارروائي ڪندي هئي. اهڙي طرح ماڻهن جي ڪاتي ٿيل زمين سان ملحق ايراضي به مالوندي رک طور ڪم ايندي هئي ۽ باقي بچيل زمين سرڪاري زمين هوندي هئي جنهن کي عام اصطلاح ۾ "ڪاري زمين" چيو ويندو هو يعني ان کي ڪير به ويجهو نه ويندو هو. اهڙي سموري ڪم ڪار جي نگراني ڳوٺاڻو سماجي سرشتو ڪندو هو جيڪو هاڻي موجود ناهي. ڳوٺ جو چڱو مڙس

هاڻي هڪڙي وينچرسٽ فرد جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. هو رڳو پنهنجي فائدي ۾ نظرون کُپائي، پنهنجي واٽ هلي رهيو آهي. ڳوٺ جي چڱ مڙسي انهي وينچرسٽ وٽ آهي يا وري ڪنهن نوڪري پيش ماڻهوءَ جي هٿ ۾ آهي جيڪو بہ وينچرسٽ آهي. سڀ ڪان پهرين قبضا گيريءَ ۾ اهو چڱو مڙس ئي پير پائي ٿو پوءِ ٻيا ان جي جُتيءَ ۾ پير پائين ٿا .

آبادين بابت ايئن هوندو هو تہ نئون ڳوٺ ٺاهڻ جي تہ منظوري وٺڻي هوندي هئي پر ڪوهہ ڪوٺڻ لاءِ بہ منظوري لازمي هوندي هئي جنهن ۾ شرط طئي ٿيل هوندا هئا. انهن شرطن تي عمل ڪرڻ جو هرهڪ پابند هوندو هو. ڳوٺ ۾ ڪنهن کي سوڙ آهي ۽ ڪيس گهر ٺاهڻ لاءِ پلاٽ جي ضرورت آهي يا نئون گهر ٺاهڻ چاهي ٿو تہ سمورو ڳوٺ گڏجي ان کي ڳوٺ جي سهوليت کي نظر ۾ رکندي، گهر ٺاهڻ لاءِ ليڪو ڪڍي ڏيندا هئا. ان ريت اهو عمل شراڪتداريءَ وارو ۽ جمهوري هوندو هو جنهن ۾ پوءِ تڪرار جي گنجائش نہ رهندي هئي. هاڻي اهي نيم بہ ختم ٿي ويا آهن. ڳوٺن جي وينچرسٽ اڳواڻي سياسي ليڊرشپ سان ڳنڍيل آهي ۽ معمولي ڳالهين ۾ ماڻهو ايترو زوربار وجهن ٿا جو لاڳاپيل ڪاتن جو عملو بہ بيوس ٿي پوي ٿو. نتيجي ۾ قانوني ڪارروائي بہ نٿي ٿئي تہ راڄوڻي طور بہ معاملو نٿو نبري ۽ تڪرار وڌڻ لڳي ٿو. تڪرار وڏي جهيڙي تائين پهچي ٿو. جهيڙي ڪانپوءِ ڪيس ڦڏا ٿين ٿا جن ۾ ٻئي ڌُريون لکين رُپيا هارائي جڏهن ٿڪجن ٿيون تڏهن هارجي ورن ٿيون ۽ وري ڪنهن نہ ڪنهن سياسي ماڻهوءَ کي وچ ۾ آڻي ٺاهہ ڪن ٿيون.

انهي هڻ هٽان ۾ ٿر جي زمين متاثر ٿي رهي آهي يعني ماڻهو قبضا ڪري، امن پرئي سماجي ماحول کي ڏينهون ڏينهن بگاڙي رهيا آهن. ڳوٺن ۾ سيمون متاثر ٿي رهيون آهن تہ شهرن ۾ پلاٽن تي تڪرار مٿان تڪرار اُڀري رهيا آهن. اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ زمين بابت



جيڪو بہ مروج قانون آهي ان تي عمل ڪرايو وڃي ۽ بنا ڪنهن سياسي مداخلت جي اهليت جي بنياد تي تڪرار نبيريا وڃن. ٿر ۾ زمين جي ڪٽت بابت هڪ جامع لينڊ گرانٽ پاليسي ٺاهي وڃي جنهن ۾ ماحوليات، ٿر جي پون مٿاڇري، ٿر جي ڏٽوادي سماج، پاڻيءَ جي پروفائيل، معدني وسيلن جي کوٽائي سميت سمورين ضروري ڳالهين کي نظر ۾ رکندي، ٿري ماڻهن ۽ ٿر جي سيمن جو تحفظ ڪيو وڃي.

**ننگا آهيون نڱئا، اسين مارو لوڪ،**
**ٿر کي پانيون ٿوڪ، جو ڍڪ ڍاٽيئڙن جو**
(پٿائي)

# ٿر.... وٽن جو وطن

ٿرپارڪرجي زميني مٿاچري کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڏرتي گهڻ روپي زمين آهي جنهن ۾ جتي وارياسي زمين، واريءَ جون پٽون، دڙا ڏهر ۽ ڏهريون آهن اُتي پارڪر ۾ مٿيهاٽي زمين بہ آهي جنهن جي چيڪي مٽي جڏهن پنهنجي زرخيزيءَ جا جوهر ڏيکاري ٿي تہ ڪٽڪ، بصر، مرچن کان وٺي انيڪ فصل ٿين ٿا. هتي ڪارونجهر ڇپر جو سوين ٽڪرين تي پکڙيل سلسلو بہ آهي جنهن کي پارڪر جو موتي چئجي تہ بہ وڌاءَ نہ ٿيندو.ڪارونجهر پارڪر جي ڌرتيءَ تي فطرت جو "ٿڻ" محسوس ٿئي ٿو.ڏکڻ اوڀر ۾ لوڻاٽي ڏُٻڻن تي مشتمل رڻ ڪڇ آهي جنهن جي حياتياتي گهٽاگهٽي بہ واهہ جي آهي.ٿر ۽ بئراجي علائقي جو ڪس بہ واري ۽ مٽيءَ جو اهڙو ميلاپ آهي جنهن جي زمين سونهن سرجڻهار آهي. ٿر جي ڌرتيءَ جو پارڪر وارو حصو سامونڊي ڪنارو هجڻ جي ڪري، سامونڊي سفري ۽ باربرداري اچ وڃ وارو علائقو رهيو آهي. ٿر وارو علائقو وٽراهي خطو رهيو آهي تنهنڪري هن علائقي جي معيشيت جو مُکيہ وسيلو چوپايو مال رهيو آهي. تڏهن ئي چيو ويندو آهي تہ" ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ئي ڪڻ تي" يعني ٿرزراعتي نہ پرمالوندي علائقو آهي. ماضيءَ ۾ پارڪر واري ساحلي پٽيءَ ۾ ناريل جا وڻ بہ رهيا آهن جن ذڪر ٿر جي ديو مالا ۾ ملي ٿو. ٿر ۾ وٽن ٽڻن، گاهن ٻوٽن، ۽ ولين جي ايتري ججهائي هوندي هئي هئي جو اهي وڻ ٽڻ انساني جياپي جو بہ اهم ذريعو هئا. اناج جي اڻاٺ ۽ قحط ساليءَ دوران قدرت پاران عطا ٿيل "ڏٿ" ئي هوندو هو جنهن کي پيٽ قوت بنائي، مارو ٿري ڏينهن ڪٽيندا هئا. ٿر جي نباتياتي دنيا ايتري وسيع هوندي هئي جو ان بابت ڪا سائنسي دستاويزبندي بہ نٿي ملي. جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان ڪيئي وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ وليون اڻلڀ ٿي



ويا آهن يا گهٽ لڀ آهن پراج تائين ٿر جي نباتات جي ڪابہ سائنسي دستاويزبندي نہ ٿي سگهي آهي. ڇڙوڇڙ ڪم تہ ٿيو آهي پران تي جامع ڪم جي اڄ بہ ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي ٿر جي آبادي بہ وڌي آهي تہ ان ۾ ٻيون کوڙساريون تبديليون آيون آهن يا اچي رهيون آهن. ڏينهون ڏينهن وڻ گهٽجندا وڃن پيا، ڪيئي وڻ اڻ لڀ ٿيندا پيا وڃن تہ انيڪ وڻ خطري هيٺ آهن. اهڙيءَ طرح ڪيئي ڪارڙ وڻ ٿر جي ڌرتيءَ کي ناڀن سان نيئي ناس ڪندا پيا وڃن جنهن تي وقت سر ڌيان نہ ڏنو ويو تہ ٿر ٿر نہ رهندو پر بر بڻجي ويندو. مثال طور؛ ٿر جا ڪيئي وڻ جيڪي مال جو پلوڙ چارو هوندا هئا جيئن ڦوڳ، ٻير، گانگهيٽي وغيره، سي گهٽجي ويا آهن. چار بہ گهٽجندي پيئي وڃي. ڪانڪهہ، ٽانڪارو بہ گهٽجندا پيا وڃن. ٻيو تہ ٿهيو ٿوهر بہ ان ٻهاريءَ ۾ نہ رهيو آهي جنهن ۾ اهو ڪجهہ ڏهاڪا اڳي هوندو هو.روهيڙو جنهن تي ڪانيءَ جي ڪري واڍيءَ جي مار آهي سو بہ وڍجڻ ڪانپوءِ ڌرتي کي پيلي کسي ڪري ڇڏي ٿو. ان جي جاءِ تي ديويءَ جهڙي ڪارڙ وڻ پهريائين ٿر جي ٻوڻن جي ميدانن کي وڻ ويڙهي ٿي ويڙهي ويران ڪيو ۽ هاڻي سيمن کي سُڃ ڪرڻ پويان آهي. ٿرجا پنهنجا وڻ نہ رڳو مال جو چارو هوندا هئا پر ماڻهن جي لاءِ غذائيت جي وڏي وسيلي هجڻ سان گڏوگڏ سندن گهرو بناوتن ۽ معيشيت ۾ بہ اهم ڪردار نباهيندا هئا.ان کان سواءِ اهي وڻ علائقي جي ماحوليات جو مُک ٿنڀو ٿوڻي هوندا هئا. آباديءَ جو وڌڻ، قحط سالي، زمين اُڏيڙ، آبهوائي ڦيرگهير ٿرجي وٽن ۾ جيڪو ڏانتو ٻنڊيو آهي سو نہ ڄاڻ ٿر کي ڪٿي وڃي ڇڏيندو. آبدي وڌي آهي زميني ايراضي پوکجڻ ايترو وڌي ويو آهي جو کيڙاپ زمين کانسواءِ ان جا آسا پاسا پوکي ڌرتيءَ کي خراب ڪيو وڃي ٿو. مال بہ وڌيل آهي اهو بہ وڻ ٽڻ کائي ٿو. ٿر ۾ ٻارڻ جو بہ اڪيلو ذريعو وٽن جي ڪاٽي آهي.بازار ۾ ڪاٺ ۽ گگر جي کپت روهيڙي ۽ گگرال کي ناس ڪري رکيو آهي. قحط سالي بہ ٿرکي اڻ ڪوٺي مهمان

وانگر هرين سالن ڪانپوءِ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي ڏسي ٿي. زمين ۾ جر جي پاڻيءَ جي گهٽجڻ سان جيڪا زميني اُڏيڙ ٿئي ٿي تنهن سان بہ وڻن ٻوٽن جو نقصان ٿئي ٿو. آبهوائي ڦڙڦڪ بہ ٿر جي وڻراهہ تي اثر انداز ٿي رهيو آهي. اهي سيئي حالتون ان ڳالهہ ڏانهن ڏيان ڇڪائين ٿيون تہ ٿر ۾ وڻ پوکڻ ۽ وڻ بچائڻ جي مهم هلڻ گهرجي. انهي ڏس ۾ ڪجهہ صلاحون پيش ڪجن ٿيون:

- پاڙي ۽ ڳوٺ سطح تي ڳوناٺن جو ”وڻ دوست “ ڪاميٽيون تشڪيل ڏنيون وڃن جيڪي ڳوٺن جي ساڪائتن ماڻهن تي مشتمل هجن. منجهن پاڙي توڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ سيني برادرين جا نمائندا شامل هئڻ گهرجن
- حڪومت وڻن جي واڍيءَ بابت قانون جي نفاذ تي سختي سان عمل ڪرائي. گگرال توڙي روهيڙي جي واڍيءَ بابت ڪا ڇڏ ڇوٽ نہ هئڻ گهرجي. ڳوناٺيون ڪاميٽيون حڪومت جي اهڙي ڪم ۾ سهڪار ڪن ۽ وڻن جي واڍيءَ کي روڪڻ واري ڪم کي يقيني بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.
- ٿر۾ ڳوناٺن پاران وڻ وڍڻ کي روڪڻ جي ڳوناٺي ماڊل جا نمونا ”ورواڻيءَ “ ۽ ”منڙيو سومرا“ جا ڳوٺ پلوڙ مثال آهن باقي ڳوٺن جي ماڻهن کي بہ ان نموني راڄوٽي ٻڌي ڪري وڻ بچائڻ گهرجن.
- حڪومت زمين جي غيرقانوني پوکجڻ تي پابندي وجهي. ڏهر، اجهور، ترايون ۽ آسائشون پوکيندڙن کي جوڳيون سزائون ڏيئي، سُک هاٺي ڌرتيءَ کي دوزخ ٿيڻ کان بچائي. ان ڏس ۾ بہ ڳو ناٺيون ڪاميٽيون پنهنجو ڪردار نباهين
- ٿرجي ماحول سان ٺهڪندڙ وڻ جيئن ڄار، ٻير، ڦوڳ، ڪرڙ ڪنڊي، ڪونيٽ، نم، گگرال، سوئانجڙو ۽ ڪانڪهہ وغيره وڏ ۾ وڏ لڳايا وڃن. ديويءَ کي اڳندي ئي ختم ڪيو وڃي جيئن اها وڌيڪ نہ پکڙي.
- ٿريڪٽرن غير ضروري پوکيءَ کان پاسو ڪيو وڃي.



- ٿر جي معيشيت کي زراعت بدران مالوند معيشيت طور ترقي وٺرائي وڃي جيئن وڻڪاريءَ جي مسئلن جو مستقل حل بہ ٿئي .
- گئس جي پائيپ لائين ٿر تائين پهچائي وڃي جيئن ٻارڻ جو مسئلو حل ٿي سگهي ۽ برسات جي پلر پاڻي کي گڏ ڪري استعمال ڪرڻ جو جامع بندوبست ڪيو وڃي.

اهي چند ڳالهيون آهن جن تي عمل ڪري، اسين ٿر جي ماحول کي خوشحال، خوشگوار بنائي سگهون ٿا جتي نہ رڳو انساني آبادي سولائيءَ سان رهي سگهندي پر ساوڪ ۽ سونهن جا ويءَ وڇائجي ويندا. ٿر نہ رڳو سائو ٿيندو پر ڏائو پُڻ ٿيندو.

# لَڪَ چڙهيو لَڪَ لهان....

ڏرتيءَ سان انسان جو ناتو ازلي ۽ آڳانجهو آهي. خشڪيءَ جو نروار ٿيڻ انسان جو خشڪيءَ تي آباد ٿيڻ، انساني ثقافت جو هڪ اهم انگ آهي. ان ڪري پون سان انسان جو پرم آهي ۽ انسان پون جو اوهي واهي آهي. پُنءِ انسان کي جٽاداري هنج جي ميڏباني مهيا ڪئي آهي ان ڪري انسان جو فرض ٿو ٿئي تہ هو پُونءِ جي پرم لاءِ پاڻ پتوڙي ۽ پونءِ جي رکوالي بہ ڪري پر انسان هيڇ جي هائيءَ ۾ ايترو هنيل آهي جو هن زميني مٿاڇري کي گندي ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي .ان جي باوجود ڌرتي انسان کي پناهہ ڏئي ٿي. ڌرتيءَ جي سلامتيءَ ۾ انسان جي سلامتي آهي. ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي اڀياس لاءِ انسانن "پون ڪڇ " يعني جاگرافيءَ جو علم ٺاهيو جنهن وسيلي، ڌرتيءَ جي گُڻ کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي مختلف ماڳن مڪانن هنڌن کي نالا ڏيئي ڄاڻن جي ڪوشش ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ انساني علم نالن جي روپ ۾ نروار ٿئي ٿو. ٿرپارڪر جيئن تہ پون مٿاڇري جي لحاظ کان انتهائي نيارو پاڳو آهي ان ڪري، مارو ٿر جي پُن مٿاڇري جي هڪ هڪ نيارپ جو الڳ نالو آهي جنهن کي ڳُڻڻ ۽ اڀياسڻ جي ضرورت آهي. اڄ اسين ٿر جي زميني مٿاڇري جي هڪڙي لقاءَ "لڪ " بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين. لڪ جتي وارياسي مٿاڇري تي استعمال ٿئي ٿو تہ اُتي جابلو ڌرتيءَ جو بہ مُک مظهر آهي. ڀٽائي سائين بہ اهڙو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ ڪندي فرمايو آهي :

**جبل مارئي جڪ، جو آڏو آريچن ڪي،**
**توڙي لڪن لڪ، سپ لنگهيندس سڪ سان.**

شيخ اياز بہ "چوهڙ لڪ " ۽ "ڪانڪهہ واري لڪ " جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۽ نثر ۾ ڪيو آهي. لڪ ڀٽ يا جبل جو اهو



چاڙهيڪي وارو هنڌ آهي جتان گذرگاهي پيچرو گذري ٿو جنهن تان ماڻهو چوپايو مال ۽ جانور گذرن ٿا. ٿر ۾ هر هڪ لڪ جو مخصوص نالو آهي. اُستاد رائچند بہ پنهنجي ڪتاب تاريخ ريگستان (پاڳو پيو) ۾ ٿر جي مشهور لڪن جا نالا ڏنا آهن جيڪي هن ريت آهن "گاڏي وارو لڪ، مور لڪ، اُٺ لڪ، ڪاسائي وارو لڪ، ٿوهرن وارو لڪ وغيره"

حقيقت ۾ هرهڪ ڳوٺ جي آسپاس لڪ آهن جيڪي مختلف نالن سان سڏيا وڃن ٿا. انهن سڀني نالن جو ڪونہ ڪو تاريخي، سماجي يا جاگرفيائي پس منظرآهي جنهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ ٿر ۾ موسمي، ماحولياتي ۽ انساني سرگرمي وڌڻ سان جيڪي تبديليون اچي رهيون آهن، سي هٽي وڃي هنڌ ڪنديون ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو اهي لڪ، ڌرتيءَ جي مٿاڇري تان گم ٿي ويندا ۽ پوءِ آهستي آهستي انهن لڪن جا نالا بہ گم ٿي ويندا. ٿر ۾ برساتن جو گهٽ پوڻ يا نہ پوڻ ڏڪاري صورتحال کي پيدا ڪري ٿو جنهن سان اوپڙ ختم ٿئي ٿي ۽ ڌرتيءَ جو مٿاڇرو اُڏڙي وڃي ٿو. ماحولياتي تبديلين سان بہ زميني مٿاڇري ۾ فرق اچي ٿو تہ ٻئي پاسي وڌندڙ انساني آبادي ۽ انساني سگرميون جن ۾ اهي ڪم بہ شامل آهن جن کي انسان ترقيءَ جو نالو ڏئي ٿو جيئن روڊ رستا، معدني ذخيرن جي کوٽائي وغيره. اهي سڀئي شيون ڌرتيءَ جي مٿاڇري کي متاثر ڪن ٿيون. لڪ بہ متاثر ٿين ٿا. آهستي انهن جا نالا بہ گم ٿي وڃن ٿا. مثال طور اسلام ڪوٽ شهر جي ڏکڻ اوڀر ۾ مشهور لڪ هوندو هو جنهن کي اونڌيو لڪ سڏيندا هئا ڇاڪاڻ تہ اهو ايترو اونڌو هوندو هو جو ڇڪڙا هڪ ساهيءَ نہ چڙهي سگهندا هئا. لاڏو اُٺ توڙي سواريءَ وارا اُٺ توڙي گهوڙا هن لڪ تان مشڪل سان ۽ آهستي آهستي چڙهندا هئا. اڳتي هلي روڊ ٺهيا تہ اهو لڪ بہ ڪٽجي هيٺ ٿي ويو ۽ هاڻي اهو لڪ اونڌيو لڪ ئي نہ رهيو آهي. مٺي شهر جي اُتر ۾ "گاڏي وارو لڪ " هوندو هو جنهن جو چاڙهيڪو ايترو ڏکيو هوندو هو جو

چڪڙا هن لڪ ۾ اچي ڪُٺي پوندا هئا. رفتار ڪُٺڻ جي نتيجي ۾ چڪڙا ڪلٽي ٿي پوندا هئا. روڊ ٺهيو تہ آهستي آهستي انهي روڊ کي بہ ڪٽي هموار ڪيو ويو آهي. ڪو وقت ايندو جو ماڻهو ان جوشايد نالوئي ٻُلجي ويندا. گاڏي واري لڪ کان اڳتي ڪافر لڪ بہ آهي. اهڙي طرح ڳوٺن جي آسپاس بہ لڪ آهن جيئن مثال طور اسان جي ڳوٺ وڪڙئي جي اوسي پاسي بہ اهڙا لڪ آهن جيئن ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ جيڪو لڪ آهي تنهنکي مقام وارو لڪ چوندا آهن. ڳوٺ جي اُتر ۾ صالح جنجهي واري رستي تي ”آڏيٺي وارو لڪ “ آهي يعني اهو لڪ صالح جنجهي ۽ وڪڙيئي جي وچ تي آهي. ان تي پهچڻ سان اڌ پنڌ طئي ٿي وڃي ٿو ان ڪري ان تي نالو پيو آڏيٺي وارو لڪ. ڳوٺ کان اتر اولهہ ۾ ليٺ وارو لڪ آهي جنهن جو نالو ان جي پر واري ٻني ”ليٺ “ تان پيو. ليٺ اهڙي ڏاڍي مٺيهاڻي زمين آهي جنهن ۾ برسات جي موسم ۾ پاڻي بہ گڏ ٿئي ٿو ،چوپايو مال اُتي اچي پاڻي بہ پيئي ٿو يا پاڻيءَ ۾ ليٽاڙو ڪري ٿو جيئن مينهون وغيره. سُڪيءَ ۾ بہ اها ليٺ موجود رهي گاڏهوءِ گهوڙائون مال اُن ۾ ليٽي پاڻ کي تازو توانو رکي ٿو. اهڙي طرح تراين جي پر وارا لڪ انهن تراين ۽ ڍهن جي نالن جي نسبت سان سڏجن ٿا جيئن ڍهي وارو لڪ، ليٽاڙي وارو لڪ، ڏنهي وارو لڪ. اهڙي طرح سموري ٿر ۾ لڪ موجود آهن جن بابت لکڻ جي بہ ضرورت آهي تہ انهن لڪن تي نالن جون تختيون لڳائڻ جي ضرورت آهي، جيئن تاريخي، ثقافتي، جاگرافيائي ورثي کي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ محفوظ ڪري سگهجي.



# رُت آئي وڻ موريا

فطرت جو ڦرڦو ڦرندو رهي ٿو پر ان جي ڦير گهر هڪ تہ مسلسل آهي ٻيو اڻ لکي ٿي اچي ٿي سو جڏهن ڪا وڏي چُرپر اچي ڪنڌ ۾ پوي ٿي تڏهن انسان اکيون کولي ٿو نہ تہ اگهور ننڊ ۾ پيل آهي. اگهور ننڊ ”ڪهف جي ڳُور“ وارن همراهن جي ننڊ آهي جنهن ۾ پاسي چورڻ کي بہ وقت لڳي ٿو.ان ڪانسواءِ ”اگهور “ ندي بہ آهي جيڪا هنگلاج ڏانهن ويندي واٽ تي اچي ٿي جنهن جو ذڪر ڀٽائي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. رُت ايندي آهي تہ سڪا وڻ ساوا ٿيندا آهن. سمورو وڻراهہ مورجي ايندو آهي. مورجڻ، ناسوئجڻ، پانگرجڻ وغيره اهڙا سهڻا ۽ نيٺ لفظ آهن جن جو ڪو بدل ئي ناهي پر ماڻهو اهڙڻ منن لفظن کي وساريندا وڃن ٿا ۽ اهي جديديت جي شوق ۾ پاڻ سُجاڻڻ کان پالهو هجڻ جي ڪري اهڙن من ميت ٻولن کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ڪارڙ لفظ ڪتب آڻي رهيا آهن. شايد انهن ٻوليءَ کي من جي درپن ۾ ڏٺو ناهي يا وري ڪاسٻي جي اکين کان ”سڄي “ ڳائٽي، يوسف فقير جي آلاپن کي ٻُڌو ناهي، جڏهن هو آڙهڙ جي مند ۾ بہ تاڙي جيان مينهن لاءِ تنواريندي، هن ريت ڳائي ٿو:

**رُت آئي بن موريا، سوڪا پانگريا،**
**چلو پپيها، اُن ڏيس نان، مارا ساجن سنپريا.**

اهو ڏوهو ڏيندي، جڏهن يوسف فقير روح مان رڙ ڪري ٿو تہ رُت اچڻ، وڻ مورجڻ ۽ سُڪلن جو پانگرجڻ نہ رڳو سولو سمجهہ ۾ اچي ٿو پر سمورو مانڊاڻ صاحب جي صورت جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو جنهن تي هر جيءُ موهت ٿي پوي ٿو. اهڙي من موهت مانڊاڻ کي ذهن ۾ رکي، لطيف سائين چئي ڏنو هو تہ...

**اڪيون ميگهہ ملار، صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو**

اهڙيءَ ريت رُت جو اچڻ، رُت جو بدلجڻ، رُت هٽڻ جهڙا لفظ به انساني تجربي جي وسعت کي ظاهر ڪن ٿا ته تجربي جو اهو چنڊ ڪٿان ۾ ڪڏهن ”ناسوبو “ هوندو. ناسيندي نگاهه ٿيڻ کي، لطيف سائين ته پرينءَ ڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿو پر چنڊ جو ناسوئجڻ، چنڊ جي ڪر مان نڪرڻ کان به اڳ شروع ٿئي ٿو ۽ آهستي آهستي اهو روشن ٿيندو ٿيندو اچي پورو چمڪي ٿو. اهڙي طرح ماحول ۾ تبديليون فطرت جي سرشتي ۾ ايندڙيون رهن ٿيون پر انهن تبديلين ۾ انساني ڇُرپُر جو اهم ڪردار به آهي. انسان جڏهن جڏهن مُٺ کان مٿي لُٽڻ لڳي ٿو ته پوءِ هو فطرت جي توازن کي به متاثر ڪري ٿو. موسمون به متجڻ لڳن ٿيون ته رُت تي شيون به نٿيون ٿين. اهڙيون انيڪ تبديليون، ايندڙيون رهيون آهن، اچي چُڪيون آهن يا وري اچڻ واريون آهن پر ماڻهو پنهنجي ڪرتوتن مان سبق حاصل نٿو ڪري. ماڻهو کي ئي عقل جو علم ڏيئي، چونڊ جو اختيار ڏيندي، پرک جي اهڙي ٻنيءَ ۾ لاٿو ويو آهي جنهن ۾ ڪيس پنهنجي امانت جو ڀرم به رکڻو آهي. انهي ٻنيءَ ۾ رهڻو به آهي ته ٻڙڪ ٻاهر به ٻاڦڻي ناهي. اهڙي ڪٺن ڪم کي ڏسندي، شيخ فريدالدين عطار فرمايو هو:

**درميان قعرِ دريا تخته بندم ڪرده اي،**
**يار مي گوئي ڪه دامن تر مکن، هوشيار باش.**

ساڳي خيال کي ڀٽائي سائين به ورجائيندي فرمايو هو ته ”مونکي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾ ... اُيا ايئن چون، مچڻ پاند پسائيين“. پاند پسائڻ جي اهڙي منع جي باوجود ماڻهو سمورا ڪپڙا نه رڳو پُسائيندو پر ڪارا به ڪندو رهيو آهي. ماڻهوءَ کي ڪير سمجهائي ؟ هو پنهنجيءَ تي اچي ته سمورا مذهبي، حڪومتي ۽ اخلاقي قانون هڪ ڌڪ سان ڀِتڪا ڪري، پنهنجي مفادن جو محراب ٺاهي، ان کي مٿو ٽيڪي ڇڏي. جيڪڏهن نه چاهي ته گهگير وهٽ جيان گههُ ڪري، اُٺ پيير ٺاهي بيهي رهي ۽ تيچ يعني



ننڍڙي ڳالهه تي به اڳتي نه وڌي. سو ماڻهوءَ کي ماڻهو پاڻ سمجهائي. باقي ٿيا وڃي ڪُل خير. جهڙين تهڙين سندس تريءَ تيل نٿو لڳي. اهڙي ريت هو پنهنجي ڪرت سان جيڪي ڪُڌا ڪم ڪندو آيو آهي تن موسمن جي رُت متائي ڇڏي آهي. سڄي دنيا ۾ هڪڙو ماحولياتي ٻڙڌڪ متل آهي جنهن کي دنيا ”گلوبل وارمنگ “ ۽ ”ڪلائيميٽ چينج “ جي براندن سان متعارف ڪرائيندي، نئين ڏنڌي جو نئون مارڪيٽ کوليو آهي. ٿر ۾ به موسمي تبديليون ۽ انهن جا پونڌڙ اثر هر شعبي ۾ نظراچن ٿا. ٿر جيڪو قدرتي پارڪ آهي ۽ اهڙو باراني خطو آهي جنهن جي ڀونءِ بناوت نياري ۽ پياري آهي. سمورين ڏکيائين باوجود هتي گاهن، ٻوٽن، وڻن ٽڻن، ولين ٻوٽن، جانورن، پکين، سُرڻ، وغيره جو هڪڙو گهاٽاگهاٽيءَ وارو جنسار رهندو آيو آهي پر آبهوائي ٻڙڌڪ ۽ موسمي تبديلين، هن علائقي جي ماحولياتي ڦونٽي ڦيري ڇڏي آهي. مٿان وري معدنياتي وسيلن کوٽائي ۽ ان سان لاڳاپيل انساني ڇُر پر انهن تبديلين کي تيز ڪيو آهي.نتيجي ۾ هاڻي رُت تي رُت ڪانه ٿي اچي. موسم تي مينهن ڪانه ٿو پوي. اڳي جيڪي وڻن جون هُڙيون ۽ جانسين هونديون هيون سي انهن موسمي تبديلين ۽ انساني آبادي وڌڻ ۽ حڪمراني جي ڪمزورٿيڻ سان ختم ٿي چُڪيون آهن يا گهٽجي وڃي ٿورڙي تعداد ۾ بچيون آهن.انيڪ جيت جڻا الوپ ٿي ويا آهن. جانور به اڻ لڀ ٿيندا پيا وڃن. باقي ڪاري مٿي وارو جانور حضرت انسان ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. سندس ڪرتوتن جي وسيع تر مفادن جو دائرو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. ڇري چاڪ، ڇي : ويراوير وڌ. وڻن ٽڻن ۾ ڪافي جنسون آهن جيڪي اڻ لڀ ٿينديون پيون وڃن ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا ڪارڙ وڻ وڌي رهيا آهن جيئن ڦوڳ، ڪانڪهه، ڳاڱي، موراڙي، ٻير، ٻائوري جهڙا وڻ ۽ ٻوٽا ختم ٿي رهيا آهن ته ديوي ٻوٽن جي ريلن کان وٺي سيمن جي سيني تي اُڳي، مُڱ

ڏري رهي آهي. سُرٽن ۾ ڪارو نانگ ۽ ڳاڙهو نانگ، ڏوڙ ٻلا، ٽڪلو ۽ اڳهه ڳوليا ڪونہ ٿا لڀن باقي لُنڊيءَ جون ڦوڦاڙون ڏڪارن ۾ بہ مارن کي متاثر ڪن ٿيون. وڇين جيڪا اڳي ڪاري هوندي هئي سا بجلي اچڻ ڪانپوءِ ڏينهون ڏينهن گيڙو ويس پائيندي پيئي وڃي. ”سٽتر“ گهتجڻ سان سائي سنباهي جا رنگ بہ جهڪا پئجي چُڪا آهن. جهنگلي جيوت ۾ هرڻ، ڦاڙهو روجهہ گهٽجي رهيا آهن. مٿان وري ماڻهوءَ جي هٿ ڇُراند نٿي وڃي جو هرڻ ۽ روجهہ جهڙن ڳوپ جانورن جو شڪار ڪن ٿا. ڪجهہ لالچ جا ماريل ڦوڳ اڄ بہ عمرن کي نيئندڊ ڏيئي، چند ٽڪن جي لالچ ۾ وٺي اچن ٿا ۽ ههڙي ڪُڪرم ۾ سهوليتڪار جو ڪردار ادا ڪندي، ڏرتيءَ تي معصوم ۽ بي زبان جانورن جو رت وهائين ٿا. ڪٿي ڪٿي مورن تي مار آهي يا وري انهن جا ٻچا وڪرو ڪيا وڃن ٿا. ان ڪم جي روڪٿام لاءِ قانون بہ هيٺو آهي پيو ان ڏس ۾ سفارشي ڪلچر بہ عام جام آهي. ڏسٽا وائسٽا ماڻهو انهي ڪُڌي ڪم ۾ پڪڙيا ويا آهن پر قانون جي ريشمي رسيءَ ۾ ٿوري گهٽي ۾ پنهنجي جان ڇڏائي وڃن ٿا. رُت اچڻ تي تہ هاڻ ”گگرال“ جي وڻ جو بہ اهو اوج نہ رهيو آهي جيئن ماضيءَ ۾ هوندو هو. ڪو خدائي غضب پوي انهن ماڻهن تي جن هن وڻ کي ٽُڪي، ڪيميڪل لڳائي، ترت تڪڙو گگر ڪڍي، راتو رات شاهوڪار ٿيڻ جي هٻچ جي گهوڙي تي چڙهي جيئن جهنگلي جيوت کي تباهہ ڪيو ايئن پارڪر مان لنگهندڙ خوارزم شاهہ بہ علائقو تاراج نہ ڪيو هو. مينهن جي موسمن بہ پنهنجي رُت مٽائي ڇڏي آهي. ڪنهن وقت جيڪو جيٺي مينهن مئي جي مهيني ۾ پوندو هو سو جون جو سير ڪندو، جولاءِ کان لنگهي اچي، آگسٽ تي ڪڏهن پهچي ٿو. شايد رُت کي اها خبر پيئي آهي تہ هتي آفتزدگي جو اعلان ڪرڻ جو مهينو آگسٽ آهي سو انهي مهيني ۾ وسي مون سون ميار لاهي ڇڏي ٿو. موسمي ٻڙڏڪ جي



ڪري هاڻي ڪابہ لهڻ سان برسات نٿي ٿئي. نہ ئي ٻڪرال ٻهڪا ڪري، ڪٿون ٽپڙ ڪٽائڻ تي ڪنهن کي مجبور ڪري ٿي. بس ڏڙچڙڪ وسڻ شروع ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ وٺو تہ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ يا سيم تي. ايئن تہ اسوءَ ۾ اوهيرا ٿيندا هئا. ٻڍي جا ٽڪاءَ بہ مانا ٿي ويا آهن جن ٽڪائڻ سان نہ رڳو ڪنيپيون زمين مان اُڀڙڪا ڏيئي نڪرنديون هيون پر اڪن جا پن بہ اهڙا وڏا ۽ سهڻا ٿيندا هئا جن کي ”ڍيلون“ سڏيو ويندو هو. ٻاجهر جي فصل پچڻ کي سٺ ڏينهن جو دورانيو گهربل آهي. ان کان گهٽ ڏينهن ۾ ٻاجهر پچي نہ سگهندي آهي. هر فصل جي پچڻ جي بہ پنهنجي رُت آهي. رُت جو رنگ موسم جي سنگ آهي، جنهن ۾ سڀ رنگ شامل آهن. گذريل سال مينهن موڪل ڪئي هئي پر هن سال ٿر ۾ مينهن جي رُت جاڳي آهي. ميگهہ ملاريءَ پنهنجي مهما ڏيکارڻ شروع ڪئي آهي. برسات شروع ٿي آهي جنهن سان ماڻهن ۾، چوپائي مال ۾، جهنگ ۾، جهنگلي جيوت ۾ سرهائي آئي آهي پر ان سان گڏوگڏ گئوچرن تي قبضي ۽ ٻنين جي سيڙهن سنڌن تي جهيڙن جون خبرون بہ ٻُڌجڻ ۾ اچن ٿيون يا اخبارن جي زينت بنجن ٿيون. جتي فطرت سان پيار ڪندڙ ماڻهن جي ٿر ۾ ججهائي آهي تتي فطرت کي متاثر ڪندڙ ڪُڏا هٿ پُڻ موجود آهن جن کي ڪنهن موسم يا رُت جي پرواهہ ناهي پر انهن جي موسم مفادن جي موسم آهي. انسان جڏهن مفادن جو غلام بنجي ٿو تہ پوءِ ڪائنس فطرت جي حسن جون سموريون موسمون ڇڏائي وڃن ٿيون ۽ هو هٻچ جي هاويءَ ۾ هڃي، هيٺان هيٺ هليو وڃي ٿو جتي ڪيس بچائڻ لاءِ ڪنهنجو بہ هٿ پير نٿو لڳي.

# ڏڙم ڏونگر ڏيهه

ٿر جي ڌرتي، واريءَ جو وڇاڻو ته آهي پر ڀٽن ڀري هيءَ ڀونءِ انسانن توڙي چوپائي مال جو پرم پڙ آهي. ٿر ۾ هاڻي برسات جي مند آهي. ڪڪرن قطارون لاڏ مان لڏي لمي، اُڀ ۾ نظارا پسائي رهيون آهن. سٽائو واءُ جيئن ئي وري ٿو تيئن بادليئو برسي ٿر جي هرڻ اُڃاري ڌرتيءَ جي اُساٽ لاهي ٿو. ان تناظر ۾ اچو ته ڏسون هن وقت ٿر ۾ ڌرتيءَ جي نسبت سان ڪهڙيون حالتون آهن ؟ ٿر جي ڌرتي جا ڪهڙا ورق ۽ ورن آهن ؟ ٿر جي ڌرتيءَ کي ڪهڙيون فوري للڪارون درپيش آهن ؟ انهن للڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺڻ گهرجن؟ وغيره. ٿر جي ڌرتيءَ کي مينهن پوڻ سان ترت ۽ ان کان ٿورو اڳ جيڪو خطرو درپيش آهي اهو آهي غير ضروري پوکجڻ جو. جنهن سان ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ڏينهون ڏينهن متاثر ٿيندو پيو وڃي. ٿر ۾ وارياسو علائقو، مٿيهاڻو پٽ، لوڻاٺي زمين، ڪارونجهر واروجابلو ڇپر شامل آهن .واريا سي ڀاڱي کي ٿر سڏيو وڃي ٿو ته وريءَ مٿيهاڻو ڀٽن ڪانسواءِ پٽ آهي جنهن کي پارڪر ڪوٺيو وڃي ٿو. رڻ جي ڪنڌيءَ سان لڳندڙ علائقو ”وٽ “ کاري پاڻيءَ جو ڪنارو آهي ته وري مٺي پاڻيءَ يعني سنڌوءَ جي ڀيچ واري علائقي سان لڳندڙ علائقو ”ڪس“ آهي. سنڌ جي ڀيچ واري علائقي ڏانهن ويندي جيڪو ان اڳ ۾ علائقو اچي ٿو سو ”مهراڻو “ آهي يعني ”اڳ ۾ ايندڙ “. ڪس اڳتي هلي جتي مٺي پاڻيءَ جي علائقي سان اچي ٻکجي ٿو ۽ درياهه ونگ ڪري ٿو سو ”ونگو“ آهي. مهراڻي جي ڏکڻ اولهه ۾ ۽ وٽ جي اُت اوڀر ۾ سامروٽي آهي. سامروٽيءَ جي ڏکڻ ۾ ۽ پارڪر جي اتر اولهه ۾ ”ڀائر آهي. مهراڻي جي ڏکڻ اوڀر ۾ ڍٽ جي اولهه ۽ ڀائر جي اتر اولهه ۾ ”ڪنٺي “ جو علائقو آهي. ”ڍٽ “ جي اُتر ۾ ”ڪاٺڙ آهي. انهن علائقن ۾ جر جو پاڻي به الڳ



الڳ اونهائيءَ سان آهي تنهنڪري انهن جو ڀونءِ مٿاڇرو به الڳ الڳ آهي. مثال طور وٽ واري علائقي ۾ پاڻي مٿاڇري کي ويجهو آهي ته ڍٽ ۽ ڪاٺڙ ۾ پاڻي اونهو آهي.

ٿر پنهنجي فطري مزاج ۾ مالوندي علائقو آهي جنهن ۾ چراگاهي زمين جي تمام گهڻي اهميت آهي. پوکي ڪري زمين کيڙڻ جي گهٽ اهميت آهي ڇاڪاڻ ته پوک ته رڳو برساتن پوڻ ڪانپوءِ ڪئي ويندي آهي ۽ ان مان ڪا ايڏي وڏي اُپت به نٿي ملي پر مال پالڻ جي ڪرت ٻارهوئي جاري رهي ٿي ۽ ان مان اُپت به وڏيڪ ٿئي ٿي. هن وقت به ٿر سنڌ صوبي جو ججهي مال وارو ضلعو آهي. ٿرجو ڀهرين جيڪو حصو آباد ٿيو اهو پارڪر آهي ڇاڪاڻ ته ان جي زمين سنئين سنواٽي ۽ مٿيهاڻي آهي. ڀهريائين آباد به اهو ئي علائقو رهيو آهي ڇوته ان خطي سان سمنڊ لڳندو هو جتي جهازراني ٿيندي هئي ۽ راهومڪي بازار کان وٺي پاري نگر تائين ڀريا تريا شهر آباد هوندا هئا. اڳتي هلي ٻيا علائقا به آباد ٿيا. ٿر ۾ جيئن آبادي وڌڻ لڳي ته انهن پنهنجي ضرورت مطابق زمين کيڙڻ شروع ڪئي. کيڙيءَ جو ڪم وڌندو رهيو تان جو برطانوي ٻينڪيت دوران ان ڪم کي منظم ۽ باقاعدي بنائڻ لاءِ سروي به ڪئي ويئي. شروعاتي دور ۾ جڏهن ٿر پرڳڻي جو عملدار ڀُڄ ۾ وهندو هو ته ماڻهو رڳو ان جي ڪري به زمين پنهنجي نالي نه ڪرائيندا هئا جو کين چل ڀيئارڻ يا زمينات جي ٻئي ڪم ڪار لاءِ وڏا ڪشالا ڪٽي وڃڻو پوندو هو. انهي سروي ۾ زمين جي ڪٽت واري ڪم کي منظم ڪيو ويو ۽ تلين جا رجسٽر ٺاهيا ويا جنهن ۾ زمين جي حد نشانن کي نروار ڪندي، مالڪاڻي حق کي به محفوظ ڪيو ويو. ”تلي “ زمين جو پوکي لائق اهو وچ وارو زرخيز ٽڪرو هو جنهن کي مالڪاڻي حق سان کيڙيندڙ جي حوالي ڪيو ويندو هو پر ان جي آس پاس واري زمين پوکڻ جي اجازت نه هوندي هئي. ان زمين کي آسائش سڏيو ويندو هو جيئن ان زمين ساڳي مالڪ جو چوپايو مال پڙ چري سگهي. ترايون،

ڍها، ٽوپا، ليٽاڙا، گئوچر ۽ اجهور سڀئي گڏيل آسائش هوندا هئا جنهن تي سموري آباديءَ جو هڪجهڙو حق هوندو هو ۽ انهي گڏيل آسائش کي وڏي احترام سان ڏٺو ويندو هو ۽ رکوالي ڪئي ويندي هئي. جيڪا سرڪاري زمين پيئي هوندي هئي ان کي به ڪير ويجهو نه ويندو هو ڇاڪاڻ ته حڪومتي هڪل کان هرڪو ڪن هٽندو هو. انهي ردعمل ۾ ان زمين کي ”ڪاري زمين “ ڪوٺيو ويندو هو. ڪٽت هيٺ مليل انهن تلين ڪانسواءِ جيترو به پونءِ مٿاڇرو هوندو هو تنهن جي رکوالي چراگاهه طور ڪئي ويندي هئي. مڙهن جا پاساڙا، نوٽن جا پاساڙا، ڏرڙ ڦنگهه، ناڪون، ڳاٺ، اوڇاها، گوڇارون، تڙڪول، مگريا وغيرهه وسڪاري ۾ گاهن جي گلزاريءَ جا گج پهري، لاڏيون ٿي پوندا هئا ۽ منجهن بيٺل وڻ به سگهارا ۽ گهاٽا ٿيندا هئا. اهي وڻ نه رڳو مال جي چاري جو چارئي مندون پورائو ڪندا هئا پر اقتصادي سرگرميءَ ۾ به ڪم ايندا هئا. ڪيڙاپ زمين کي ”پورچ “ سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي آسپاس پيل ”اڪڙ “ زمين اهڙي واهر پري وٺ هوندي هئي جنهن ۾ سيني جو پرم هوندو هو. ڪيڙجندڙ زمين کي به ڪجهه سالن کان نئون ڪرڻ لاءِ مٿائي پوکبو هو جيئن ان جي زرخيزي برقرار رهي. زمين جي قاعدن قانونن تي سختيءَ سان عمل ٿيندو هو. انگريز عملدارن ديهه جا جيڪي اوٽيهه فارم جوڙي ترتيب ڏنا هئا انهن ۾ اهڙو چڪاسي طريقو رکيل هو جو ڪوئي ڪنهن سان بيواجبي ڪري نه سگهندو هو يعني ڪير ڪنهن جي زمين ڦٻائي نه سگهندو هو نه ئي ان جو ڪاتو تبديل ڪري سگهندو هو. جيڪو ماڻهو ڪٿي غيرقانوني پوکي ڪندو هو ته ان تي ڪارراوئي ڪندي، حد جو مختيارڪار انون فارم پرم پري، ڏنڊ وجهڻ سان گڏ جوڳي سزا جو حڪمنامو جاري ڪندو هو. اهو عمل اهڙو ته سخت هوندو هو جو اڄ تائين اهي زمينون انين فارم جي نالي سان سڏجن ٿيون جن تي ڪنهن وقت ڪاروائي ٿي هئي. هن وقت هڪڙوئي فارم هلي ٿو اهو جنهن جي ڪيسي ۾ آهي سو هر فارم تي



پنهنجو نالو لکرائي مالڪ بنجي وڃي ٿو. اڳي ڪنهن کي به اها جرئت نه ٿيندي هئي ته آسائش واري زمين يا ڪاري زمين کي ويجهو وڃي. ڪنهن کي پوکي ڪرڻي هوندي هئي ته اهو پنهنجي سروي ٿيل زمين جي لهوارئين سطح واري پاسي ٿورڙو حصو پوکيندو هو جنهن کي ”پاٽي ڊوڙ “ چيو ويو ويندو هو. ان حصي تي ٻئي ڪنهن جو حق نه هوندو هو. ان ريت اها هڪ سالي پوک اڳتي هلي رف سروي جو حصو بنجي، چرخ شماريءَ تي چڙهندي هئي ۽ ڪليل ڪچهرين وسيلي ان جو مالڪاڻو پٽو به ڏنو ويندو هو. هاڻي ته بازار بنگلي کان به اڳتي ٽپي، ماڻهن جي ڪيسي کي خالي ڪري، وڃي دماغ ۾ واسو ڪيو آهي ۽ زمين جو ڪوئي حصو آسائش نه رهيو آهي جيڪو حڪومتي هاٿڻ جو من وڻندو آهي ان جي نالي اهڙي آسائش چڙهي وڃي ٿي ڇاڪاڻ ته ٽپيدار، مختيارڪار، ڪان وٺي وڏن ڪامورن تائين تبادلي ۾ اهي سياسي ماڻهو ايترا ملوث آهن جو سندن آشيرواد سٽيي ذميواريءَ جي ضامن آهي ۽ سندن ناراضگي رلائڻ ڪان ويندي، واندي وهارڻ تائين جا تحفا ڏئي ٿي. ٿر ۾ به برسات جي مند جي امڪان سان وڻ وڍجڻ شروع ٿين ٿا. ماڻهو نه رڳو تلين ۾ ”سوڙهه “ ڪن ٿا پر سوڙهيندي سوڙهيندي ”ڪير “ تائين وڃي پهچن ٿا. ڪوئي ڪانئن پڇڻ وارو ناهي. ترائين، ڍهن، ٽوپن، گئوچرن، ليٽاڙن جي آسائشن کي ڏينهون ڏينهن ختم ڪيو پيو وڃي پر ڪير به ڪانئن نٿو پڇي يا ڪا نه ضروري قانوني ڪارروائي نٿي ٿئي. زمين جي ان بيدرديءَ سان واهپي، سموري ماحول کي متاثر ڪيو آهي. اڳي وڻ وڍڻ تي قلم 144 ذريعي پابندي هٽي ڪارروائي ڪئي ويندي هئي يا عام طور سائو وڻ نه وڍيو ويندو هو يا ضرورت لاءِ وڍڻ لاءِ حڪومتي عملدارن ڪان پروانو وٺڻو پوندو هو پر هاڻي ته وڻن جي واڍيءَ جي ٺيڪيداري ٿي هلي جنهن جو وڏو مثال گگرال جي ٽُڪ آهي. سماج جا معتبر سڏائيندڙ ڪيئي اڃا هٿ انهي ڪُڏي ڪم ۾ سڏيءَ ريت يا اڻ سڏيءَ ريت شامل آهن.ايئن نه هجي ها

تہ گگرال جو اُڏيڙ نہ ٿئي ھا. ھاڻي اڇو ڏسون تہ زمين جي سار سنڀال واري ڪم جو ڪير ڪندو ۽ ڪيئن ڪندو؟ ڳوٺن جي ماڻھن کي ”ڀُونءِ ڀرم “ ڪاميٽيون ٺاھي، منظم ٿي، ڌرتي کي بچائڻو پوندو. اھي ڪاميٽيون ڳوٺ جي سڀني طبقن جي ساڪيلن نمائنده فردن تي مشتمل ھئڻ گھرجن جن ۾ ٻار ۽ عورتون بہ شامل ھجن. اھي ڪاميٽيون غيرقانوني ڪٽرندڙ زمين جي نشاندھي ڪندي، پھرين انھن کيڙيندڙن کي رضاڪاراڻي نموني آمادہ ڪن تہ اھي اھا زمين نہ پوکين. جيڪڏھن ڪير ڳوٺاڻي تنظيم جي ڳالھہ نہ مڃي تہ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سميت سمورن واسطيدار عملدارن جو ضروري قانوني ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڌيان ڇڪائين. اڃا بہ جيڪڏھن اھي عملدار ڪنھن ڪارروائيءَ کان لنوائين ٿا تہ ٻين با اختيار ادارن جي وس وارن تائين اھا ڳالھہ پھچائين. زمين اسان سڀني جو ڀرم آھي جنھن کي بچائڻ، جنھن جي سار سنڀال ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آھي. سماجي ٻڌيءَ ۽ سماجي دٻاءَ وسيلي دنيا جا وڏي ۾ وڏا ۽ ڏکئي ۾ ڏکيا ڪم بہ ممڪن آھن. حڪومتي عملدارن کي ان ڏس ۾ عوام جو سھڪارحاصل ڪندي، ڀونءِ جو ڀرم رکڻ لاءِ قانوني قدم کڻڻ گھرجن جيئن ٿر جي ڀرم ڀريءَ ڀُونءِ کي بچائي سگھجي.

**ڏڙ ڏونگر ڏيھہ، وچڙين رات وسائيا**

(خواجہ محمد زمان)



## ڄارين منجھہ ڄاياس

ٿر جي ماحول سان ٺھڪندڙ جيڪي وڻ آھن تن ۾ ھڪ اھم وڻ ڄار جو وڻ آھي. ٻوٽائي بادشاھت جي ترتيب Brassicales جي ڪٽنب salvadoraceae جي جنس ايس پرسيڪا طور فرانسيسي ماھرنباتات لورينٽ گارسن پاران 1749 ۾ نباتات جي درجي بندي ۾ نروار ڪيو ويو جيئن تہ ھن ٻوٽي جو نمونو فارس مان مليو ھو تنھنڪري ان کي پرسيڪا سڏيو ويو. ڄار جو وڻ ٿڙدار وڻ ۽ جانس جي صورت ۾ ملي ٿو. ٿر ڪانسواء، ڪس، ڪاڇي، روھي ۽ ٻين وارياسن پٽن، مشرق وسطي، ۽ آفريڪا ۾ ليندڙ سدا سائو رھندڙھي وڻ انتھائي ڪارائتو آھي. ٿر ۾ ھن وڻ جي ٿڙدار وڻ کي ڄار (مونث) ڪوٺيو وڃي ٿو جڏھن جانس واري جھاڙيدار اوپڙ کي ´ڪٻڙ` (مذڪر) چيو وڃي ٿو. ريٽاس ۾ ٿيندڙ ڄاريون منيون ٿيون پر نھري علائقن ۾ ٿيندڙ ڄاريون ڪاريون ٿين ٿيون. ھن وڻ جو قد ڇھہ کان ست ميٽرن تائين ٿئي ٿو. ٿڙ تي ڇوڏو ٿئي ٿو جيڪو وقت گذرڻ سان لھندو رھي ٿو. پاڙ تي بہ اڇي کل ٿئي ٿي. پنن پاڙ ۽ ڪاٺي جي سھائيدڙ سواد واري ھن وڻ جي ميوي کي ´پيرون` چوندا آھن.

پيرن جو مرحليوار عمل ٻور کان آرھڙ جي ڏينھن ۾ شروع ٿئي ٿو. ٻور ڪڪڙ ۾ تبديل ٿئي ٿو ۽ ڪڪڙ ۾ پاڻي پئي ماچڪ ٿئي ٿو جيڪو ڪجھہ ڏينھن ڪانپوء پڃي پيرون ٿئي ٿو. انھي سموري عمل کي چاليہ پنجاھ ڏينھن لڳي وڃن ٿا. پيرن جا بہ مختلف رنگ ۽ نالا ٿين ٿا. ڳاڙھي رنگ جا ٻير ´رتيا ` چورائين ٿا. ھلڪي ڳاڙھي رنگ وارا کھنبيا سڏجن ٿا. آف وائيٽ ۽ پيلا وري سيڙھيا سڏبا آھن. جيڪي ڄاريون ٻانڏڙھونديون آھن تن جا پيرون ٽاري سان ڇھٽل ھوندا آھن ۽ آساني سان ڇڄي نہ سگھندا آھن. ماڻھو انھن کي چونڊڻ کان پاسو

ڪندا آهن. پيرون ڏٿ ۾ شمار ٿين ٿا تنهنڪري انهن جو چوندڻ ڪنهن وقت ڪل وقتي سرگرمي رهيو آهي. مرد عورتون ٽولا ٺاهي پيرون چوندڻ ويندا هئا. چيله تي لوٽو ٻڌي ڄار تي چڙهي وڃبو آهي ۽ لوٽو ڀري لهي اچي ڪاري ۾ پيرون ٺلائبا آهن. جڏهن ڪاريون ڀربيون آهن تہ واپس موٽبو آهي. پيرن چوندڻ دوران خاص قسم جي يادگيرين جا گيت ڳايا ويندا آهن جن کي ڏورڪين چوندا آهن. اهي ڏورڪيون جڏهن ڪنواريون ڇوڪريون ڳائينديون آهن تہ سندن درد ڀريا سر متحرڪ ۽ مضطرب دلين کي جنهوڙي وجهندا آهن ۽ اکين جا بند پڃي پوندا آهن. واٿهڙو بہ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهندو آهي. پيرن کي ترت ڪٺڻ ڪانسواء انهن مان ڳڙ ٺاهيو ويندو آهي جيڪو بهترين رسدار جام آهي. چوپايو مال بہ پيرون شوق سان ڪائيندو آهي. ان ڳانسواء پيرون سڪائي ڪوڪڙ ڪري رکيا ويندا آهن جيئن انهن کي مند مٽڻ ڪانپوء بہ واپرائي سگهجن.

ڄارين جي ڪاٺي ٻارڻ ۽ گهريلو جوڙجڪن ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. ڄار جي ڪاٺي سُتدار هجڻ جي ڪري چيڙهي ٿئي ٿي ۽ ان کي جلدي اڏوهي بہ نٿي کائي. ڄار جي عمر بہ ڪافي وڏي ٿئي. وڏي عمر وارين ڄارين جو ٿڙ ٿي پوي ٿو آهستي آهستي وچ مان پورو ٿي ڊوڊار بنجي وڃي. اهڙن ڊوڊارن ۾ اڳهون رهن ٿيون. چيو وڃي ٿو تہ انهن سان ٻي نسل جا نانگ بہ لڳ ڪن ٿا تہ انهن مان ٻسر نانگ يا ڪوراڙون پيدا ٿين ٿيون. اهڙين پراڻين ڄارين کي ´ڍُهيون` ڄاريون سڏيندا آهن. جتي بہ ڄاريون نہ رڳو گڏ ٻيلا هونديون آهن پر پاڻ ۾ جڙيل هونديون آهن تن کي جاڙيون ڄاريون سڏيندا آهن. ڄار جي ٽارين ۽ پاڙن مان بهترين ڏندڻ ٺاهيا ويندا آهن. ڄارين جي پنن کي سڪائي انهن کي ساڙي هڪ رڳڙي ٺاهي ويندي آهي جنهن کي پاهه چوندا آهن. اها پاهه ´گر` يعني ڪاڄي وارين اٺين کي هڻبي آهي تہ مرض ڇڏي ويندو آهي. جهنگ ۾ ٻيلا ڪي ڄاريون اهڙيون بہ



هونديون آهن جن جي ويجهو ويهڻ سان ڪاٺوٽ جي بوء ايندي آهي يا ڄاڻ پڇندڙ ماني سڙي رهي هجي. ڄارين جا پن ڇٽڻ سان ٻنين جي زرخيزي وڌندي آهي ۽ گهرن ۾ يا مال جي واڙن وٿاڻن ۾ ڇانو لاءِ پوکيو ۽ سنڀاليو ويندو آهي. اٺ ڄار کي شوق سان کائيندو آهي. ڄار ٻڪرين جو بہ سٺو چرڻ آهي. ٿر جو هي سائو ڍائو مٿو ۽ ٿڌو وڻ قدرت جي غنيمت آهي جنهن جي سنڀال رک ۽ رکوالي ڪرڻ گهرجي

# اڄ پُڻ اُتر پار ڏي

ٿر ۾ مينهن جي مند سرهائيءَ جي مند آهي. انهي مند کي مان سون يا چئوماسي جي رُت چيو ويندو آهي. هن رُت جا پنهنجا نرالا روپ آهن جن سان لاڳاپيل لفظ توڙي اصطلاح ڪنهن دلچسپيءَ کان خالي ناهن.چئوماسي جي رُت شروع ٿيڻ کان اڳ ڳٽپ شروع ٿي ويندي آهي. پيرون پڃي پراڙو ڪندا آهن. پيرن جو چوندو شروع ٿيندو آهي ۽ پيرن جي پڃاٽي اچي ٿيندي آهي .انهن ڏينهن ۾ هڪڙي تيز هوا لڳڻ لڳندي آهي جنهن کي ”آڪري مگسر“ لڳندي آهي جنهن سان سمورا پيرون ڇڻي ويندا آهن. وڏو وايو نندي وايو هلندا آهن. روهڻ جو نکٽ تپندو آهي. آڍ جي نکٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن برسات پوندي آهي. ڪنهن زماني ۾ اڳاٽا مينهن پوندا هئا جنهن لاءِ ”جيني مينهن “ جي ”پوٽينيءَ جي پُٽن“ سان پيٽ ڪئي ويندي هئي يعني جيني مينهن پوڻ کي ايئن سمجهيو ويندو هو جيئن شادي ٿيڻ کان پوءِ پهريون پٽ ڄمي. مرداڻي سماج ۾ پٽ جي اها اهميت نہ رڳو اسان جي سماج ۾ پر دنيا جي اڪثر سماجن ۾ رهي آهي ڇيو تہ پٽ سان اقتصادي اهڃاڻ بہ ڳنڍيل آهي.هاڻي تہ برساتن پوڻ جي طور طريقي ۾ تبديلي آئي آهي. اڳي اُتران ”لهڻ “ اُٿندي هئي، ”ڀڪرار ڪنوڻ “ ڀهڪا ڪندي هئي تہ مينهن ايندي ويرم ئي نہ ڪندو هو پر هاڻي ميگهہ ملاريءَ جو مُک مٽيو آهي ڪڏهن ڏڙڪ ڇڙڪ پوي ٿي تہ ڪڏهن وري بادل بس ئي نٿا ڪن تہ ڪڏهن کهڙي طرفان وسي پيئي تہ ڪڏهن ڪٿان کان وسي پيئي. پهرين برسات کان اڳي ”وانئر“ ايندي هئي چاڪاڻ تہ خشڪيءَ ۾ پيل ڪک پن هوا جي داٻ سان مٽي کڃي اُڏامڻ لڳندا هئا تہ اهي مٽي آسمان ۾ ڏوڙسري رنگ جي صورت ۾ نظرايندا هئا. اها وانئر جڏهن تيز هوندي هئي تہ ان ۾ ڪاراڻ وڌنڌي



هئي جنهن کي ”ڏوڙ“ سڏيو ويندو آهي ۽ وانئر کي ”انڌڪي وانئر“ ڪوٺيو وڃي ٿو. ڀڪرار ڪنوڻ اُتر مان ٿيندڙ ڪنوڻ کي سڏيو ويندو هو. هميشہ ٿر ۾ چئوماسي جون برساتون اُترمان ئي شروع ٿينديون هيون:

**اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي چوٽي،**
**منداٽي مينهن جي ڪنوڻ ناهي ڪوٽي**
**آءُ لالڻ موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا**

♦♦♦

**اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪڪر ٿو ڪري**
**روضي پاڪ رسول جي، پلٽيو پٽ پري**
**وڃن ساڻ وري، تہ سنگهارن سُک ٿئي**

مينهن جو پهريون اهڃاڻ اُپ ۾ تتر ڪرڙي آهي. ان کان سواءِ هڪڙي سنهي ”پڃ“ بہ طرفي پيئي هلندي آهي جنهن کي ”ٻُتڙ“ چوندا آهن. چنڊ جي چوڌاري ”ڪُونڊاريو“ نهڻ ۽ چنڊ جي ڪنارن تان ”جرهيڙي“ جو نهڻ بہ مينهن اچڻ جا اهڃاڻ آهن.مينهن پوڻ جا بہ نرالا انداز آهن. لهڻ مان جتان وسڻ شروع ڪندو آهي تہ ڏارون نظر اينديون آهن جن کي ”ڏاروڙا“ چوندا آهن. مسلسل ڪٽي مينهن وسندو رهي اُتان اڳتي پوتي نہ ٿئي تہ ان کي ”نِهو ٻڌي وسڻ“ چئبو آهي. ڪڪرن جا بہ انيڪ قسم آهن. ”پڃَ“ سنهو ڪڪر آهي جنهن مان وري ننڍڙيون ننڍڙيون ڪڪريون پاڻيءَ سان پرجن ٿيون تہ انهن کي پهرين پاڻيهاريون پوءِ ڇمريون ۽ ڇمر چوندا آهن. مينهن مند ۾ جتي بہ ڇمر ڇهي پوندو آهي تہ تل ترايون تار ڪري ويندو آهي. ڪارا ڪارا پاڻيءَ سان پريل ڪڪر ”ليڙ “ چورائيندا آهن. برسات جو پاڻي جيڪو پاڪ ۽ مقطر پاڻي آهي جيستائين ڌرتيءَ جي فضا ۾ اچي هوا ۾ موجود غلاظتن سان لُڙاتجي نٿو تيستائين اهو انجيڪٽيبل يعني سُئي ۾ استعمال ڪرڻ جهڙو هوندو آهي. ان پاڻيءَ کي ”پلر“ چئبو آهي.ترايين ۾ تاروتار پلر هوندو آهي ۽ اهو هوا لڳڻ سان صاف بہ ٿي

ويندو آهي تہ ان جو ذائقو وڏيڪ سٺو محسوس ٿيندو آهي، اهڙي پلر کي ”سسو پلر“ يعني نج پلر چوندا آهن.

پلر پاڻي آبادين ۾ تہ جن هيناهن هنڌن ۾ گڏ ٿيندو آهي تنهن کي ”ريل“ چوندا آهن پر گهرن جي ويجهو ننڍڙا ”ٽوپا“ هوندا آهن جيڪي پرجي ويندا آهن پر انهن ۾ پاڻي گهڻو وقت نہ بيهندو آهي. ٽوپي کان وڏو نياڻ يعني پلر پاڻيءَ جي گڏٿيڻ جو هنڌ ”ڊهو“ آهي. ڊهي کان وڏي ترائي آهي. ڪٿي ڪٿي ڪن ڏهرين جي زمين ويڪري هوندي آهي تہ اتي بہ پاڻي بيهندو آهي. ترائين جي پرم ماهي مال لاءِ جيڪي پاڻيءَ جا تلر آهن تن ”ليٽاڙو“ چوندا آهن. برسات جيئن وسندي آهي تہ ٿوري اساڪريءَ کان پوءِ ”بخملي“ جسم وارا ڳاڙها جيت نڪرندا آهن جن کي ”مينهن جا ماما“ ۽ مينهن وساڙا “ چيو ويندو آهي. اهي جيت رڳو تازي اُتل ڌرتيءَ تي نظرايندا آهن ۽ هڪ بہ ڏينهن هوندا آهن پوءِ نظر نہ ايندا آهن. مينهن پوڻ سان ٻئي ڏينهن جيئن اُس لڳندي آهي تہ ”ڪُنيپون“ ڦٽي پونديون آهن پر بدي جي مهيني ۾ ڪنيپون وڏيڪ ڦٽنديون آهن ۽ اکن ۾ وڏا وڏا پن لڳندا آهن جن کي ٻار ”ڊيلون“ چوندا آهن. بدي ۾ ٽڪاءَ بہ وڏا ٿيندا آهن. ڪنوڻ ڪنوندي آهي گوڙ ٿيندي آهي جنهن دوران روشنيءَ جي ليڪ اُڀ تي نروار ٿيندي آهي تنهنکي ”سيلهو“ چئبو آهي. گهڻن ٽڪائن ۽ ڪنوڻ دوران جيڪي ڌنار پنهوار جهنگ ۾ هوندا آهن سي ڪليل ميدان ۾ بيهي رهندا آهن ۽ وڻ هيٺ بيهڻ کان پاسو ڪندا آهن ڇاڪاڻ تہ وڻ تي ”وِڄُ“ ڪرڻ جو انديشو هوندو آهي. ڪڪر وسي وسي جڏهن بس ڪرڻ وارا ٿيندا آهن تہ بوندو سنهيون ٿيڻ لڳنديون آهن يا وري سنهين بوندن سان مينهن پوندو رهندو آهي جنهن کي ”جُهڙُ“ چوندا آهن. جهڙ جيئن انهن جا نيڻ جهمندا آهن جن جا پرين اکين کان پري هوندا آهن. اهڙو جهڙ جنهن مان روشني تہ نظر اچي پر سج نظر اچي تنهن کي ”سرلو“ چوندا آهن. اهڙي مانداڻ ۾ هڪڙا لڳهہ پيا ايندا آهن



وسي اوڪامندا آهن تيستائين ٻيا چمر ڇُهڻ لاءِ تيار نظرايندا آهن. آڙنگ ڪڄندو آهي تہ مينهن پئي ڏانگڙو نهندو آهي ۽ قوس قزح جي رنگن سان اُڀ جي ونڪ تبديل ٿي ويندي آهي. اندلٺ کي ڏسي ماڻهو چوندا آهن تہ هاڻي اُساڪري ٿيڻ واري آهي. ان ريت ميگهہ ملاريءَ سان سوين شيون لاڳاپيل آهن جن جو وڏو وستار آهي. خليفي نبي بخش جي ٻولن ۾........

**جهڙ ڦڙ جهور جهڪور سج سرلي ڊڪيو**
**قاسم اُتر پار ڏي، ڪڪر ڪاريءَ ڪور،**
**چڙهي ڏونگر چوٽيين، ڪن ٿهوڪا مور،**
**اُٺو آب اتور، ڊٺ پٽ کهنبا ڊڪيا.**

## هارين هر سنڀاهيا. . .

جُڳن کان چئوماسي جون موسمون ننڍي کنڊ ۾ برکا ڀاري کنديون آيون آهن جن جو ٿرتان گذر ٿئي ٿو تہ ٿر ۾ ميگهہ ملهاري ٿي ويندي آهي. ڪڏهن سڄو ٿر وسندو آهي تہ ڪڏهن ڏڙڪ ڇڙڪ برسات ٿيندي آهي. هارين هر سنڀاهيندا آهن. ٻنيون پوکبيون آهن. اهو چوماسي وارو مينهن جيٺ جي مهيني ۾ آڳٽ پوندو آهي تہ ان کي سنڌي پهاڪي ۾ پوٽيني جي پٽ سان پيٽيو ويندو آهي. هاڻي آبهوائي ڦڙڦار جي مينهن وسڻ جي ٽائيم ٽيبل ۾ فرق آيو آهي. ٿر ۾ مينهن جو هڪڙو ڪئلينڊر آهي جنهن ۾ مهينن کي پندرهن ڏينهن جي پکن ۾ ورهائي ڳڻپ ڪئي ويندي آهي.پيرون پڇندا آهن انهن جو چاڻو جنهن تيز هوا سان ٿيندو آهي تنهن کي مگسر چوندا آهن ۽ مگسر کانپوءِ آڊ جو پک شروع ٿيندو آهي. آڊ جو ڊيڪڻ يا مينهن پوڻ پلسري جي نشاني ۽ خوشيءَ ڳالهہ آهي.

آڊ جنهن کي ڍاٽڪيءَ "آدر" چوندا آهن تنهن جي برسات برڪت واري آهي. چئوماسي جي برکا لاءِ ٿرجا مارو ماڻهو سدائين اُپ ۾ اکيون هڻي، انتظاريءَ ۾ رهندا آهن جيئن مينهن جون بوندون ريٽ جي رتن ڪڻن تي پون، ريج ٿئي، اوپڙ اُپڙن ۽ اهي پوکي بہ ڪري سگهن. مينهن جي اچڻ سان سنگهارن ۾ جيڪا سرهائي ٿيندي هئي ان ۾ وقت گذرڻ سان ڪافي تبديليون آيون آهن تنهنڪري اها سرهائي، ساڳي سرهائي نہ رهي آهي. ٿر جو خطو بنيادي طور مالوندي خطو آهي نہ ئي زراعتي پاڳو. جيئن چئوماسي جي مند شروع ٿئي ٿي زمين جي پوکي تہ ٿئي ٿي پر انهي پوکيءَ جو طريقي ڪار تبديل ٿي چُڪو آهي. اڳي هاريءَ جو زمين سان اهڙي آسوند رشتو هوندو هو جو چئوماسي کان مهينو کن اڳي هاري روزاني پنهنجي ٻنين تي ويندا هئا ۽ اتي پيل غير ضروري ڪچري



کي گڏ ڪري صاف ڪندا هئا. ننڍڙن ننڍڙن ٻوٽن کي وڍيندا هئا. انهي عمل کي "سُوڙهہ ڪرڻ " چيو ويندو آهي. سوڙهہ سان گڏ ٿيل ڪچرو ساڙيو ويندو هو جنهن کي "اوگها ساڙڻ " چيو ويندو هو. ان کانسواءِ سوڙهہ دوران ڪچري وسيلي "سيڙها " ٺاهيا ويندا هئا ۽ ڪٽا وڏا ويندا هئا. سيڙها ٻن ٻنين جي وچ ۾ دنگ کي نروار ڪندا هئا جڏهن تہ "ڪٽا " وري ساڳي ٻنيءَ اندر وراڻن کي وراهي پوکيءَ ۾ سهوليتڪاري مهيا ڪندا هئا تہ ان سنا گڏوگڏ زمين جي اُڏاڻ بہ نہ ٿيندي ۽ زرخيزي قائم رهندي. ايئن ٻني کي سوڙهي، سنواري "هار" ڪيو ويندو هو يعني پوکيءَ لائق ڪيو ويندو هو. مينهن وسڻ جي صبح جو ئي هاري سج اُپرڻ کان اڳي ٻنيءَ تي پهچي ويندو هو ۽ هڪ اڌ ڏينهن ۾ جيئن ئي ٻني وٽ ايندي هئي يعني پوکيءَ جوڳي ٿيندي هئي تہ هاري پنهنجو جوڙو ڪاهي اچي پوک شروع ڪندو هو. جوڙو اُٺن، ڍڳن، گهوڙن ۽ گڏهن وسيلي ڪاهيو ويندو هو. هر بہ سادو ۽ ڪاٺ جو ٺهيل هوندو هو جنهن ۾ هر ڪونيٽ جي ڪاٺيءَ جو ۽ هل ڪنڊيءَ جي ڪاٺي جي هوندي هئي. ڦار يا چوني لوهہ جي هوندي هئي پر ان ۾ بہ اُٺ سان هلندڙ هر ۽ گڏهن سان ڪاهجندڙ هر جي ڦار ۾ فرق هوندو هو. ٻني ايتري پوکبي هئي جيتري سروي واري يعني تلي هوندي هئي يا جنهن ۾ پاڻي بيهندو هو. تلي زمين جو اهو تراڪڙو "تر" آهي جيتري ۾ برسات جو پاڻي بيهي ٿو. ان کانسواءِ پيل آسائش واري زمين مال جي چراگاهہ لاءِ ڪم ايندي هئي. ان کانسواءِ چراگاهہ لاءِ گئوچر، اجهور ۽ نواڻن جا اوسا پاسا خالي رکيا ويندا هئا جن جي نظرداري روينيو کاتو ڪندو هو. هاڻي هڪ طرف آبادي وڌي آهي ٻيو سياسي مداخلت ايتري وڌيل آهي جو ٻنين جا اوسا پاسا سپئي پوکجي ويا آهن. گئوچر، اجهور ۽ آسائشون بہ اهڙي لتاڙ کان بچي نہ سگهيون آهن. انهي سموري انساني چرپر ٿر جهڙي پرامن سماج کي پرانتشار سماج ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. چئوماسي جي برساتن پوڻ سان جيڪا سرهائي ايندي هئي اها انهي هيڇ ۽ انتشار جو واڳو ڪائي

چڪو آهي. ماڻهن ڪي پڪو رهندو آهي تہ جيئن پوڪي شروع ٿيندي تيئن زمين بابت ننڍڙا تنازعا ۽ تڪرار شروع ٿيندا. وقت سر نہ نبرڻ جي ڪري اهڙا تڪرا ڪڏهن خطرناڪ جهڳڙن جي شڪل اختيار ڪري ٿا وجهن. اهڙن تنازعن جي شدت ۾ اجا بہ واڌارو اچي ٿو وجي جيڪڏهن اهي ٻن الڳ الڳ برادرين جي وچ ۾ آهن. اهي سيئي ڳالهيون سماجي هم آهنگيءَ کي ناقابلِ تلافي ڇيهو رسائين ٿيون. گذريل ڏهن سالن جي اهڙن تنازعن تڪرارن جي تاريخ تي تحقيق ڪبي تہ اندازو ٿي ويندو تہ ٿر ۾ اهڙن تنازعن ڪيترو نقصان ڏنو آهي. معمولي ڳالهين جي ڪري ماڻهن ۾ نہ نڪرندڙ وڇوٽيون پئجي وڃن ٿيون.

هرسنباهڻ جي هن موسم مان اڳي ماڻهو جيئن مزو ماڻيندا هئا ۽ ان کي ڌرتيءَ سان ڳانڍاپي جي سرگرمي ڪري نباهيندا هئا تنهنجو گم ٿيڻ ۽ ان جي جاءِ تي ماحول لاءِ هاڃيڪار سرگرمين جو شروع ٿيڻ آهي. اهڙين سرگرمين ۾ وڏي ۾ وڏي چرپر ”ٽريڪٽرن “ جي آهي. هاڻي هاري هر سنباهڻ بدران ٽريڪٽر واري جو انتظار ڪري ٿو ۽ ٽريڪٽرن جي گهٽائي بئراجي علائقي مان نڪري ٿي اچي مهانگي اُجرت تي ٿر ۾ کيڙي ڪري ٿي. اهڙي کيڙيءَ ۾ ماڻهن جو وقت تہ بچي ٿو پر ڌرتيءَ جو مٿاڇري ٽريڪٽر جي هرن سان خراب ٿئي ٿو. ٿر جي پوڻ مٿاڇري ۾ زرخيزي چار آڱر کن مٿئين حصي ۾ آهي. انهي مٿاڇري تي بيٺل قدرتي اوڀڙ ڌرتيءَ کي اُڏامڻ کان بچائي ٿي ۽ زمين جي زرخيزي قائم رهي ٿي پر ٽريڪٽر جي هر هلڻ سان اها اوڀڙ اُڏڙي وڃي ٿي ۽ زمين ۾ اُڏاڻ ٿئي ٿي ۽ زمين جي قدرتي زرخيزي مدي ٿي وڃي ٿي. ان ريت ماحول کي هاڃو رسي ٿو. هارين جي هر کيڙي جي هي موسم ملهائي بہ ويندو آهي. آکاٽي تهوار دوران هارين جي پرب ۾ ”ڪُلهڪين پرڻ “ جو سوڻ ڪندي، ڇئني ڏسن جو مينهن بہ جاچيو ويندو هو تہ ان جي لاپ جو سوڻ بہ نهاريو ويندو هو. اجا بہ اهي سوڻ



ڪجھ هندن تي ڪيا وڃن ٿا پر مشينگيري ۽ شهرگيريءَ، انهي فطرتي ماحول کي بگاڙيو آهي جڏهن کان اهي مشينگردي ۽ شهرگرديءَ جو روپ ڌاري چُڪيو آهن. مشينن جو عام رواجي زندگي ۾ واهپو لاپداءِڪ بہ ٿيو آهي جنهن سان ماڻهوءَ جو وقت بچيو آهي ۽ پورهيو گهٽيو آهي پر ان جو اهو مطلب قطعي نہ هئڻ گهرجي تہ مشين ماڻهوءَ جو بدل آهي. شهرگيري شهرگرديءَ ۾ ايئن تبديل ٿي آهي جو شهر ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن. آسائشن، اجهورن ۽ پوکيءَ جي زمين کي ڳڙڪائي رهيا آهن. شهرن جي اها چڙهائي، اهڙي مست اُٺ وانگر آهي جنهن کي مهار بہ پيل نہ هجي. شهرن بہ آسائشون ڏنيون آهن پر اهي جڏهن ايترا وڌي وڃن جو سنڀاليا نہ سنڀالجن ۽ ڏوهن، براين، بُڇڙاين ،ا ٺڪلن، چالاڪين، مڪارين سميت سڀني ٺڳين جو مرڪز بڻجي وڃن تہ اها شهرگردي آهي جيڪا ماحول توڙي انساني قدرن کي کائي رهي آهي. هارين جي هر سنباهن واري سرهائيءَ ۾ اها سرهائي بہ نہ رهي آهي جيڪا فصل جي گڏڪرڻ ڪانپوءِ ان مان ان ڪڍڻ واري عمل دوران ٿيندي هئي چاڪاڻ تہ اهو بہ هڪڙو گڏيل ڪميون وارو ماحول هوندو آهي جنهن ۾ مختلف پروسيس ٿين ٿا ۽ مختلف ماڻهو حصو وٺن ٿا. ان ڪڍڻ لاءِ گوارکي ڪٽڻ بدران هاڻي ٿريشر سان يا وري پکن سان وائريون وجي ٿو. پکن وارو وائرجڻ تہ اجا بہ مناسب آهي پر ٿريشر گوار جي گوارٽي يا ڪُٽيءَ کي ناس ڪري ڇڏي ٿو. ان کانسواءِ سنهي دز ساھ جي سرشتي لاءِ نقصانڪار آهي. اهڙي طرح انهي مشيني چرپر ٿر جي امن پرئي سلامت ماحول کي هاڃو رسايو آهي. ماڻهو آباديءَ جي لالچ ۽ وقت جي بچائڻ لاءِ نہ رڳو لکين رپيا خرچ ڪري ٽريڪٽرن سان پوکي ڪرائي رهيا آهن پر ڌرتيءَ کي وڏيڪ پوک جي دائري ۾ آڻي چوپائي مال جو نقصان ڪري رهيا آهن. هڪ طرف ماحول بگڙي رهيو آهي تہ ٻئي طرف گذران جو مُکيہ وسيلو چوپايو مال متاثر ٿئي ٿو. ماڻهن وٽ هاڻي نوڪريون بہ

آهن تہ ڪاروبار بہ آهي پر ٻئي طرف جيڪو ماحول کي نقصان پهچي ٿو ۽ ڌرتيءَ سان ماڻهوءَ جو رشتو ٽُٽي ٿو تنهن جي ڪا تلافي ناهي..

اهڙي هاجيڪاري عمل کي روڪڻ جو مناسب حل اهو آهي تہ حڪومت سرڪاري زمينن، آسائشن، اجهورن، نواڻن جي اوسن پاسن تي پوکي بند ڪرائڻ لاءِ سخت قدم کڻي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي زمين بابت روينيو جي قاعدن قانون جي پيچڪڙي ڪرڻ نہ ڏني وڃي پوءِ اهو ڪيڏو بہ بااثر ڇونہ هجي. ماڻهن ۾ ٽريڪٽر جي پوکي جي هاجيڪاري پهلوئن بابت جاڳرتا ڏني وڃي ۽ ٽريڪٽرن جي ايئن اچڻ تي ضابطو آندو وڃي جيئن ٿر جي پوڻ جي مٿاڇري جي زرخيزي بچائي سهگهجي. زراعت جي متبادل گذران جي ذريعن جي ترغيب ڏني وڃي جيئن ماڻهو پنهنجي زندگي گهارڻ ۽ منافعي ڪمائڻ لاءِ انهن وسيلن کي هنڍائين. مال پوکڻ، گهرن ۾ ڀاڄيون پوکڻ، هٿ جي هنرن سميت ڪافي اهڙيون شيون آهن جن وسيلي گهرو ضرورتون بہ پوريون ڪري سگهجن ٿيون تہ ناڻو بہ ڪمائي سگهجي ٿو.

ان سان گڏوگڏ سموري ٿر جي ماحولياتي ڪٿ ڪرائي، ٿر جي ماحول کي محفوظ ڪيو وڃي. ڪارپوريٽ چرپر کي بہ اهڙي ماحولياتي ڪٿ جي رهنمائيءَ ۾ اڳتي وڌائجي. ٿر من موهت ماحول جو نالو آهي جنهن ۾ سنگهارن کي هر سنڀاهڻ سان تہ سرهائي ٿيندي هئي پر هاڻي ٽريڪٽر ڪاهڻ سان سندن سرهائي ڪيترو وقت جٽاءُ ڪندي؟ انهي تي ئي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.



## هارين هر جوٽيا

ٿر ۾ جڏهن سيمن تي پلي ميگهه ملاري ٿيندي آهي تہ ساٽيه توڙي سانگي سنگهارن ۾ سرهائي ايندي آهي. ماڻهن پنهنجا هرڪٽي وڃي جوڙا جوٽيندا آهن. چئوماسي شروع ٿيڻ کان اڳ هاري هر سنباهيندا آهن ٻنيون صاف ڪندا آهن ۽ وٺي جي ٻئي وڃي جوڙو جوٽيندا آهن. گهڻو ڪري اٺ سان ٻني پوکي ويندي آهي پر غريب ماڻهو گڏهن جي جوڙي سان پوک ڪندا آهن. پارڪر ۾ ڍڳن سان پوکي ٿئي ٿي. بازار جي هلان سان ٽريڪٽر بہ ٿر ۾ ڪاهي پيو آهي جنهن زمين جي تباهي ڪرڻ سان گڏوگڏ غريب هاري تي وڏو معاشي بار بہ وڌو آهي.

هاري پوکي ساڄي پاسي کان شروع ڪندو آهي پهرين اوڙ جي جاٺ هٽي پوءِ وچ ۾ اوڙين پريندو ايندو آهي ايئن جڏهن هڪڙي جاٺ پرجي ويندي آهي تہ وري ٻي جاٺ هٽي اوڙين پريندو ويندو آهي. سچيت هاري تہ جوڙي کي ايئن ڪاهيندا آهن جو هر اوڙ سڌي، ساريکي ۽ هڪجيتري فاصلي تي هنئي ويندي آهي. وراڻو پورو ڪري، مٿاڻ هٽي ڪٽو مڪمل ڪيو ويندو آهي. نوتر يعني نون هارين کان اوڙن جي وچ ۾ خال رهجي ويندا آهن جن کي مانجهو چوندا آهن جن کي آخر ۾ پريو ويندو آهي. ڪٽا الڳ الڳ ڪرڻ لاءِ ڪک ڪچري مان ٻنڌا ٺاهيا ويندا آهن جيئن نہ زمين اڏي نہ ئي مختلف فصل گڏجن. هاڻي تہ هاري انهن ٻنڌن ٺاهڻ تي گهٽ ڌيان ڏين ٿا جنهن ڪري ٻنين ۾ اڏاڻ جي ڪري اڏڙجڻ وارو عمل وڌيل آهي. هاري هرڪاهيندي پاڻ بہ ساهي کائيندو آهي تہ اٺ کي بہ ساهي ڏيندو آهي. اهڙيون ساهيون ماني کائڻ ۽ چانهن پيئڻ جي وقت ڏنيون ويندیون آهن. هر ۾ ٻڌل نائي مان ڇپٽي سان ٻج وهايو ويندو آهي. ٻج هاري جي هنج وٽ گندي جي پلاءِ مان ٺاهيل ڪيسي نما ور ۾ هوندو آهي. پهرين پوک ٻاجهر جي ڪئي ويندي آهي ڇاڪاڻ تہ ٻاجهر جي فصل کي پچڻ لا

سٺ ڏينهن گهربل هوندا آهن. ان سان گڏوگڏ تر مڱ موٺ چونرا جن کي فصل چيو ويندو آهي سي پوکيا وڃن ٿا. گوار سپني جي آخر ۾ پوکيو ويندو آهي. جوڙي ۾ وهندڙ جانور به ايترو سيکاريل ۽ سچيت ڪيل هوندو آهي جو پوکيندڙ جي اشاري کي سمجهي ان جي پيروي ڪندو آهي. جتي ڪو وڏ و لاهه يا مور ايندو آهي ته هاري رڳو ”مور مورا“ چوندو آهي ته جانور انهي رفتار سان جمي هلندو آهي يا وري جاٽ هڻڻ وقت ”جاٽ! جاٽ!“ چوندو آهي ته جوڙو جاٽ وارن پيرن تي بيهندو آهي. مانجهي ڪيڻ لاءِ به مانجهو مانجهو ڪبو ته اٺ يا گڏهه اوڙ کي ايئن پرمان جام ٿي هلندا جيئن مانجهو نڪري ويندو آهي. سگهارن اٺن پوبان به هر به ٻڌبا آهن ۽ به هاري نائي تي هٿ رکي ٻجائي ڪندا آهن. ڏاڍين زمينن ۾ ڪيڙ ٻيل ڏيئي پوءِ نائي ڪئي ويندي آهي. هرپوکڻ دوران جيڪڏهن ٻني ۾ ڪک ڪچرو هوندو آهي ته اهو اڳ ۾ گڏ ڪري اوگها ٺاهي پوءِ ٻاري صاف ڪندو هلبو آهي. محنتي هاري ٻني کي صاف ڪرڻ يا سُوڙهه وارو ڪم برسات کان اڳ ئي ڪري ڇڏيندا آهن. آبادي گهٽ هئي ۽ ماڻهن وٽ اٺ به هوندا هئا ته هڪٻئي جي مدد ۾ لاسيئپي طور وهندا هئا يا وري ڪنهن گهر ۾ ڪو فرد گذاري ويندو هو ته ان جي مدد ۾ به ويندا هئا ۽ پوکي ڪري ايندا هئا. جوڙن سان مسواڙ تي پوکائڻ کي ´ڪندوڙي تي پوکئڻ` چيو ويندو آهي پر هاڻي ته ڪندوڙي جو رواج به گهٽجي ويو آهي۽ خلق ٽريڪٽرن پوبان اچي پيئي آهي. جوڙن سان ٿوري وقت ۾ جيڪا تکي پوک ڪئي وڃي ٿي تنهنکي ´سَرڙکي واري پوک` سڏيو وڃي ٿو. اها پوک پلي ٿيندي آهي ۽ فصل جام لهندو آهي. پوک جو هاري توڙي سندس گهرڀاتي تمام گهڻو احترام ڪندا آهن جو اها سندن روزي آهي ۽ روزي ۾ ڪن ڪچرو نه ڪبو آهي ان ڪري ٽرجو هاري ڪيڙاپ زمين ۾ ڪڏهن به ڪاڪوس يا پيشاب نه ڪندو آهي. ان ريت پوکي جو عمل صدين کان جاري آهي جنهن ۾ ڪافي تبديليون به آيون آهن پر اجا به بنيادي رنگ ڍنگ ساڳي آهي



## سڳا سُونهَن سنگهارَ جِي....!!

ڌرتيءَ جي گولي جو وايومنڊل گرمجڻ سان دنيا جي ماحول جو اهڙو ڦرڪو ڦريو آهي جو ڪنهن ڳالهه جي ڪل ڪانه ٿي پوي. گرمي، سردي، مينهن ۽ هوا اهڙي انداز ۾ هلي ۽ گُهلي رهيا اهن جو انهن جي وقت ۽ مقدار جو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿي پيو آهي. موسمن جو وقت مٽيو آهي. گرمي ڪڏهن ڪڏهن اهڙي زوران زور ٿئي ٿي جوساهه ٿو منجهي. سردي اوچتي اچي به ٿي ڏينهن ڪري ٿي ۽ پوءِ سيارو اونهارو ٿي پوي ٿو.اڳي سياري ۾ وڇيون چاليهو پورا چاليهه ڏينهن ترتيب سان سيءُ پوندو هو. هوائن جي طرف جي به سمڪ به نٿي پوي. ڪڏهن کهڙو واءُ ٿو گهلي ته ڪڏهن کهڙو. مينهن به هاڻي ڪا لهڻ ڪري نٿو وسي. ماحول وڃا جا ماهر چون ٿا ته اهو سڀ آبهوائي ڦڙڏڪ جي ڪري ٿئي ٿو جنهن ۾ انساني سرگرمين جو به هٿ آهي.ٽرم اڳي پنبت پوٿي وانچي هارين کي مينهن جو احوال ڏيندا هئا يا وري ڳوناٽا پاڻ اُپ، آبهوا، جيت جڻن ۽ جانورن جي چُرپر جانچي مينهن پوڻ جو اندازو لڳائيندا هئا.اهڙن ادازن جا اشارا لوڪ ڏاهپ جي موتين مالها ڏوهن ۾ ملن ٿا.ماحولياتي سرشتي جي ڏڦيڙجڻ سان موسمياتي تبديلين جي اندازن جي صورتحال اها وڃي بيٺي آهي جو موسمياتي ادارن جون اڳڪٿيون به پڙ تي نٿيون بيهن. جيتوڻيڪ اهي مشيني سرشتي وسيلي حاصل ڪيل چرپرتي ٻڌل هونديون آهن. هن سال به اهڙي اگري ماجرا مان ٿريا ٻيا باراني علائقا گذري رهيا آهن. ڪو ڪٿي ڪٿي ڏڙڪ چڙڪ مينهن وٺو هو جنهن کي به ايترا گهڻا ڏينهن گذري چڪا آهن جو اُتي پوکيل پوکون ۽ اُپڙيل گاهه پلرجي پالوٽ جا منتظر آهن. مينهن کانسواءِ ٿر ۽ ٻيا باراني علائقا مشڪل حالتن مان گذرن ٿا. هونئين به ڪڪرن مان وٺل رحمت پريو پلرپاڻي ساري

ڌرتيءَ کي ڌوئي صاف ڪري ٿو. ندين ۽ درياهن کي تاروتار ڪري ٿو.برف جي دڙن کي ڳسڪائي ڳاري ٿو. اهڙي طرح برسات جي ميگهه ملاريءَ جي اهميت ساري ڌرتيءَ لاءِ ڳاٽيتي جوڳي آهي.

ڪنهن وقت مينهن مئي جي مهيني ۾ پوندو هو پوءِ اهو جون ۾ پورڻ لڳو.اڳتي هلي جولاءِ جو پهريون اڌ چئوماسي جي مينهن جو وقت ٿي ويو. ڪڏهن وري جولاءِ به گذري وڃي ٿي ۽ سموري ٿر تي ساريکي برسات نٿي پوي. آگسٽ جي پهرين هفتن ۾ اُپ تي وائي پيچون پيون هلنديون آهن. ڪنهن مهل هيڏي هوا لڳندي آهي ته ڪنهن وقت اسر جو سنهي جينڪر وسي ٿي، جنهن کي "ٻوهل" چوندا آهن. اهي ٻوهل ورهيه ڦٽڻ جي نشاني آهن. ورهيه ڦٽي واءُ لڳندو آهي، دوست ڦٽي گلا ٿيندي آهي. ان ريت هيل به ورهيه جا ڪي موچارا آرڪاڻ ڪانه ٿا لڳن.اهڙين حالتن ۾ ٿري ماڻهو پريشان آهن. جن وٽ چوپايو مال آهي اهي تمام گهڻو فڪرمند آهن. هاري به ويچارا موسم جي ان ڏاڍ کان هيسجي، مايوس نظراچي رهيا آهن. مالوند ماڻهو اڃا اُپ ۾ اکيون اڙائي ويٺا آهن ته من ڪا ميگهه ملاري ٿئي پر نيٺ اهي به ويچارا مايوس ٿي، اباڻا ڪک ڇڏي، مال ڪاهي بئراجي علائقي ڏانهن اُسهندا جيئن پنهنجي مُکيه معاشي جياپي يعني چوپائي مال جي مناسب سار سنڀال ڪري سگهن. مال ڪاهي، اباڻا ڪک ڇڏڻ جا به عجيب منظرهوندا آهن. پارڪر جي پٽ جو "وڍياري" ڍڳيون جڏهن ڏامرجي ٽتل روڊن تي قطارون ناهي، بئراج وينديون نظراينديون آهن ته نٽهڻ اُس ۾ رستي جون تڪيلفون ڏڻ توڙي ڏنارن کي تنگ ڪنديون آهن. موهن جي دڙي جي مهرن تي اُڪريل ڏاندن جي ڏيک ڏيندڙ اهو وڍياري نسل پارڪر جي علائقي ۾ ئي آهي. سامروٽيءَ جا ماڻهو به ڏڻ سان دلي لڳاءُ رکن ٿا.جهڙي تهڙي مشڪلاتن ۾ مال ڪاهي نه ويندا آهن. ڪنني جي علائقي ۾ ٽرانسپورٽ جي سهوليتن جي ڪري مال جو چارو ملي وڃي



ٿو تنهن ڪري ماڻهو ڪوشش ڪن ٿا ته مال ڪاهي نه وڃن.اهڙين حالتن ۾ مالوند ماڻهو وڏين ڏکيائين مان گذرن ٿا .

جڏهن اهڙيون حالتون ٿين ٿيون ۽ ڏڪار جا پڪي اُپ تي اُڏامندا نظراچن ٿا ته پوءِ مختلف پليٽفارمن تان واڪا ٿيڻ لڳن ٿا. پرنٽ ميڊيا، اليڪٽراني ميڊيا توڙي سماجي ميڊيا حرڪت ۾ اچي ٿو ته ٿر ۾ ڏڪار پئجي ويو آهي ان ڪري ٿر کي قحط سٽيل قرار ڏيئي، متاثر ماڻهن جي واهر ڪئي وڃي. ڪڏهن اهڙي دانهن ڪوڪ جي موٽ ۾ حڪومتي ادارا ان کي ترت موٽ ڏيئي لکپڙهه شروع ڪن ٿا جيئن مٿيان ادارا سندن سفارشن تي ٿرکي ڏڪار سٽيل قرار ڏيڻ جو پڌرنامو جاري ڪن. حڪومتي ادارن سان گڏوگڏ غيرحڪومتي ادارا به پنهنجون رٿائون ٽڏن ڪمرن ۾ ويهي ناهڻ شروع ٿا ڪن ته ڪٿان ڪٿان ٿرين جي نالي ۾ گهڻي امداد ملندي.غيرسرڪاري ادارن جي واڌ ويجهه ۾ مذهبي ڌرين جا فلاحي ادارا به شامل ٿي ويا آهن .اهي به پنهنجون رٿائون رٿائين ٿا ۽ عمل ۾ آڻين ٿا. اهڙن سيني منصوبن ۾ عام ٿري ماڻهو يا ٿرين جي اڪثريت جي راءِ شامل نه هجڻ ڪري جيڪي شيون امداد جي نالي ۾ اينديون آهن اهي پيون ورهائبيون آهن.امدادي شين جي ورڇ جو اهو ڪو خاص شفافيت وارو به نه هوندو آهي. مجموعي طور انهن امدادي عمل مان ماڻهن جي اڪثريت بدران چند ڌريون وڏو فائدو وٺي، مالامال ٿي وينديون آهن. اهڙي امدادي رجحان ناڪاري لاڙا به وڌا آهن جن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ختم ڪري نه سگهجن ته گهٽايا وڃن.ان سلسلي ۾ جامع امدادي سرشتي جي ضرورت آهي جيڪو نه رڳو قحط ساليءَ جي جوکي گهٽائڻ بابت رٿابندي ڪري پرامدادي ورهاست لاءِ شفاف جوڙجڪي ڍانچو جوڙي ۽ سموري عمل جي چُست نگراني ڪري. اهڙي عمل ۾ چونڊيل نمائندن سان گڏوگڏ راڄن جا ساڪائتا ماڻهو به شامل هئڻ

گھرجن جيئن سمورو عمل مناسب نموني سرانجام ڏيئي سگھجي. انهي ڏس ۾ ڪجهہ گذارشون عرض رکجن ٿيون:

■ حالتن جو جائزو وٺي، بنا دير جي وقت سر ڏڪار سٽيل جو پڌرنامو جاري ڪيو وڃي.

■ هڪجھڙي فارمولي هيٺ بدران سموري علائقي جو تفصيلي جائزو وٺي، ڪاٿو لڳايو وڃي. انهي ڪاٿي مطابق رٿابندي ڪئي وڃي. رٿابنديءَ جي عمل ۾ حڪومتي عملدارن سان گڏوگڏ راڄن جا ساڪائتا ماڻهو شامل هجن جيڪي قومي خدمت خاطر پنهنجو وقت ڏين ۽ مناسب رٿابنديءَ ۾ حڪومت جي ادارن ۽ خانگي ڌرين جي سهائتا ڪن.

■ سموري رٿابنديءَ جي دستاويزبندي بہ ڪئي وڃي. هر شئي جي داخلا رکي وڃي جيئن ميڊيا، عوام ۽ مددڪندڙ ڌريون ان وسيلي پنهنجي پنهنجي ڪم ڪار جي رٿابندي ڪري سگھن. سموريون ڌريون انهن انگن اکرن ۽ معلومات کي استعمال ڀلي ڪن پر مکيہ ڪنٽرول حڪومتي ادارن وٽ هئڻ گھرجي جنهن تي عوامي ماڻهن جي چڪاس پري نظرداري هجي جيئن انگن اکرن جي جٽاداري قائم رهي سگھي.

■ قحط ساليءَ جو جوکو سماج جي سمورن شعبن کي ٿيندو آهي پر ڏيان ۾ چند شيون هونديون آهن. ان ڪري قحط ساليءَ جي موٽ بہ اهڙي جامع هجي جو ان سان سيئي شعبا وسواري سگھجن ۽ عوام جي جٽادار مدد ڪري سگھجي.

■ قحط ساليءَ جي منهن ۾ غريبن سان گڏوگڏ سفيد پوش ۽ مالوند ماڻهو بہ هوندا آهن. غريب پنهنجي غربت ۾ اڳي ئي پاهہ هوندو آهي سو ڏڪار جو جھٽڪو سهي نہ سگھندو آهي ۽ غربت کان ناداريءَ جي کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي. سفيد پوش ماڻهن وٽ بہ ڪي گھڻا وسيلا نہ هوندا آهن. اهي بہ ڏڪار جي ڏک سان غربت جي هنج ۾ وڃي ڪرندا آهن پر سندن سفيد پوشي کين وڌيڪ تنگ ڪندي آهي.



محنت مزدوريءَ کان بہ پري هوندا آهن تہ جلدي امداد گھرڻ واريءَ قطار ۾ نہ بيهي سگھندا آهن. مالوند ماڻهو بہ ڏٽوان هئڻ ڪري، امداد جي دائري کان ٻاهر هوندا آهن. جڏهن تہ انهن کي بہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ مدد جي ضرورت هوندي آهي. انهن طبقن کانسواءِ ٻار ۽ عورتون بہ ڏڪار سٽجڻ جو سڌو شڪار ٿيندا آهن. ٻارن جي صحت ۽ تعليم ٻئي متاثر ٿي پونديون آهن. ڏڪارساليءَ ۾ جتي ابهم ٻارن جا موت ٿين ٿا اُتي لاڏائو قبيلن جي اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو سال اڪارٿ وڃي ٿو ۽ اهي نہ پڙهي سگھن ٿا نہ ئي امتحان ڏيئي سگھن ٿا.

■ ڏڪار سالي ۾ امدادي ڪم ۾ ڳوٺاڻن جو اهم ڪردار آهي. ايڪهترجي جنگ ڪانپوءِ شروع ٿيل امدادي ڪمن جا انيڪ مرحلا آيا آهن جن بابت ڪا خاص دستاويزبندي نہ ٿيڻ جي ڪري، سبق بہ نہ سکيو ويو آهي جيئن ڪيل غلطين جو ورجاءُ نہ ٿئي. سموري امدادي عمل جي دستاويز بندي ٿيڻ گھرجي جيئن اهو ڪم نہ رڳو شفافيت وارو هجي پران مان سبق بہ حاصل ڪري سگھجي. فوري طور رپورٽون بہ لکن ٿيون. انگ اکر بہ گڏ ٿين ٿا پر انهن جي جامع دستاويز بنديءَ جي ضرورت آهي. ڳوٺاڻن ۾ خاص طور جيڪي سماجي ڪارڪن آهن اهي پنهنجي پنهنجي علائقي جي حقيقي ڪٿ ڪري، حڪومتي رٿابنديءَ جي عمل ۾ شامل ٿين. ڪوشش ڪن تہ ڪوبہ اهڙو ماڻهو امداد نہ وٺي جنهن کي ان جي ضرورت ناهي. ان کي جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن فارمولي جي ڪري امداد ملي ٿي تہ بہ اهو رضاڪاراڻي طور اها امداد ڪنهن نادار ماڻهوءَ کي ڏئي. پاڙي سطح تي ۽ ڳوٺ سطح تي سماجي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پنهنجي پنهنجي علائقي جي مستند معلومات پاڻ وٽ رکن جيئن حڪومتي ادارن يا ٻين ڌُرين جي رهنمائي ڪري سگھن

■ ماڻهن ۾ امداد وٺڻ جي ڪري جيڪو هٿ ٽنگڻ وارو ناڪاري لاڙو پيو آهي ان کي ننديو وڃي. سرنديءَ وارا ماڻهو پاڻ ان شئي کان

پاسو ڪن. حڪومتي ادارا ان ڳالهه کي يقيني بنائين ته ڪو به ماڻهو غلط بيانيءَ سان اهڙي انداد وٺندو ته اهو ڏنڊجي ويندو.

- ڏڪارن ۾ وڻراهه جو وڏو نقصان ٿيندو آهي ان لاءِ به ڪو خاص بندوبست نه ڪيو ويندو آهي. هڪڙا وڻ اُڏڙندا آهن ته ٻيا وڻ ضرورتن ۾ وڍجڻ جو بک تي پوندا آهن. مئل مال جي چونڊين جي نيڪال جو به خيال نه رکيو ويندو آهي نتيجي ۾ بيماريون وڌي وينديون آهن.
- ڪاڏي .، پاڻي ۽ ٻين غزائي ضرورتن جي دستيابي جو يقيني هجڻ ضروري آهي.غريب ۽ نادار ماڻهن لاءِ پلي امداد هجي پر سرنديءَ وارن ماڻهن لاءِ اها مفت بدران چوٽ واري اگهن تي ميسر هجي ته وڌيڪ سٺو ٿيندو.
- ڏڪار بابت رٿابنديءَ کي ٽن مرحلن ۾ ورهايو وڃي. فوري امداد، وچئين مدت جي امداد ۽ مستقل حل. مستقل حل لاءِ صنعتڪاري ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. گهريلو صنعتن کان شروعات ڪري، انهن وڏين صنعتن کي قائم ڪيو وڃي جن لاءِ خام مال ۽ هنرمندي ٿر ۾ دستياب آهي.ان ڏس ۾ ”هٿ جي هنر“ ۽ ”گارمينٽ جي صنعت“ جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا .
- ٿرمان چونڊيل نمائندا ڏڪار ساليءَ بابت پاليسي سازيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. پنهنجي تڪ جي رٿابندي ۽ شفاف ورهاست ۾ به رهنمائي ڪن. زمين ۽ وڻراهه بابت قانونسازيءَ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ٿر ۾ ڪوئلي جو ڪم ڪار جاري آهي ان ۾ به مکيه اثاثو زمين آهي. ان ڪري ٿر جي زمين جي نئين سر”لينڊ گرانٽ پاليسي“ ٺاهڻ جي ضرورت اهي. آسائشون، ترايون، ڊها، گئوچر، اويڪيو پراپرٽي، اينيمي پراپرٽي چند اهڙا نقطا آهن جيڪي ڌيان جوڳا آهن.

اهي چند ڳالهيون هيون جيڪي قحط ساليءَ جي جوکي بابت هڪڙي جامع خاڪي نروار ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهم آهن. ان سان



گڏوگڏ ٿر جيڪو امن جو گهر آهي، ٿر جيڪو حب الوطنيءَ جو مثالي ماڳ آهي، ٿر جيڪو ثقافتي سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، سو گذريل سئو سالن ۾ ڪافي تبديلين مان گذريو آهي. زمانو توڙي زماني جون وڏيون تبديليون ٿر تي ۽ ٿرين تي اثرانداز ٿينديون رهيون آهن .ڏڪار سالي به اهڙوئي وڏو لقاءُ آهي. انهن سمورين تبديلين باوجود ٿري ماڻهوءِ جي خمير ۾ ڪجهه اهڙا گڻ آهن جن سندس وجود کي قائم رکيو آهي. ٿري ماڻهو سادو به آهي ته ڏک پچائي سنئون ٿيندڙ آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ ريزيليئنٽ چوندا آهن. ٿرجو ماڻهو ڪوڙ کان پاسو ڪندڙ رهيو آهي. ٿر جو ماڻهو ڌرتي ۽ ماحول دوست رهيو آهي. ٿري ماڻهوءَ کي پنڻ کان نفرت رهي آهي. ٿري ماڻهو سون تي سيڻ نٿو مٽائي. ٿري ماڻهو”ننگي“، ”مهمان نواز“، ”اجهو ڏيندڙ“ ۽ ”ڏيندڙ هٿ “ رهيو آهي. انهن ڳالهين جي ڪري ئي هن انساني مصيبتن کي ته منهن ڏنو آهي پر گڏوگڏ قدرتي آفتن کي به منهن ڏيندو رهيو آهي ۽ پنهنجو وجود بچائيندو رهيو آهي. ٿري ماڻهوءَ کي سڀني تڪليفن باوجود پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ انهن گڻن کي به پاڻي ڏيڻو پوندو جيئن ٿر به قائم رهي ۽ ٿري به خليفي نبي بخش جي ٻول وانگر پنهنجي اجهي ۾ امن سان رهن:

**سڳا سونهن سنگهار جي، سونئون پلا سپ،**<br>**هميراڻي هٿ سان، تن تي چڙهي تپ،**<br>**لوڏي لسي لپ، پيان شال پنهوار سان.**

# ٿر ۾ مستقبل جو اقتصادي منظرنامو

ٿرجيڪو فطرت جو عجيب ۽ نيارو مظهر آهي. خوشحاليءَ ۾ به هرڪو ان ڏانهن ڇڪجي اچي ٿو ته بدحاليءَ ۾ به دنيا جون نگاهون ٿرتي هونديون آهن. ٿرجي اهڙي اهميت هن وقت اجا به وڌي ويئي جو هتي موجود اربين ٽن ڪوئلي جي ذخيرن ۽ ان سان ڳنڍيل ٻين قيمتي وٿن جي ڪري ٿرجي اسٽريٽجڪ اهميت ويتر وڌي ويئي آهي. دنيا جون سموريون حريص ۽ هٻڇي نگاهون ٿرجي گٽوان ڌرتيءَ ۾ آهن. اهڙي اهميت ڪانپوءِ جيڪا ڳالهه وڏي تبديليءَ جي مرحلن مان گذرندي نظراچي ٿي سا ٿرجي تبديل ٿيندڙ اقتصاديات آهي. اچو ته ٿرجي اقتصادي پس منظرتي نظروجهون ۽ ڏسون ته مستقبل ۾ اها ڪهڙي رخ ۾ ويندي ۽ ڪهڙي شڪل اختيارڪندي. ٿرپارڪرڪنهن زماني ۾ پريو ٽُريو ساموندي ڪنارو رهيو آهي. ٿرجي اولهائين ڏاکڻي پٽي ان خوشحال اقتصاديات جو مرڪز رهي آهي. پاري ننگر کان وٺي رحمڪي بازار تائين ڪناري وارين شهري وسندين جو هڪ اهڙو سلسلو رهيو آهي جتي هزارين ماڻهو گهمڻ ايندا هئا. اهڙن گهومو لوڪن ۾ مقامي سرنديءَ وارا خاندان به هوندا هئا ته ڏيساور کان ايندڙ پرديسي پکي به هوندا هئا جيڪي هن علائقي ۾ اچي پر پساريندا هئا، گهمندا ڦرندا هئا ۽ وڻج واپار به ڪندا هئا. لکي وڻجاري جهڙا لوڪ گيت ان خوشحاليءَ جو اهڃاڻ آهن. ان دور ۾ جنهن اقتصادي سرگرميءَ جو ذڪر ملي ٿو تن ۾ جنرل اسٽور جهڙن هارسينگار جي سامان وارا دڪان، کاڌي پيتي جي شين جا دڪان، جهازرانيءَ جي ڪم ڪارجا دڪان مکيه اقتصادي سرگرمي نظراچن ٿا. اها سرگرمي رڳي پارڪر ۾ نظراچي ٿي ڇاڪاڻ ته ٿران وقت آباد نه هو. رڳو سايون سيمون هونديون هيون جن ۾ سانگي مال چاريندا هئا.جيئن ٿي سمنڊ



هٽيو ته اها سرگرمي ماٺي ٿيندي ويئي تان جو اهي شهرڌرتيءَ جي سيني تي چند ٽڪرانا ۽ نالا ڇڏي، ميسارجي ويا. ان ڪانپوءِ ٿروارو پاسو آباد ٿيڻ لڳو. مال سانگي ماڻهو جيڪي ايندا هئا تن سيمن ۾ کوه کٽائڻ شروع ڪيا ۽ نيون وسنديون ٺهيون. وانڍيون ۽ ڍاٽيون ڳوٺن ۾ تبديل ٿيون. اهڙي دور جي وڏي سرگرمي مال ڌارڻ ٿي رهيو. مال لال آهي. ٿرآهي ٿڻ تي نه ٿي کڻ تي جهڙا منڊيءَ تي ٽڪ جيان پهاڪا جُڙيا. مالوند ماڻهو ٿي خوشحال هوندا هئا. اها خوشحالي کين ڏيساور به وٺي ويئي ته ننڍي کنڊ جي ٻين حصن تائين به وڻج واپار سانگي ويندا رهندا هئا. اقتصادي خوشحالي جي اهڙي ريل ڇيل کين جاوي ۽ سماتري جي ٻيٽن تائين وٺي ويندي هئي يا اتان جي ماڻهن کي هتي ڪٽي ويندي هئي. "جاوي جاوي سو مور نه آوي" يا "جاوي جي ڪمائي ڪُڏيءَ ۾ گمائي" جهڙا پهاڪا ان دور ۾ ٿي جُڙيا هوندا.مالوند ماڻهن جي اقتصادي سرگرمين سان گڏوگڏ هٿ جي هنرن جي ڪرت به ٿر ۾ موجود هئي پران جي ڪا گهڻي اقتصادي ڇُرپر نه هوندي هئي. ماڻهو هٿ جي ٺاهيل شين کي گهريلو واهپي ۾ ڪتب آڻيندا هئا. مالوندي سرگرمي سان گڏوگڏ مال جي ڌاڙي، ڌوڙي ۽ چوريءَ جي سرگرمي به هوندي هئي. راجپوت دور ۾ مقامي راجپوت توڙي جيسلمير جا ڀاٽي اهڙا اگرا قدم به کڻندا هئا پرانهن سرگرمين جو ڪو اقتصادي ڪارج نه هوندو هو. رڳو ٻئي کي نيچو نوائڻ ۽ پنهنجي طاقت جو اظهارڪرڻ لاءِ ايئن ڪيو ويندو هو. ڪيرتي گڍ جي مڪواڻن ۽ امراڻي جي سومرن وچ ۾ لڳل جنگ به سئو اُٺين جي ڌاڙي جو نتيجو هئي. مالوند معيشيت جي وڌڻ ويجهڻ جو سبب هتان جون کليل وسيع سيمون هونديون هيون جن ولهارن جا وڍءَ مال کي لال ڪري ڇڏيندا هئا. آبادي وڌڻ ۽ انگريز دور ۾ سروي ٿيڻ سان زمين جي پوکيءَ ۾ واڌارو ٿيو ۽ آهستي آهستي سموريون سيمون هرجي ور چڙهي ويون .مال چارڻ ۽ آسائش لاءِ ڌرتي سوڙهي ٿيندي ويئي تان جو هن وقت نوبت ان تي

پهتي آهي تہ ماڻهو زمين ٽڪري تي هڪبئي کي ڪائي ٿا وجهن. انگريزن جي دور ۾ فطرت جي اُپت جهڙوڪ ڪونئر، گُگر ۽ ماکي، مالونديءَ جي مختلف شين ۽ هٿ جي هنرن کي ڏيساورموڪلڻ جو رواج بہ پيو ۽ ان اقتصادي سرگرميءَ مان ناڻو ڪمائجڻ لڳو پر ٽر ۾ مواصلاتي وسيلن جي اڻاٺ ٿرجي معيشيت جي محور کي مالوند معيشيت ۾ آهتپي واري اقتصاديات تائين محدود رکيو تان جو 50 جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿيندڙ ڇڪڙن انهي مواصلاتي وڇوٽيءَ کي گهٽايو. ان کان اڳي انگريزن جي دور ۾ بازارون بہ ٿهيون هيون پر اقتصادي سرگرمي باقاعدي ”کليل مارڪيٽ“ ۾ ستر جي ڏهاڪي کانپوءِ تبديل ٿي ۽ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ ان هڪڙي نوس شڪل اختيار ڪري ورتي هئي. صنعتڪاري بہ ٿر ۾ انهي دور ۾ متعارف ٿي.بازارون ڪارخاني جي ٺهيل سامان سان پرجنديون ويون ۽ ماڻهو پنهنجي اُپت ڏيئي اهو سامان خريدڻ لڳا. بازار جو اهو ڦهلجڻ هاڻي ان حد تي وڃي پهتو آهي تہ جنهن ٿر ۾ کيرءِ پاڻي وڪڻڻ گناه جي برابر سمجهيا ويندا هئا ان ٿر جي ننڍڙن ڳوٺن ۾ بہ بوتلن وارو پاڻي ۽ پُڙن ۾ پيڪ ٿيل کير عام جام هلي ٿو. هن وقت بہ ٿرجي معيشيت جو دارومدار مالوندي، زراعت، هٿ جي هنرن، مزدوري، سرڪاري توڙي خانگي نوڪرين تي آهي. ٻاهريون ناڻو يا تہ گارمينٽ انڊسٽريءَ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ٿرين جي ڪمايل اُجرت جي شڪل ۾ اچي ٿو يا عرب رياستن ۾ ڪم ڪندڙ چند پروفيشنلس ۽ مزدورپيشہ ماڻهن جي ڪمائي آهي. برساتن جي اڻاٺ زرعي ڪرت کي ڏک رسايو آهي تہ ڏڪارن مالوند ماڻهن کي متاثرڪيو آهي. پٽل زمين ۽ آسائش جي هنڌن تي انتظاميا جي ساٺ سان بااثر مقامي ماڻهن پاران ٿيندڙ قبضن مال جي رزق روزيءَ تي لت ڏني آهي. اڌ ٿر ۾ ڪوئلي جي ذخيرن جي ڪري ڪوئلي جا تيرهن بلاڪ نروار ٿيا آهن جن مان ڪن تي ڪم هلي پيو پيا اجا تيارين ۾ آهن. اهڙي معدني دولت کي ڏسي، ڪمپنين جي صورت ۾ ڪيئي



ڳجهون اچي لٿيون آهن يا ٿرجي آسائتي اُپ تي ڪنهن مارجي ٻُوءِ اچڻ جي تلاش ۾ آهن. انهن سرگرمين ٿرجي فطري ماحول کي متاثرڪيو آهي ۽ اهو بگاڙ اڳتي الائي ڪيترو گهڻو ٿيندو تنهنجو اندازو ناهي. اهڙي سرگرميءَ ٿر جي اقتصاديات کي بہ نئون رُخ ڏنو آهي. ڪاڻيون کوٽڻ جو ڪم بہ شروع ٿيو آهي تہ ان سان لاڳاپيل سرگرمين جي مزدوري بہ نڪرڻ لڳي آهي. ان سان گڏوگڏ سپلاءِ چين جو ڪم بہ وڌندو پيو وڃي. هڪڙي ڪمپنيءَ جي اچڻ سان تمام گهڻو ڪم نڪتو آهي تہ سمورن بلاڪن ۾ ڪم ٿيڻ سان ڪيترو ڪم نڪرندو ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اها الڳ المياتي آڪاڻي آهي تہ ان لاءِ ٿري ماڻهو ڪيترو تيار آهي يا ان ۾ سندس ڪيترو حصو آهي؟ اهي سيئي سوال آهن پر ٿرجنهن جي اقتصاديات سامونڊي ڪناري وارين واپاري وسندين کان ٿيندي مالوند معيشيت تائين پهتي هئي. اها اقتصاديات کلئي مارڪيٽ مان ٿيندي کليل ٿرتائين اچي پهتي آهي جنهن ۾ ڪمپنين جي ڪروڙين رپين جي روزمره جي ڪاپي واري سرگرمي نظراچي ٿي. سيمون بہ متاثر آهن تہ مال بہ ڪو ٻوٿو ٻاريندو نظرنٿواچي. اهڙين حالتن ۾ ٿر جي مستقبل جو اقتصادي منظرنامو مختلف قسم جي هنري مزدورين ۽ سپلاءِ چين واري ڪم ڏانهن وڌندو نظراچي رهيو آهي. رڳو هڪڙي مقامي شئي وڃي بچي ٿي اهو آهي هٿ جو هُنر. معدني وسيلن پويان ڪمپنين جي متل ٻڙڏڪ سان ٿرهاڻي اهو ٿر نہ رهيو آهي جنهن جي سيمن ۽ وسندين واهڻن جا واقف چند ماڻهو هوندا هئا پر هاڻي اهو ٿر هڪڙو کليل ٿر آهي جنهن ۾ ڪيترين ئي هنڇي اکيون کُتل آهن. اهڙي هڻ هڻان واري جُڙندڙ منظرنامي ۾ ٿري ماڻهوءَ لاءِ هڪ طرف ميسارجڻ جو خوف خطرو آهي تہ ٻئي طرف اهڙا موقعا بہ آهن جن وسيلي هو پنهنجي توڙي پنهنجي علائقي جي بقا ڳولي سگهي ٿو. پاري نگرجي آسپاس جي ڳوٺن ۾ جي ماضيءَ ۾ آڳٻوٽن جو ڪم ڪار ٿيندو هو تہ هن وقت بہ

اهڙي ڪا اقتصادي سرگرمي شروع ڪري سگهجي ٿي پران لاءِ تياري ڪرڻ جي ضرورت آهي. سپلاءِ چين جو ڪم ڪارڪرڻ لاءِ به تربيت ۽ سيڙپ جي ضرورت آهي. ٿرجي سرنديءَ وارن ماڻهن جو ڪردار ٿو نهي ته اهي ان قسم جون سرگرميون شروع ڪرڻ لاءِ اڳتي اچن ۽ انهن سرگرمين وسيلي جيترو گهڻو ٿي سگهي ٿر جي مقامي ماڻهوءَ جي شموليت کي يقيني بنائين. هٿ جي هنرن کي به وچوئي جي ويري ڪردار مان ڪيڍي، هنرمند ماڻهن جي صلاحيت کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. ٿرڀ ڪم ڪندڙ غيرسرڪاري ادارن کي پروجيڪٽن پوبان دردرپنڻ جي بجاءِ ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي نه ته سندن ڪو خاص ڪارج ناهي ۽ ماڻهو منجهائڻ بيزار آهن جو انهن نه رڳو ماڻهو کي پنڻ ڏانهن مائل ڪرڻ ۾ ڪردارنباهيو آهي ته ٻئي طرف ڪمپنين کي ٿرڀ آڻڻ لاءِ ڀهاريئي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هاڻي عوام جي پلي لاءِ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڏين پگهارن، وڏين گاڏين ۽ اعليٰ اسٽائل واري زندگي سماج سُڌارپ جو ڪم ناهي. سماج سڌارڻ لاءِ قرباني واري عوام دوست جذبي جي ضرورت آهي. سياسي اڳواڻي کي گهرجي ته ٿرجي جهنگن ۽ ننگن جي رکوالي ڪن. اهڙي ٻاهرين سيڙپڪاري آڻڻ لاءِ ڪم ڪن جنهن سان مقامي ماڻهن کي اقتصادي فائدو به ٿئي. اهڙي طرح ايندڙ دور جو جُڙندڙ اقتصادي منظرنامو هڪ طرف بي رحم چٽاڀيٽي وارو هوندو ته ٻئي طرف قدرتي وسيلن کي ترت تاراج ڪندڙ اهڙو لقاءُ هوندو جنهن ۾ لُٽ لُٽان جو وڌيڪ امڪان آهي. ٿرجي اقتصاديات فطرت جي ڪليل ٻانهن ۾ سمنڊ جي سيني تان پروان چڙهندي، مالوندي مان ٿيندي، آهت کي اپنائيندي، ڪليل مارڪيٽ جو ڪاريندڙ ذائقو چکندي، اچي ڪانگلومريٽ ڪمپنين جي واڳن جي ور چڙهي آهي جنهن ۾ هنرمند مزدوري، سپلاءِ چين ۽ هٿ جي هنرن کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي ۽ باقي ٻيون اقتصادي سرگرميون انهن جي چوڌاري گهمنديون ۽ انهن مکيه اقتصادي سرگرمين جي هوا سموري اقتصادي رُخ کي ڪورُخ ڏيندي.



## ڀڄنديون ڀٽاريون وري وٽاڻ آيون

سارنگ سئورنگ ساڻ ڪٽي ٿو اچي. اپ آگمجي جڏهن اڪيون نمائيندو ۽ نيڻ جهمائيندو آهي ته ڌرتي دل کولي سونهن جي سخا ڪرڻ شروع ڪندي آهي. چوپايو مال برسات جي سرهائي جو مزو ماڻيندي موٽي وٽاڻ تي وري اچي ٿو ته ڌرتي جو جنسار جرڪي جڳمڳ تي پوي ٿو. ڪير ڏيندڙ مال کي احترام ’ڀٽارو‘ سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته ماڻهوءَ جو گذران انهي سان سنئون سڌو جڙيل آهي. سپ مال برسات ۾ ڀڄندو يعني پسندو موٽي ايندو آهي ته وٽاڻ تي ڀاڳيا وڏي اڪير مان آڌرڀاءُ ڪندي نينهن پريون نالون ڪندا آهن مال به محبت مان ساڳي موٽ ڏيندي رڙندو رڙهندو اچي وٽن پهچندو آهي ۽ ڍڳين مينهن کي ڪانهار ڪري وهاريندا آهن ٻڪرين ۽ رڍن کي ’ديڪارو‘ ڪري هڪ هنڌ گڏ ڪري وهاريندا آهن. اها فطري هم آهنگي ڪائنات جي هرويل وڄندڙ چنگ جو اهو سريلو سر آهي جنهنکي ٻڌڻ لاءِ هرهڪ ماندو هوندو آهي. ٻڪريون ۽ رڍون سنهو ڌڻ ڪري ليکيو ويندو آهي جيئن ته انهن کي هر ماڻهو ڌاري به سگهي ٿو ته چاري به سگهي ٿو ۽ پاري به سگهي ٿو. وڏو ڌڻ يعني ڍڳيون مينهيون ۽ انيون هرڪنهن جي پهچ کان مٿي آهن ته سنڀالڻ ۾ به وڌيڪ وقت ۽ وسيلا گهرجن ٿا. رڍ ٻڪري ايئن آهي جيئن ميون ۾ انب جنهنکي هرعام خاص واپرائي ٿو جڏهن غريب ماڻهو ٻين ميون جو خواب ڏسي سگهي ٿو يا ڪنهن ڊاڪٽر جي تجويز تي ڊپ ۾ دوا طور کائي سگهي ٿو. رڍ ٻڪري ۾ به ٻڪري وڌيڪ جهلو ڪندڙ ۽ جٽادار ڌڻ آهي. ٻڪري هن ڌڻ لاءِ عام لفظ آهي جيڪو مونث طور استعمال ٿئي ٿو مذڪر طور ٻڪرو رواج ۾ آهي جيڪو ڍاٽڪي ۾ به رائج آهي ته اردوءَ ۾ پڻ. سنڌيءَ۾ نر کي ڇيلو سڏين ٿا. ننڍڙن ڦرن کي ڇيليا سڏبو آهي جنهن ۾ نر (ڇيلو) ۽ ماديون (ڇيليون) شامل آهن. ڪجهه وقت ڪير ڌائڻ ڪانپوءِ ڦر جڏهن چرها ٿيندا آهن ۽ ابهم کان اڳتي وڌن ٿا ته انهي ڦُن ٻڌڻ ڇٽبو

آهي. ڇيلي سال جي ٿيندي آهي تہ جسم بہ مضبوط ٿيندو آهي ۽ قد بت بہ ٺيڪ ٿي پوندو آهي تہ ان کي پَٽَ سڏين ۽ ڇيلي کي پنڙ ڪوٺيو ويندو آهي. لفظ پنڙ انهي وهي جي ٻڪرن لاءِ گڏيل طور بہ استعمال ٿيندو آهي. ٻڪري جواني کي رسندي آهي ۽ بهار يعني وهر ڪندي آهي تہ پوءِ سان ڇيلي واري وٿاڻ ۾ ڇڏي ايندا آهن يا وري ڇيلو ٻئي وٿاڻ مان ڪاهي ايندا آهن. ايئن ٻڪري ٻوڪجي ويندي يعني سائي ٿي پوندي آهي ۽ اٽڪل ڇهن مهينن ۾ ڦر ڏيندي آهي. ڪي ٻڪريون ٻيلا بہ ڏينديون آهن يعني بہ ڦرگڏ ڪنديون ڪي چار ڦر گڏ ڪن تہ ڪي ڇه ڦر پڻ. ٻڪريون نسل، رنگ، قسم جي لحاظ سان سڃاتيون وينديون آهن. جيئن ڪاموري، ٽري، ٻري، اڇي، ڪاري، ٻاڙهي، گورهڙي، جهري، چانئوري، ٻولاهي، ريدي، پٽيري، سيري، ٻولاهي، گيڏياڪني، ليڙي، چسي، ٻسي، پلي، موڏي، موگراني، وغيره. ٻڪرين ۾ سنپار طور مٽر ڪڙڪون ۽ گينگهرا ٻڌا ويندا آهن جيئن ڌڻ پنهنجي رڌم ۾ هلي ۽ سنپار وارو پهرو اڳواٽي ڪري. هر سنپار جي ٻولي الڳ هوندي آهي ان ڪري پاڳيا پري کان پنهنجي پهن کي سڃاڻي وٺندا آهن. سڃاڻپ لاءِ داغ بہ ڏبو آهي تہ گهٽو ڪري لک وجهبو آهي يعني ڪن جي ٽسي وڍبي آهي يا ان ۾ سنهو سوراخ ڪبو آهي جنهن کي ڪڪر چئبو آهي. ان ڪانسواءِ ڪن ۾ ”ڪُڏو“ ”ڦُنگهي“ ۽ ”ٻوچ “ وجهندا آهن جيئن مال سڃاڻي سگهجي يا وڃائجي وڃي تہ ان جي وڙول ڏيئي سگهجي ۽ ڪونہ ڪو ڌنار يا اجڙوار انهن کي ڏسي انهن جو ڏس ڏئي. ٻڪري جو کير ترت بہ آهي تہ طاقت وارو پڻ. ٿر ۾ ڪنهن وقت گرمي جي شدت گهٽائڻ لاءِ ٻاڪري کير جي لسي ٺاهي پيئبي هئي هاڻي تہ بند بوتلن ڏٻن ۽ پڙيڪن ۾ هرشهر توڙي ڳوٺ ۾ منو زهر وڪري لاءِ موجود آهي. ٻڪري جي ڪاڏي ۾ سائو گاهہ گوارٽي ۽ پلو يعني ٻيرن جا سڪايل پن پسنديده کاڌو آهن. ڪنٻي جا پن، ٻور يعني ڦُل، ڳرنديون سڱر ۽ کوکا بہ ٻڪرين جو من پسند چارو آهن. ٿر ۾ ڪنهن وٽ پنهنجي ٻني ۾ ٿيہ کن ڪنڊيءَ جا وڻ هجن تہ اهو ماڻهو پنج ويهون ٻڪرين جون آساني



سان ڪاري ڏڪار ۾ بہ ڌاري چاري ۽ پاري سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ ڪونيٽ، ٻائوري، موراڙي پڻ ٻڪرين لاءِ دلپسند چرڻ آهي. ٻڪرين جي ڌنار کي ٻڪرار چون. هرٻڪري تي الڳ نالو رکيل هوندو آهي ۽ ڌنار قرب مان جڏهن ڪٽڪار ڪندو آهي تہ اها ٻڪري ڊوڙندي ايندي. سڃيت پاڳيو مال کي نہ گهڻ وڏ لفظ ڳالهائيندو آهي نہ ئي ڌڪ هڻندوآهي. ”مهڻ ٿي“ ڇوڙ پٽ پاراتو آهي. ٻڪري جي پيشاب کي ”مُٽُ“ ۽ پيٽان ڏنل گند کي ”ڦولڙيون يا ڦولڙ“ چوندا آهن. ڦولڙ بہ ڪارائتا آهن جو اهي نينهائيون پچائڻ ۾ سهڪاري ٻرڻ طور ڪم اچن ٿا. ٻڪرين جي جسم جي وارن کي ”ڏاس“ چوندا آهن جنهن کي ڪتري پوءِ صاف ڪري ڪتي سٽ ٺاهبو آهي جنهن مان جيروئيون يعني فراسيون، ڪاهيون، ڪرڙ ائن جا تنگ، رسا ۽ گهوڙن جي داڻي جا پاهورا ٺاهيا ويندا آهن. ٻڪرين جي بيمارين ۾ سمهاڙو، ڪُلڪيو، تيڪيو ۽ ٻرڪي اهم بيماريون آهن. ان ڪانسواءِ وچڙندڙ ۽ وائسري يعني وائرس واريون بيماريون بہ ٿين ٿيون. ٿر ۾ چوپائي مال لاءِ اسپتالون ۽ ڊاڪٽر گهٽ آهن پر ماڻهو ڳوٺن جي موجود ”ڏاهن“ کان علاج ڪرائي مال کي بچائڻ جا جتن ڪن ٿا. ٻاڪرو مال واڌ ويجه ۾ بہ چڱو آهي. سال ۾ هڪڙو تور ڏئي ٿو. جيڪي ماڻهو ڇيلن جي چاڪري ڪن ٿا سي قرباني واري عيد جي موقعي تي چڱو موچارو ناڻو ڪمائين ٿا. ٿر جي ماڻهوءَ لاءِ ٻاڪرو مال غنيمت آهي. شال سانگي ۽ سنگهار پنهنجي ٻڪرين جي ولرن سان سکيا هجن في الحال گاهہ چڱو آهي ۽ مال سهڙائي آٿين يعني شام جو واپس ڪاهي وٺن اچن مچر يا ڪت لڳي تہ دونهيون ڪن ۽ پيلاڙين جي ڏينهن ۾ مال جاتولو ڪن جيئن ڌڻ رات جو آساني سان چري ٻئي ڏينهن صبح جو موٽي اچي ۽ انڪانپوءِ چرڻ پلو هوندو تہ مال تسي تي ايندو يعني هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن اچي ”پيهو“ ڪندو. جهانگين جا پاڻ سدائين شال پريا رهن ۽ وٿاڻ ويرا وير وڏ هجن....

# ڏئي وراڪا وڄ

ڪڪرن جون ڪنڊيرون ٿي لهڻ اُٿڻ ۽ اُتران ٻڪرار ڪنوڻ جو ڪجڪا ڪرڻ ماضيءَ جو قصو بڻجي چُڪو آهي جڏهن چيو ويندو هو تہ ڪارونجهر جي ڏونگر ۾ وينل پُجنگ نانگ زبان جا لبرڪا ٿو ڪري تہ اُتر ۾ ٻڪرال ٻهڪا ڪري ٿي ۽ ڪري ونگ آگم اچن ٿا. وڄون وسن ٿيون. گوڙيون گاج ڪن ٿيون. ڪنوڙيون ڪنوي هر اونداهي ڪي ڪاتي ٿيون چڙين پرهاڻي "آبهوائي ٻڙڏڪ" مچڻ ڪانپوءِ مندن جو مٽيو ڦري ويو آهي. مينهن جو ساڳي طور طريقو ۽ ويس ورن نہ رهيو آهي. مهل نہ ڪا ويل، پاسو نڪي پار. جڏهن اچي موج تڏهن ڪري ملڪ ملهار نہ تہ ڪارن ڏڪارن جا ڏيهه تي ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا. برسات ڪڏهن ايتري گهٽي پوي ٿي جو ماڻهو حاجي احمد ملاح جي گهريل دُعا "وڄڙيون وار واري ٻي ولهار" گهرڻ لڳي وڃن ٿا. اڳي ٿر ۾ تہ هڪ مينهن اچا جو سُر بند ئي نہ ٿيندو هو. هن سال سنڌ م بلوچستان، پنجاب، اُتريان علائقا سيني تي مينهن موڪ پيو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ تہ ٻوڏ آهي. ماڻهو ٻي گهر ٿي دربدر ٿي ويا آهن. چوپايو مال بيحال آهي ۽ حڪومتي مشنري جا ساڳيا افعال آهن.

هن سال جي برسات توڙي پر سال ۽ ٽيون سال جي مينهن دوران ڪنوڻ جو ڪجڪو وڌيل آهي. خاص طور ٿر ۾ ڪنوڻ ڪنوڻ ۽ وڄ ڪرڻ راڱا ڪري چڏيا آهن. ماڻهن جو چوپايو مال جيڪو واڙن ۾ واڙيل هويا وڻن هيٺ وينل هو تنهن تي وڄون ڪريون آهن. جنهن وڻ تي ڪريون انهي وڻ جا چوڏا لهي ويا آهن يا سڙي سُڪي ٺو وڃي. ڪجهه ڏينهن اڳي ميهاري هڱورجا ۾ ولر ٻڪرين تا وڄ ڪرڻ جي خبر ميڊيا ۾ نروار ٿي تہ تازوئي انورگل هاليپوٽي تڳوسر ۽ دادي تڙ ۾ ٻڪرين تي ڪريل وڄ جون تصويرون رکيون هيون.



ڪجهه سال اڳ اسان جو سوٽ محمد سالڪ گذاري ويو. سندس جنازي نماز رات جو اٺ وڳي هئي. اسان جيئن نماز پڙهي ورتي تہ مينهن اچي نيو جنهن ۾ وڄن جا نہ رڳو وراڪا پر ٺڪائن تي ٺڪاءَ ايترا هئا جو هر ڏيهي ڏڪي ٿي ويئي. ماڻهو نماز پڙهي کسڪي ويا. اسين چند ماڻهو وڃي قبرستان ۾ رهيا سون. ايريون وڄون ڪريون ٿي جو محسوس ايئن ٿيو ٿي تہ ڄڻ هر وڄ اسان جي پيرن ۾ ڪري رهي هئي. ان ڏينهن مون ڪي لاش جي سگهه محسوس ٿي جيڪا اسان سيني ڪي ايترين وڄن جي وچ ۾ ٻي ڊپو ڪري بيهاريو بيٺي هئي نہ تہ اهڙين وڄن ۾ ماڻهو گهر ۾ بہ ڀئو محسوس ڪندو آهي. ان سال اٽڪل 30 ماڻهن وڄن ۾ پنهنجي حياتي وڃائي.

برسات جو وسڻ، گوڙ ڪنوڻ ٿيڻ ۽ وڄ مينهن جو حصو آهن پر وڄن جو ايئن رڳو ٿر تي ڪرڻ حيرت ۾ وجهندڙ آهي. مينهن جتي ڪٿي وسي ٿو پر ايئن وڄون ڪونہ ٿيون ڪرن جيئن ٿر تي ڪرن ٿيون. نج سائنسي سوال آهي جنهن ڪي توانائي ۽ مينهن جي سائنس سان لاڳاپيل ماڻهن ڪي ڳولڻ گهرجي تہ ايئن وڄون ٿر تي وراڪا ڏيئي واڄٽ چو ٿيون ڪن؟ ڇا ان جو سبب "چڪ واري قوت " جو ڪمال آهي؟ هن علائقي جي آسپاس پاڙيسري ملڪ پاران ڪرايل ايٽمي ڌماڪن وسيلي ڌرتيءَ جي برقي مقناطيسي ميدان ۾ ڪو ٻڙڏڪ متو آهي؟ ان ڪانسواءِ بہ انيڪ ڳالهيون آهن جن ڪي تحقيق جو بنياد بنائي، چنڊ چاڻ ڪري سگهجي ٿي، پر اهڙي جاکوڙ ڪير ڪندو؟ يا اهڙي جاکوڙ جي صلاحيت ڪهڙي اداري وٽ آهي؟ تحقيق ٿي سببن جي خبر پوي تہ هن جوکي کان بچڻ لاءِ ڪي جوڳا اُپاءَ وٺي سگهجن.

# ڳوٺن جون ڳالهيون

ٿر جيڪو هن وقت واريا سي، متيهاٽي، پٿريلي، لوٽاني ڌرتي جو امتزاج نظر ٿو اچي سو ڪيئن آباد ٿيو يعني ان ۾ انساني وسنديون ڪيئن قائم ٿيون ؟ اهو موضوع دلچسپ آهي جنهن بابت لڪتي صورت ۾ تہ ڪو گھڻو مواد نٿو ملي پر آرڪيالاجيڪل اهڃاڻن، اينٿروپالاجيڪل سمجهاڻين ۽ لسانياتي ڀڃڪڙاين وسيلي ان جو ڪنهن حد تائين اپياس ڪري سگھجي ٿو. ٿرپارڪرجنهن جي نياري ڌرتيءَ جو ڏاڪڻون ۽ الهندو ڪنارو سمنڊ ۽ مٺي پاڻيءَ سان لڳي ٿو. انهي حصي ۾ آبادي بہ اڳ ٿي. ٿر جي ڌرتيءَ جو نروار ٿيڻ پويان ڪا سونامي ئي نظراچي ٿي چاڪاڻ جو پٽون هن وقت جنهن شڪل ۾ آهن اهي سمنڊ جي تر ۾ آيل زلزلي جا پيدا ڪيل ڌرڙ آهن جيڪي اڳتي هلي پٽن جي صورت ۾ نروار ٿيا. سيني پٽن جو رخ اوپر کان اولهہ ڏانهن آهي. پارڪر وارو پاڳو سمنڊ جي ترائي آهي ۽ ان ۾ موجود ڪارونجهرجا لسايل پٿر پاڻيءَ جو اهڃاڻ ڏين ٿا. ٿرجو پهريائين آباد ٿيندڙ حصو اولهہ ۽ ڏکڻ وارو آهي جنهن ۾ ساگرڪپي شهر (بيچ سٽيز) آباد ٿيا جيئن پاري نگر، راهومڪي بازار، ونگو پٽڻ، ڇار جو پٽڻ، ترائي وغيره.

ٿر جو واريا سو علائقو گھڻو بعد ۾ آباد ٿيو آهي. ٿر جي آباد ٿيڻ جو محور مالوندي نظراچي ٿو. ڪشاديون سيمون، امونگرو گاهہ پنو ۽ پلر پاڻيءَ جي ججهي مقدار ۾ گڏ ٿيڻ، پاڳين لاءِ سهوليت پيدا ڪئي تہ اهي برسات پوڻ ڪانپوءِ اچي هتي آباد ٿين ۽ مال سانگي، سانگي ٿي آيل ماڻهو هميشہ هتي جا ٿي ويا. جن ماڻهن ڪي پنهنجي علائقن ۾ ڪا ڏکيائي هئي تن بہ انگوڇو چنڊي ڪلهي تي رکيو ۽ هتي اچي نہ رڳو آباد ٿيا پر هتي جا راڄ ڏٽي ٿي رهيا. ڪي ماڻهو وري ڪٿان جنگين جهيڙن



جي دٻاءَ ۾ نڪتا تہ هتي اچي آباد ٿيا. ٿر فطرت جو هندورو هو جنهن هرماڻهوءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ سيني ٿر کي پنهنجو سمجهيو ۽ رهي پيا. ٿر جي اهڙي محبت جڳن کان وطن جي حب جي صورت ۾ نظرايندي رهي آهي. ٿر ۾ ڍاٽڪي، سنڌي، مارواڙي، پارڪري، ٻروچڪي، سرائڪي ۽ گجراتي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون .اهي سيئي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن اچي آباد ٿيا آهن تنهن بابت ڪي تاريخي تہ ڪي اڌ تاريخي ۽ ڏندڪٿائي ڳالهيون بہ ملن ٿيون.

چوپلاندي ٿر ۾ ڳوٺن جا نالا ڪيئي ڪهاڻيون ٻڌائين ٿا. ناميارن ليکڪن انهي بابت پنهنجي لکيل ڪتابن ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي تہ ڪن انهن نالن بابت ڪي تاويلون ڏنيون آهن جيڪي ٻڌل سُئل ڳالهين تي آڌارڪ آهن. سيني ماڳن مڪانن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ٿر جي ڳوٺن جا نالا اهي اهڃاڻ ڏيکارين ٿا تہ اهي ڪڏهن آباد ٿيا، ڪيئن آباد ٿيا يا ڪنهن آباد ڪيا؟ مثال طور ٿر جا اوائلي ڳوٺ ”سر“ جي پڇاڙيءَ سان آهن جيئن ڪارسر، سومراسر، تڳو سر، رامسر، پيماسر، نبي سر وغيره. انهي سر جي معنيٰ آهي پلر پاڻيءَ جي گڏ ٿي بيهڻ وارو هنڌ يا نواڻ. مالوند ماڻهو مال سانگي ترائين جي ڪپن تي اچي آباد ٿيا جيئن دنيا اڪثر شهر دريائي ڪنارن تي آباد آهن. پاڻي انساني زندگيءَ لاءِ ضروري آهي. ”سر سُڪڻ “ جو ذڪر پٽائي سائين بہ ڪيو آهي. ان ريت ”پار“ جي پڇاڙيءَ وارا ڳوٺ بہ آهن جن جي اڪثريت ڪاٺڙ ۽ ڍاٽ واري علائقي ۾ آهي. پار بہ جر جي پاڻيءَ جو ڪوٺيل ذريعو آهي جيڪو زميني مٿاڇري کي ويجهو پاڻي ملڻ سان کوٽيو ويندو آهي. ان ۾ ٿورو پاڻي هوندو آهي پر جڏهن مٿاڇرو سيراب ٿيل هوندو آهي تہ انهن پارن ۾ ضرورت جيترو مٺو پاڻي موجود هوندو آهي. مهندري جو پار، اُڳي جو پار، سائر جو پار، ڪيمي جو پار، جيسي جو پار وغيره.

”هار “ جي پڇاڙيءَ وارا ڳوٺ بہ ٿر ۾ آهن. لفظ هار جي معنيٰ آهي سنواريل، سينگاريل، تيار ڪيل. زميني مٿاڇرو ڊيولپ ڪري، رهڻ يا

پوک لائق ڪبو آهي تہ ان ڪي هار ڪوٺيو ويندو آهي. اهڙن ڳوٺن ۾ ؛ ماليهار، سوپيهار، ڪاريهار، ڪمڙهار، موڪڙيهار، وائڙيهار، ويڙهار، ڪاڪٽهار، چيلهار وغيره. ڪجهہ ڳوٺن جي نالن ۾ ”ٻهہ “ لفظ اڳياڙي يا پڇاڙيءَ طور شامل آهي. ٻهہ جو مطلب مشهور هجڻ آهي. ”ٻهہ ٻهہ ٿيڻ “ مشهور محاورو آهي. ٻهہ شريف، گرڙا ٻهہ، ڦلڙا ٻهہ، هميريا ٻهہ، سونل ٻهہ وغيره. ”لس “ پڇاڙيءَ وارا بہ ڪجهہ ڳوٺ آهن جيئن چوهٽا لس، گنگا لس، ٻنڊٽا لس وغيره. ”لس “ لفظ جي معنيٰ لسو، سنئون يا سڌو يا اهڙو هنڌ جتي ڪا رڪاوٽ نہ هجي يعني زمين سڌي سنواٽي هجي. مونث مذڪر جي جوڙن سان بہ ڳوٺن جا نالا ملن ٿا جيئن ميهار، ميهاري، وغيره. ڪيتلاري، ٻليهاري، چرڪاري، سرنگواري، ٻتنگاري، پڙهياري بہ ڳوٺن جا نالا آهن جن جي پڇاڙي ”آري “ واري جي بدليل صورت آهي، پاٽيءَ جي لحاظ ڪان بہ نالا رکيل آهي. منو ڊاپڙو، ڪارو ڏنگرو، منڙيو، ڪاريو غلام شاهہ، ڪارو جاني، ڪارو حبيب، ڪلٽهار منو وغيره. ڏيپلي ۾ ڪجهہ ڳوٺ آهن جن ۾ ”خرچ“ پڇاڙي آهي جيئن ڳاهہ خرچ، هوٿي خرچ وغيره. ڪجهہ نالا ”تڙ“ جي اڳياڙي ۽ پڇاڙي سان آهن جيئن تڙ همير، تڙ احمد، منا تڙ، صالح جو تڙ، آڏي جو تڙ، پاني جو تڙ، وليءَ جو تڙ، مانجهيءَ جو تڙ وغيره. ويري ننڍي کوهہ کي چيو ويندو آهي ۽ واءِ بہ وانئن مان نڪتل آهي جنهن جو مطلب بہ وهندڙ پاٽي آهي. ويري دانڌل، وليءَ جي ويري، پرچي جي ويري، واگهي جي ويري، گوگا ويري، نيتا ويري، ويرا واءِ وغيره. ”لو“ پڇاڙي وارا ڳوٺ بہ آهن جيئن پوريلو، رنگيلو، ٻاورلو، شو لو، چاريلو وغيره. لوءِ جي لفظي معنيٰ آهي ”ڌرتي “ ” وطن “، ”ساٽيهہ “ وغيره. ڪجهہ ڳوٺن ۾ آباد ڪندڙ ذات جو نالو شامل آهي جيئن منڙيو پٽي، جنجهين جو تڙ، ابن لنجو، منڙيو هاليپوٽا، منڙيو چارڻ، تارياٽو، ورٽهاريو وغيره. ڪن ڳوٺن جا نالا ڪنهن نالي پويان آهن جيئن سليمان حجام، مبارڪ رند، بنگل رند، مانجهي رند، مبين حجام، ٿهريو هاليپوٽو، ميهل بجير، مانيٽو بجير، واگهو بجير وغيره. ڪجهہ نالا ذاتين پويان آهن جيئن دلن جو تڙ، سمن جو تڙ، سيد جو تڙ.



وغيره. منٺي، سونل ٻهہ، دايءَ تڙ، مانٻائيءَ تڙ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ اهي ڳوٺ ڪن نامور عورتن جا قائم ڪيل آهن. ان ڪانسواءِ ڪافي اهڙا پراڻا ڳوٺ آهن جن جي نالن سان ڪابہ معنيٰ ڳنڍيل ناهي. ڪجهہ ڳوٺ جيڪي عارضي قائم ٿيا تن جا نالا ڊاٽي، وانڊ ۽ وانڊيو سان آهن. ٿر جي ڳوٺن جو اڀياس دلچسپ مطالعو آهي جنهن ۾ هرهڪ ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي ڳوٺ سان لاڳاپيل تاريخي ڳالهيون توڙي ڏند ڪٿائون قلمبند ڪن تہ وڏي تاريخ ٺهي پوندي.

## ڍنگهر ڍڪ ماروئڙن جو

دنيا ۾ جڏهن بہ مواصلات ۽ اُپت جا وسيلا تبديل ٿيندا آهن تہ پوري سماج ۾ تبديليءَ جي هوا لڳي ويندي آهي جيڪا اڻ لکي هوندي آهي پر آهستي آهستي جڏهن تبديلي ڏسڻ جوڳي صورت ۾ نظر ايندي آهي تڏهن اُن تي ڪو نہ ڪو نالو رکيو ويندو آهي. نالن ۽ ڏسڻ جوڳائيءَ کانپوءِ هر شئي ليکي ويندي اهي پر تبديليءَ جي انهي اڻ لکي مرحليوار عمل جو پيرو گهٽ کنيو ويندو آهي. وساريل ورقن کي اُٿلائڻ گهرجي ۽ ميساريل ماڳن بابت تحقيق ڪئي وڃي تہ لاپيدائڪ ٿيندو. ٿرجو سماج بہ ٻين سماجن وانگر مسلسل تبديلين مان گذري رهيو آهي جن کي غور سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. گهرن جو سرشتو بہ باقي ڪم ڪار جيان تبديل ٿي رهيو آهي. گهر۾ اهم حصو ان جي چٺوديواري هوندي آهي جنهن جو تقدس ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو ويندو آهي. تبديلين کانپوءِ چٺوديواري ڪچين ۽ پڪين سرن مان اڏي وڃي ٿي پر ان کان اڳي گهرن کي حفاظت خاطر توڙي ڍڪ لاءِ ”لوڙهو “ ڏنو ويندو هو جنهن جو سمورو ڪم هڪڙو مرحليوار عمل آهي جنهن جو حال احوال ضروري آهي. مونکي ان بابت تجسس اجا بہ تڏهن وڌيو جڏهن هڪ ڏينهن مون ”پينٽ“ جي تصوير پنهنجي وال تي رکي تہ ڪافي دوستن ان بابت سمجهاڻي ڏيڻ جو اصرار ڪيو.

ٿر ۾ ڪنهن زماني ۾ تہ گهرن جي چوڌاري اهي “لوڙها” يا ڪنڌيون تمام ننڍيون هونديون هيون جيئن ڪو وهٽ واڙو يا ٻيو ڪو جانور اندر نہ داخل ٿئي. لوڙهي جي مُکي دروازي تي ڪونيٽ جي ”هيڪل ڳونڍي“ ٿاريءَ جي ”ڪڙهہ“ ڏنل هوندي هئي. پوءِ ان جي هنڌ موراڙيءَ مان ٺاهيل ڇپري ۽ ڪانيءَ جو در استعمال ٿيا. ڪانيءَ جي انهي دروازي کي ”ڪِڙي “ چيو ويندو هو. ”ڪڙاهہ“ کي وڌيڪ مضبوط



بنائڻ لاءِ ”آراڙي“ ڏني ويندي هئي جيئن جانور ڪڙاهہ کي اورانگهي اندر اچي نہ سگهي. وسڪاري جي موسم ۾ ٻنين جي چوڌاري ”واڙ“ ڏيئي گهٽيءَ تي ڪڙاهہ ڏني ويندي آهي يا در چاڙهيو ويندو آهي. چوپائي مال جي واڙن تي بہ ڪڙاهون ۽ ڪڙيون چاڙهيون وينديون آهن. اهڙي طرح اهي لوڙها مختلف قسم جي سامان مان ٺاهيا ويندا آهن جن ۾ ”ڪِپ“، ”سڻ“ مان واڙا ۽ واڙون ٺاهيا وڃن ٿا پر جتي وڌيڪ مضبوط لوڙهو گهربل هوندو آهي تتي ”موراڙي“ ۽ ”ٻير“ کي استعمال آندو ويندو آهي. موراڙي بہ ڪنڊيدار ٻوٽو ٿئي ٿو جنهن کي وڏي پوءِ پور ٺاهي سُڪائي رکيو ويندو آهي جڏهن سڪي ڪڙڪ ٿينديون آهن تہ انهن مان اچي لوڙهو ڏبو آهي پر هاڻي موراڙي گهٽجي ويئي آهي ۽ الپ ٿيندي وڃي. موراڙيءَ جي لوڙهي تي ٿانڪاري، گانگهيٽيءَ، اڪ يا کپ جي ”سانپڙي “ ڏبي آهي جيئن موراڙيءَ جون ٽاريون مضبوطيءَ سان بيهي سگهن. سانپڙي جيئن تہ نانگ جيان ور کائيندي ايندي آهي تنهنڪري ان کي سانپڙي يعني نانگ نما سڏيو ويو آهي. لوڙهن ۾ اڪثريت ٻيرن جو ڪنڊيدار سامان ڪتب آندو وڃي ٿو. انهي ڪنڊار سامان جي تياري جا مختلف مرحلا آهن. ٿر۾ ٻير ٻن قسمن جي ٿئي ٿي هڪڙي ”جهنگلي ٻير“ ۽ ٻي ”واڙيل ٻير“. لوڙهن لاءِ ڪنڊا جهنگلي ٻيرن جا استعمال ٿيندا آهن جڏهن تہ واڙيل ٻير گهرن ۾ پوکي ويندي آهي جنهن ۾ ٿيندڙ ٻير ميوي طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. جهنگلي ٻير ۾ بہ وسڪاري جي ڇيڙي تي ٻير ٿيندا آهن جيڪي پچڻ تي بلڪل ڳاڙها نظرايندا آهن ۽ کائڻ ۾ مٺا هوندا آهن. وسڪارو خير سان جيئن گُل ٿيندو آهي فصل گڏ ڪري رکيو ويندو آهي ان کانپوءِ ٻنيءَ ۾ بيٺل ٻيرون جيڪي پوکيءَ دوران رکيل هونديون آهن سي وڍيون وينديون آهن پر انهن کي فوري اتان ڪڍبو ناهي. جڏهن سڪي وينديون آهن تہ هڪڙي ٻير جو جيترو حصو الڳ الڳ وڍيل هوندو آهي ان کي ”ٻيانيءَ“ سان ڪٽي هڪ هنڌ اچي گڏ ڪبو آهي.

آهستي ان کي ٻيئيءَ سان ڇنڊبو آهي جيئن پن ڇڻي الڳ ٿين جن کي ”پلو“ چئبو آهي. ٻاڪرو ۽ ريڍو مال ان کي مزي سان کائيندو آهي. پنن کان صاف ٿيل ٻير جي کنڊيدار ٽارين جي جھڳٽي کي ”ڀهي“ يا ”ڀاهي“ چوندا آهن. جڏهن سموريءَ ٻنيءَ جا کنڊا ايئن گڏ ٿيندا آهن ته انهن کي ٻنيءَ جي فصل کي ڍڪڻ لاءِ ڪتب آڻي جيڪي بچندا آهن تن کي هڪ هنڌ سانڪوري رکندا آهن جنهنکي ”آهُر“ چئبو آهي.ڏاڍي زمين واريون ٻنيون جن کي ڪاٽيون ٻنيون يا ڪاٺا کيتر چوندا آهن ۽ ڏهرن ۾ ٻيرون وڌيڪ ٿينديون آهن. اهي آهرون ٻنين ۾ ئي پيون هونديون آهن تان جو ”واهوندي“ ورندي آهي يعني رات جو اولهہ جي ٿڌي هير لڳندي آهي ۽ ڦڳڻ جون ڦوٽون ٿينديون آهن ۽ ماڪ پوندي آهي. ماڪ جيڪا رات جي آلاڻ آهي جنهن کي شاعرن دردمندن جو همدرد چئي ڪوٺيو آهي. مخدوم سرور نوح جو مشهور بيت آهي؛

**پيئي جا پرڀات، سا ماڪ مرڀانيو ماڻھوئا،**
**روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.**

ماڪ جي ڏينهن ۾ اهي آهرون ٻنين تان ڳوٺ ڪٺي اچبيون آهن چاڪاڻ جو ماڪ جي ان شبنمي ماحول جا مرطوبيت جي ڪري کنڊا ڀُرندا ناهن. کنڊن ڪٽڻ جا به مختلف طريقا آهن. مٽي تي به کنڊا کنيا ويندا آهن ته اُٺ تي به. هاڻي ته اُٺ گاڏا ۽ گڏهہ ڪاڏيون به کنڊن ڪٽڻ لاءِ استعمال ٿين ٿيون. ڀاهين جي مجموعي کي ”پينٽ“ ”ڀُور“ يا ”اوڀاڙو“ چئبو آهي. ڀاهيون سانڪوري مٽي جو پينٽ به ٺاهيو ويندو آهي ته اٺ تي ڪٽڻ جو پينٽ ڀُڻ. مٽي تي ڪجندڙ پينٽ کي ”مٽي جو ڀُور“ ۽ اُٺ تي ڪجندڙ پينٽ کي ”اوٺو پينٽ“ چوندا آهن. کنڊا سانڪورڻ به ڪاريگريءَ وارو ڪم آهي ته کنڊي ڏيڻ به وڏن هُنر آهي. ڪاريگرن جا سانڪوريل کنڊن جا پينٽ ۽ ڏنل کنڊيون تمام خوبصورت لڳندا آهن ۽ جٽادار ٿيندا آهن. ڳوٺ کنڊا آڻي ماڪ



جي ڏينهن ۾ لاسيا يعني کنڊي ڏيارڻ ۾ مددگار ماڻهو گڏ ڪري کنڊي ڏيارڀي آهي .گهڻو ڪري صبح سويلي کنڊي ڏيڻ شروع ڪبو آهي ۽ ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ ڪم مڪمل ڪري وٺبو آهي نہ ته ماڪ ڪجي ويندي ۽ کنڊو سولو ڇاپجي نہ سگهجندو. ڪاريگرن جون ڇاپيل کنڊيون اهڙيون ساريڪيون نظراينديون آهن چڻ فٽ پٽيءَ تي ساريڪيون ڪيون ويون هجن. هاڻي ٿر ۾ به ماحول تبديل ٿيندو پيو وڃي. هڪ ته شهر گيري ٿي آهي ته اُتي گهرن جي چوڌاري پٽيون ڏنيون وڃن پيون ٻيو ته آهستي آهستي ٻيريون اُڏڙنديون وڃن جن جو مکيہ سبب پوکيءَ لاءِ ٽريڪٽرجو واهپو آهي جيڪو ٻير جي پاڙن جو دشمن آهي. اهڙي نموني ٻيرن جي کنڊن وارو ”لوڙهو“ ڍنگهرن جو اهڙو ڍڪ آهي جنهن سان گهر جو ستربرقرار رهي ٿو ته گهر به سهڻا لڳن ٿا. بدلجندڙ حالتون ڏسي لڳي ٿو ته ڪو وقت ايندو جو ٻيريون نظر ئي نہ ايندا ته پوءِ لوڙهن ڏيڻ جو رواج به بدلجي ويندو.

## هون تو هلي هيل پرڻ...!!

ٿرجي لوڪ رس ۾ ٿري زندگيءَ جا بيشمار رڱ آهن. لوڪ گيتن مان ٿري ثقافت جي ڪنوڻ ايئن ڪجڪا ڪري نڪرندي آهي جيئن چئوماسي ۾ ٻٻرجي جا بادل گجگوڙسان پلر جي پالوٽ ڪندا آهن. لوڪ گيت جي اهڙي هڪڙي سُريلي سِٽَ ۾ ”هيل “ پرڻ جو ذڪندي، هن ريت ڳايو ويو آهي:

**هون تو هلي هيل پرڻ ماٿي ٿهوڪيو مور.....ري...!!**

ان سٽ ۾ هڪ مڪمل جمالياتي لقاءُ ۽ اندر جي محسوسات جو ڇُهاءُ به ان هيل جي ڳچيءَ جيان ڳاٽ ڪنيو نروار ٿيو بينوآهي جيڪا ڏگهيءَ ڳچي واري عورت جڏهن پنهنجي مٿي تي ڪٽي وچ وراڪا ڏيندي، لوڪ گيت جهونگاريندي، سهيلين سان گڏجي هلندي آهي ته فطرت جو حسن به سندس تعظيم ڪندو نظرايندو آهي ۽ مور جي جهينگور جي اسرار ۾ ظاهر ٿيندو آهي. هيل ۾ پاٽي پرڻ جو رواج ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو آهي پر هاٽي ته ٽامائي ٿانون ۽ ڪنجهي جي ٿانون جي جاءِ زنگ ڪان آجا ڏاتوئي ٿانو والاري چُڪا آهن جن کي اسٽيل جا ٿانو چيو ويندو آهي. ايلومينيم جا ٿانو به واهپي ۾ آهن پر ”ٽامائي “ٿانو ۽ ”ڪنجهو “ ايئن گم ٿي ويا اهن جيئن ڏيڱين جا مٿيان ڏند.

ٿانو ڪنهن به ثقافت جو اهم پهلو آهن. ٿانون جي واهپي مان ان ثقافت جي اظهار وسيلي، لاڳاپيل سماج جي جمالياتي ذوق توڙي، ڪاچرو شين جي واپراج جو اندازو به ٿئي ٿو. ٿر ۾ ڪتب ايندڙ ٿانون ۾ ٽامي جي برتنن ۽ ڪنجهي جي رڃن جو استعمال يقينن ڏاتوئي دور سان ٿيو هوندو. ٽامي جي ٿانون لاءِ مجموعي نالو ”ٽامائي “ آهي. ڪنجهي يا ڪانسيءَ جا برتن به انهن سان گڏ استعمال ٿيندا رهن ٿا.



ٽامائي ٿانون سون چانديءَ جي ٿانون جي جاءِ والاري هئي. ٽامي جي ٿانون ۾ ماني ڪائڻ جا برتن، ڪيرلاءِ استمال ٿيندڙ برتن مُڪيه برتن آهن.

ڪاڏي رڌڻ ۽ ڪاڏي ڪائڻ جي برتنن ۾ ديڳون، ديڳڙا، سپريون ۽ ڍاڪون اڇي وجن ٿا. ديڳ، ديڳڙي توڙي سپريءَ ڪي اندران قلعي جو پوٽو ڏيارٻو آهي جيئن ٽامائي زنگار نه ٿئي ڇاڪاڻ ته اهو زنگار ڪاڏي کي زهريلو بنائي ڇڏي ٿو. قلعيگريءَ جو ڪم ڏاتوگريءَ جي ڪم سان گڏ شروع ٿيو هو. هاٽي جيئن ٽامي جا ٿانو به ختم ٿي ويا آهن ته قلعيگري به جهڪي پئجي ويئي آهي. اڳي قلعي گر ۽ ٺاٺارا گڏوگڏ هلندا هئا. ٽامائي ديڳ جي جاءِ ايلومينيم جي ديڳ والاري آهي. ننڍا ٿانو اسٽيل ۾ اچي رهيا آهن يا ايلومينم جا ٺهيل پريشر ڪُڪراستعمال ۾ آهن. ڍاڪون ڪاڏي ڪائڻ ۾ استعمال ٿيندا هئا جيڪي نج ٽامي مان ٺهيل هوندا هئا. ڇاڪن جو سيٽ هوندو هو جنهن ۾ ٽن ڍاڪن جو جوڙ يا سوٽ هوندو هو. ٿالهي جون ڪناريون ايئن رکيل هونديون هيون جو ڍاڪونءَ جو ڍڪ ان ۾ ڪُپي ويندو هو. ڪاڏو سولائي سان ڍڪيل ۽ محفوظ رهندو هو. عمومن ٽي ڍاڪون هوندا هئا پر جڏهن گهٽي تڪلف مان ڪاڏو مهمان کي ڏنو ويندو هو ته ان ۾ ست ڍاڪون هوندا هئا جن کي ”ست رڇي “ چئبو هو. رَڇُ ٿانو کي چيو ويندو آهي. پاٽي ”وٽي“ يا ”وٽيءَ “ ۾ ڏنو ويندو هو. هٿن ڌوئڻ لاءِ پاٽي ”ڪرسيئي“ ۾ ڏنو ويندو هو. وٽيون، وٽا ۽ ڪرسيا ڪنجهي جا هوندا هئا. ڪٽي ڪٽي ڪرسيا به ٽامائي هوندا هئا. ”جنگو“ به ڪنجهي جو ڪاڏي ڪائڻ جو ٿانءُ آهي. ٿالهي ۽ جنگو ٻئي نياڻيءَ جي ڏيج جو لازمي حصو هوندا هئا. جنگي ۾ گيهه وجهي مٿان ماني پوربي هئي ته سولائي سان ماني مهٽجي پوندي هئي. گيهه هارجڻ يا ان ۾ دز وغيره پوڻ جو گمان نه رهندو هو. وٽو پاٽي پيئڻ ۾ استعمال ٿيڻ سان گڏو گڏ ان پرڻ جي ماڻ طور به آڳاٽي زماني ۾ استعمال ٿيندو هو. ڪن ماڻهن حضرت يوسف عليه السلام جي پاٽرن جيان ان پريندي وٽو

چورايو تہ ان جي گدام وارن مٿن بندش هنئي تہ هاٿي توهان جي ڳوٺ جو ڪوئي ماڻهو هيڏانهن نہ اچي ڇوتہ توهين وٽي چور آهيو.ان تان ڀاڪو جُڙيو تہ ”وٽو ڪٽي هڪڙو واٽ وڃائي ويهن جي“. ”وٽي تي نالو نہ هجڻ“ وارو ڀاڪو بہ اهڙي نمائنده وٽي جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ مذڪوره وٽي تي ان ست راڄيءَ جي سرواڻ فردن جا نالا اُڪريل هوندا هئا جيئن خبر پوي تہ هن ماڻ تي ڪيتريون ڌريون متفق آهن. ان وٽي وسيلي ڪوڙ سارا راڄنيتي ڪم سرانجام ڏنا ويندا هئا.ان ڪري وٽي تي نالو هجڻ ڪنهن بورڊ وانگر هوندو هو جنهن تي نمائندو نالا هجن. وٽي تي نالو نہ هجڻ جو مطلب سماجڪ ڪاروهنوار جي ڪنهن ليکي ۾ نہ هجڻ هوندو هو.

پاٽي پرڻ يا کير ڏهائي لاءِ ٿامائي استعمال ٿيندا هئا تن جي سيٽ ۾ ”منگهٽو موريو هيل، لوٽي ۽ ڪرسيو آهن. منگهٽو سڀ کان وڏو ٿانءَ آهي جنهن ۾ اڌ مڻ جيتري پاٽياڻي شئي سمائي ٿي. موريو ان کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو. هيل ڊگهي ڳچيءَ واري ٿامائي گگر آهي جنهن ۾ موريئي کان ٿوري گهٽ گنجائش آهي. لوٽي هيل کان بہ ننڍي آهي جنهن کي مقامي زبان ۾ ”چروڙي“ چوندا آهن. لوٽيءَ ۾ کير جي ڏهائي ٿيندي آهي. ڏوجهارو کير ججهي هئڻ جي صورت ۾ اهو کير موريئي ۽ منگهٽي ۾ منتقل ڪندو رهندو آهي ۽ پوءِ کيرڪٽائي گهر وڃبو آهي.ننڍڙو ٿانءُ يعني ڪرسيو وري ”ڦيڏري“ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. لسيءَ ۾ زوراٽيون سيڙهون هٽي، ڦيڏرو ٺاهيندا هئا. ٽڏي رٻ سان اهو جهارو اهڙو چسڪي وارو هوندو هو جو جن بہ چکيو هوندو سو چپ پيو چٽيندو. ٿامائين جو اهو پورو سيٽ ڇوڪرين کي ڏيج ۾ بہ ڏنو ويندو آهي تہ تورڻ جي رسم دوران ”وڙٻيريئي “ طور ننڍڙين ڇوڪرين کي مٿي تي کڻائبو آهي جنهن جنهن کي گهوٽ ڦڙتيءَ سان اُچت نموني لاهي هيٺ رکندو آهي. ان ريت مان خبر پوندي آهي تہ گهوٽ جوان ۽ چُست آهي يا وري ڪو پوڙهو ۽ ڪمزور آهي، ڇوتہ اڳي گناتپي ٿيندي



هئي ۽ پري پري سگهاوتي ڪبي هئي. هاٿي ٿامائي بہ وڃي باقي ڪن گهرن ۾ رهيا آهن تہ هيل پرڻ واريون بہ ڇڊيون مٽيون نظراچن ٿيون. برساتون بہ گهٽ پون ٿيون تہ ترايون بہ گهٽجي ويون آهن. هيل پرڻ ترائي يا نياڻ تي وڃبو هو جيڪو رواج بہ ختم ٿيندو پيو وڃي.ٿامي ۽ ڪنجهي جون ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جن ۾ تيل وٽيون، سُرميدانيون، اوٺارين جون ٺانٺون وغيره شامل آهن. ثقافتي تبديلن جي تيزيءَ جي ڪري اهي ٿانو مٿان ايترو گهٽجي وڃن جو اهي رڳو عجائب گهرن ۾ نظراچن.

# رنگبرنگي گُل روهيڙن جا

ٿرپارڪر جنهن کي عام طور ٿر سڏيو وڃي ٿو سو نہ ڊيزرٽ آهي نہ ايرڊ زون آهي. ڊيزرٽ اهڙي خطي کي چيو ويندو آهي جتي برساتن جي اٽاٽ هجي، اوپڙ نہ هجي. ايرڊ زون اهڙي خشڪ علائقي کي چوندا آهن جيڪو بلڪل سُڪل هجي يعني ان ۾ پاڻي نہ هجي. پر ٿر نہ رڳو پلوڙا اوپڙ وارو سائو پاڳو آهي جنهن جي ڌرتيءَ ۾ پاڻيءَ جا ڪيئي تهہ موجود آهن تہ برساتون بہ جڏهن پون ٿيون تہ پٽ پلر سان پرجي وڃن ٿا. ٿر ۾ انيڪ قسمن جا وڻ ٽڻ، ٻوٽا گاهہ ۽ وليون ٿين ٿيون جيڪي جڏهن برسات گهٽي پوي ٿي تہ گهٽي تعداد ۾ ٿين ٿا پر برسات ڪانسواءِ بہ ڪافي وڻ آهن جيڪي ساوا رهن ٿا، ڦُلارجن ٿا ۽ ميوو جهلين ٿا. اهڙي وڻراهہ ٿر جي مال توڙي ماڻهن جو اجهو ۽ پرجهلو آهي. ٿر جي خوبصورت نظر ايندڙ وڻن ۾ روهيڙو بہ هڪ آهي، جنهن جي سونهن هر ڪنهن کي هر ڪائي ٿي. روهيڙي جي سونهن جو مُکيہ سبب ان جا گُل آهي.

هن وڻ جو نباتياتي نالو ٽيڪوميلا انڊيوليٽا آهي پر پاڻ ان جي نباتياتي مطالعي کان هٽي ان جي عام پاسي يعني سماجياتي پهلوءَ کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. روهيڙي کي ڪاڇي واري پاسي لوهيڙو بہ چيو ويندو آهي. روهيڙي جو وڻ وڏو وڻ ٿئي ٿو جنهن ۾ ٽن رڱن جا گُل... پيلا، نارنگي ۽ ڳاڙها...... ٿين ٿا. اهي گل ڊسمبر جي مهيني کان وٺي فيبروري تائين لڳن ٿا ۽ پنهنجي جوڀن جواني کي پهچن ٿا. اهي گل تمام گهڻا سهڻا لڳندا آهن. پيلا گل گينديءَ جي گلن جيان انهن جو رڱ، نارنگي رڱ ۽ ڳاڙهو لالاڻ پريو رڱ ڏوران اهڙي ڏيک ڏيندو آهي جو اکيون ٺري پونديون آهن پر ستم ظريفي اها آهي تہ ههڙن سهڻن گُلن ۾ سُڳنڌ نہ هوندي آهي. ٻي سڳنڌا هي گل ٻڪرين ۽ اُٺن جو چارو آهن. گل پڇي راس ٿيندا آهن تہ آهستي آهستي ڪاري رڱ جون ڊگهيون ڦرهيون لڳنديون آهن جيڪي بہ مال کائيندو آهي.



روهيڙي جي وڻ لاءِ ڪافي سنسا ۽ وهم بہ هوندا هئا جيڪي هاڻي ايترا سگهارا نہ رهيا آهن. مثال طور: اڳي ماڻهو هن وڻ کي "فقيروڻ" سمجهندا هئا ۽ هن وڻ کي هر ويرو وڍڻ ڏوهہ جهڙو سمجهيو ويندو هو پر هاڻي خلق جي وڌڻ سان هن وڻ جي واڍي بہ وڌي ويئي آهي. اصل ۾ وڻ جي ڪاٺي ڏاڍي نهري ٿئي ٿي. جتي بہ روهيڙو هوندو آهي اُتي ٻي ڪا اوپڙ نہ ٿيندي آهي. ان حد تائين جو گاهہ ٻوٽا بہ تمام گهٽ ٿيندا آهن يا وري جيڪا اوپڙ اُپڙندي آهي ان جو بہ قد ڪاٺ پوڻو هوندو آهي. هن وڻ کي جيئن وڍيو آهي تہ ان ايراضيءَ جي چوڌاري روهيڙا ايتري ججهي تعداد ۾ ٿي پوندا آهن جو اها سموري ڌرتي باقي پوڻن لاءِ سڪي ويندي آهي ۽ فصل يا پوکون بہ نہ ٿيندا آهن. اهڙي طرح ڌرتيءَ جي زرخيزيءَ کي هاڃو رسي ٿو جيڪو ناقابل تلافي آهي. اهڙي طرح ڳوٺن جا سادا سودا ماڻهو هن وڻ کي فقير وڻ قرار ڏيئي واڍيءَ کان بچائيندا هئا. هاڻي دور بدليو آهي تہ اهي سمورا قدر بہ بدلجي ويا آهن. اجگر آرا مشينون شهرن ۾ لڳيون پيون آهن جن تي روهيڙي سميت ڪيترن ئي وڻن جو ڪاٺ وڃي رهيو آهي. روهيڙي جي وڍڻ لاءِ سرڪار جي اجازتنامي جي ضرورت بہ پوندي هئي پر هاڻي حڪومت ڏٽين جي هيٺائي بہ ڏسڻ وٽان آهي.

روهيڙي جو وڻ پنهنجي نهري ڪاٺ جي ڪري مشهور آهي. هن وڻ جو ڪاٺ نهرو، جٽادار ۽ خوبصورت ٿئي ٿو. موسمي اثرات سميت ٻين شين جو اثر بہ هن جي ڪاٺ تي گهٽ ٿئي ٿو. روهيڙي جو ڪاٺ جنڊيءَ تي چڙهڻ ڪانپوءِ وڌيڪ نکري پوي ٿو. جنڊي هاڻي تہ بجليءَ تي اچي ويئي آهي پر اڳي هٿ تي هلائڻ واري جنڊيءَ سان ڪاريگر اهڙيون سنيون شيون ٺاهيندا هئا جو ڏسڻ وارو سندن ڪاريگريءَ کي داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهندو. اسان جي ڳوٺ ۾ ساهو ميگهواڙ نالي ڪاريگر واڍو هوندو هو. سندس ٺاهيل روهيڙي جون کٽون، دروازا، گهريلو فرنيچر جون ٻيون شيون، سجاوٽ جون شيون جتي بہ اجا پيون

آهن تہ جٽادار صورت ۾ پيل آهن. جيئندي دانڌوءَ جا نرپائو ۽ حيات ڏانڌو بہ روهيڙي جي ڪم جا ڪاريگر هوندا هئا. سوٿهڙ برادريءَ جا تمام گهڻا فرد روهيڙي جي ڪاٺ مان شين ٺاهڻ جا ڪاريگرهوندا هئا. اڳوڻي دور جي ڪاريگرن وٽ معيار جي اهميت هئي هي دور مقدار جي ڊوڙ۾ آهي ڇاڪاڻ تہ ضرورت وڌيڪ آهي تنهنڪري شين جي فراهمي وڌائي وڌيڪ نفعي ڪمائڻ جي مرض ۾ هرڪو مبتلا آهي. روهيڙي جو وڻ جهنگل ۾ ٿي ٿئي ٿو. ڳوٺن ۾ ورلي ڪو روهيڙو ڪٿي ليندو. روهيڙي جي وڻ جي گهٽي واڍي، زمين جي زرخيزي سميت ٻيا انيڪ مسئلا پيدا ڪري ٿي. ان ڪري هن وڻ کي وڌڻ ۾ احتياط کان ڪم ورتو وڃي. هن وڻ کي ڳوٺن ۾ بہ پوکيو وڃي جيئن ڳوٺن جي ڏيک جي سونهن وڌي. چون ٿا تہ هن وڻ کي دوا طور بہ مختلف بيمارين ۾ واپرايووڃي ٿو.تر جو هي فقير وڻ خاص ڏيان جو ڳولائو آهي.



## ٿانپي ڪنڊي -- جُڳن جي شاهد ڪنڊي

ڪنڊي جي وڻ، ڪاري وسيهر نانگ ۽ ڪاري ڪانگ جي عمر صدين تي محيط هوندي آهي. ان ڪري اهي ٽريون زمانن جون شاهد هونديون آهن. انهن شين جي انهي گڻ کي نظر ۾ رکندي ئي پٽائي سائين ڪنڊي ڪان ڊوري جي پرئي وهڻ جو پڇندي، جسودن جهڙي پهيڙي جو احوال پڇيو هو.

**ڪنڊا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڊور وهي،**
**جسودن جيڏو تو ڪو گڏيو پهيڙو.**

ڪنڊي جو وڻ ٿرپٽاندر وڻ آهي جنهن ۾ موسمي حالتن جي زوراور سٽ سهڻ جي بہ اُتم سگهہ آهي. اسان جي ڳوٺ وڪڙيئي جي اُتر ۾ مامي حسين سنگراسي وارن جي گهرن کان مٿئين پاسي، چوٽيئي ڏهر ڏانهن ويندڙ گهاڙوءَ جي ايرنڊئين ڪپ تي، پٽ تي بيٺل اهڙي ديومالائي ڪنڊي يعني ٿانپي ڪنڊيءَ جي عجيب ۽ دلچسپ ڪهاڻي آهي. هن ڪنڊيءَ کي اسان ٻاراڻڻ کان ڏسندا اچون ساڳي جسامت اٿس. ڪاني سنهي. هڪجيترا ٿار. هن کي انهي شڪل ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ رهندڙ ڏاڪو ڪن پيڙهين ڏٺو آهي پر هيءَ ڪنڊي سدائين ساڳي شڪل ۾ نظر آئي آهي. جوان وڻ جيان سنهي ٽڙ سان موسم ۾ ٿورو گهڻو سگهر لڳي ٿو ۽ اهو پڇي چڻي ٿو ۽ ڪنڊي اوڏي جا اوڏي لڳي ٿي. هن ڪنڊي جي عمر چوريءَ جي اها ڪهاڻي ان کان به پراڻي آهي. اسان جا وڏا ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ واپار سانگي گجرات ويندا هئا جتي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪين هڪڙي پوڙهي مائي ملي جنهن ڪانئن حال احوال پڇيا تہ ڪٿان جا آهيو؟ توهان جو ڳوٺ سنڌ ۾ ڪٿي آهي؟ وغيرهہ اسان جي همراهن ڪيس موٽ ۾ چيو ”اسين وڪڙيئي ڪان آيا آهيون. هتي ڊولڪا ۾ اسان جي عارضي رهائش

آهي. ڏيکن جو واپار ڪندا آهيون.“ اهو ٻُڌي انهي عورت جي اکين ۾ عجيب چمڪ لهي آئي ۽ هن چيو تہ ”اسان جي ڳوٺ جو نالو بہ سنڌ جي ٽر واري حصي ۾ هو جنهن ۾ آئون اجا ٻار هيس تہ ايتريون ´ڦوڪٽيون` يا ´ٻُچڙيون` ظاهري ٿيون جو انهن جي ´پيئڻ` سان ماڻهو مري پٽ ٿيا ۽ باقي بچيل ماڻهو دانهون ڪوڪون ڪري اُتان ڀڄي نڪتا. ان ڪانپوءِ اسان جي ڳوٺ تي ”ڪُوڪڙيو“ نالو پئجي ويو. ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ هڪڙي نشانبر ڪنڍي بيٺل هئي جنهن کي ٽانپي ڪنڍي سڏيندا هئا. جيڪا جڳاندر جهوني هئي پرجوان نظرا يندي هئي.“ انهن همراهن جي اندازي مطابق اها ساڳي اها ڪنڍي آهي جنهن بابت انهي پوڙهي ٻُڌايو. اهڙي ريت اها ڪنڍي جيڪا ”ڪوڪڙيئي“ جي ڏکڻ ۾ هئي سا نئين ڳوٺ ”وڪڙيئي “ جي آباد ٿيڻ سان ان جي اُتر ۾ اچي ويئي ۽ صدين کان نشانبر ڪنڍيءَ طور، صدين جي شاهد طور، زمانن جي اکين ڏٺي شاهد جيان ڪر کڻيو بيٺي آهي. هن ڪنڍيءَ کان اُتر طرف ”مٽيءَ جي زماني “ جي آباديءَ جا نشان ملن ٿا جيڪي اوڀراوله ۾ اٽڪل 5 ڪلوميٽر ۽ اُتر ڏکڻ ۾ ٻن ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهن ۽ انهي نڪراڻي جو مرڪز جنهن پٽ تي نظر اچي تنهن جو نالو ´ڪانڊلڪوٽ` آهي ۽ هي علائقو ڪانڊلڪوٽ جي تهذيب جو مرڪز آهي. ڪانڊلڪوٽ جي تهذيب جا اُهڃاڻ ٻُڌائين ٿا تہ هي تهذيب نڪر جي جُڳ جي تهذيب آهي جنهن تي وڏيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. هن ٽانپي ڪنڍيءَ سان ڪافي ڏند ڪٿائي قصا به لاڳاپيل آهن جن ۾ جنات جون ڪجهہ ڪهاڻيون آهن. جنات جي اهڙين ڪهاڻين جي ڪري سج لهڻ ڪانپوءِ ڪوئي ٻار وغيرهہ اوڏانهن نہ ويندو آهي. هڪڙي اهڙي ڪهاڻي انهي ڪاري نانگ بابت بہ آهي جيڪو هن ڪنڍيءَ هيٺ پوريل ڌن تي پهرو ڏيئي ويٺل آهي. ايئن هيءَ ڪنڍي نشانبر ۽ نروار آهي ۽ اسان جي ڳوٺ جي ماضي ۽ حال جو نشانبر اهڃاڻ آهي ۽ شال اهو اهڃاڻ بازار جي اُٿل کان بچي ۽



مستقبل جو نشان ٿي قائم ۽ دائم رهي. ٽرم جيڪي شيون جٽاداريءَ جو اهڃاڻ آهن تن ۾ ڪنڍي جو وڻ اهم آهي.هن جهڙيون ٽانپيون ڪنڍيون ڪافي ڳوٺن ۾ آهن. سڀني ۾ هڪڙي ڳاله مشترڪ آهي تہ اهي نشانبر ۽ نروار آهن ۽ ٻين وڻن کان نياريون نظر اچن ٿيون. هن وڻ جي سنهي وڻ کي ´ڪنڍي` يعني مادي وڻ سڏيو وڃي ٿو ۽ ٿلهي ٿُڙ واري وڻ کي ´ڪنڊو` ڪوٺين ٿا. ٽانپيون سڀ ڪنڍيون آهن. ڪوئي نر ڪنڊو ”ٽانپي“ ناهي. اها ڳاله شاهدي آهي انهي ڳاله جي تہ ٽر جي فڪري ورٿي ۾ عورت جو رهنما وارو ڪردار آهي.

## موراڙيءَ ان کي بچائڻ لاءِ لوڪ ڏاهپي طريقو

موراڙيءَ جو ٻوٽو ڪنڊيدار ۽ سخت تارين وارو ٻوٽو آهي جيڪو جانس يا جهاڙي جي صورت ۾ نظرايندو آهي. برسات پوڻ سان موراڙيون سايون ٿي پونديون آهن. منجهن لڱل ساوا پن ڪين زمردين اوڏاٽي اوڏائي چڙهيندا آهن ۽ رڍ ٻڪري انهن پنن کي چاھ مان چرندي آهي. موراڙي ڪنڊيدار ٻوٽو آهي جنهن جو ڪاٺيون بہ سخت ۽ جٽادار ٿين ٿيون جن مان مال جاواڙا ۽ لوڙها ناهيا وڃن ٿا جو اهي گهڻو وقت مضبوطي سان رهن ٿا. موراڙي اجهور يعني گهرن سان لڳ چراگاهي علائقي ۾ وڏيڪ ٿئي ٿي ۽ ريڍا ٻاڪرا ڦر هن ٻوٽي کي خوشي مان چرن ٿا. ڏورانهون سيم جو چرڻ جهنگ پهرندڙ مال لاءِ آهي جڏهن تہ ڦرڙا اجهور ۾ چرندا آهن. اها المناڪ صورتحال آهي جو وڌندڙ انساني آباديءِ جي جهور سان اجهور ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندا وڃن پيا. موراڙي انهن اجهورن جي سونهن آهي. موراڙي بابت هڪڙي ڳالهہ ڪان اهي سيئي ماڻهو واقف هوندا جن جو ٻاراتڻ ٿر جي ڳوٺن ۾ گذريو هوندو ۽ انهن ٻالجتي ۾ گهر جي ٻارڻ لاءِ يا وڪري لاءِ ڪاٺيون چونڊيون هونديون تہ جڏهن بہ اهڙين ڪاٺين سان ڪا موراڙي جي ننڍڙي ڪاٺي ڏٺي هوندي تہ فوري اهو چئي ان ڪاٺي کي اڇلايو ڇڏيو هوندو تہ موراڙي جي ڪاٺي ٻارڻي ناهي چاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان ٻڪري منڍي ٿيندي. ڪوبہ اهو نہ چاهيندو تہ سندس ٻڪري منڍي ٿئي، چاڪاڻ تہ ٻڪري گهر جو اثاثو آهي. اثاثي ضايع ٿيڻ جي ڊپ ۾ موراڙي بچي ويندي هئي. انهي سموري لوڪ ڏاهپ پويان موراڙي بچائڻ هوندو هو چاڪاڻ تہ موراڙي نہ رڳو وسڪاري جا چار مهينا سائي رهي ٿي پر ان ڪانپوءِ بہ سڄو سال سائي رهي ٿي رڳو ان مان پن ڇڻي وڃن ٿا. موراڙي جي مضبوط ۽ سدا ايپي رهندڙ جانس زمين کي بہ مضبوطي سان جهلي ٿي ۽ اڏامڻ نٿي ڏئي. ايئن زمين جي زرخيزي بہ بچي وڃي تہ پون مٿاچرو اڏرڻ کان محفوظ رهي ٿو. ان سان گڏ وگڏ آسپاس واري اوپڙ بہ بچي وڃي ٿي. ان ريت ڳالهين کي ماحولياتي ڳوڙهائي سان ڳنڍي، وڻن ٽڻن ٻوٽن جيت جڻن ۽ جانورن کي بچائي ماحول جي سانڍ ڪئي ويندي هئي. هاڻي تہ بازار جي باھ آهي جا هر شئي کي پنهنجو ٻک ٻڻائيندي، ڳڙڪائيندي پيئي وڃي.

## ڪنڌا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڀور وهي...

ڪنڌي جي وڻ جي عمر هونئن ته وڏي آهي، پر زماني جون هوائون ۽ تبديليون ان کي به لوڏي ڇڏين ٿيون. اهڙو ئي ڪنڌي جو ’ٽُنڊ‘. اسان جي ڳوٺ ۾ مرحوم جيئي پيئيئي جي گهر اڳيان، يونين ڪائونسل آفيس ۽ جوڳين جي مقام جوڳلي ڏانهن ويندڙ واٽ تي بيٺل ان ڪنڌي جي نشاني آهي جنهن هيٺ چاچي جيئي جي پلين پر ڏنگين ڊڳين جو وٿاڻ هوندو هو- جيئو مرحوم ۽ سندس گهر واري پوئا مرويت وٿاڻ ۾ ڊڳين کي ميڙڻ ۽ خاطرداري ۾ لڳل هوندا هئا. ننڍڙا ٻار هتان لنگهندي ڊڳين توڙي جيئي مرحوم پر ڊڄندا هئا. ڊڳيون ماڻيون هونديون هيون ۽ ڪاهي ٻارن پٺيان لڳنديون هيون-جيئو مرحوم وري گنج ڪيل ٻارن کي پوڳ مذاق ۾ ٺونگون هڻي چوندو هو ته ڏسان ٿو مٿو ڪچو آهي يا پڪو- سندس گهر واري شفيق عورت هوندي ۽ آخري عمر ۾ سندس جسم مڙي زمين سان وڃي لڳو هو لٺ تي زمين چشم ٿي هلندي هئي-چاچي جيئي جا ٽي پٽ هوندا هئا. هاشم، حسين ۽ سومار.. ڪنهن پونير کي ڇڏڻ ڪانسواء گذاري ويا آهن-سندن گهر به ڌرتي جي سيني تي موجود ناهي- بس هي ڪنڌي جو ٽنڊ آهي جيڪو اداس حالت ۾ زماني جي بي ثباتيء جي شا هدي ڏيئي رهيو آهي-ڪله انهي ڪنڌي گذرڻ ٿيو ته مون کي ڪنڌي جو اڀاٽڪو ٽڙ ڏسي، پٺائي جو اهو بيت ذهن تي تري آيو جنهن ۾ هن سڪل درياهي ڀوري جي ڪپ تي بيٺل ڪنڌي کان پڇيو هو....

**ڪنڌا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڀور وهي،**
**جسودن جيڏو تو ڪو گڏيو پهيڙو.**

ڪنڌي جي ڏڪاري شڪل جي پس منظر ۾ مونکي ذهن تي چاچي جيئي پيئيئي جو پلين ۽ ڏنگين ڊڳين جو وڏو وٿاڻ ياد آيو جنهن جي هاڻي موجوده پيڙهي کي ڪل ئي ڪانهي ڇوته ان ماڳ تي سواء انهي ڪنڌي جي ڏڪاري ٽنڊ جي ٻيو ڪجهه باقي ناهي.



## مينهن جا ماما.. وٺي جي واڏائي

ٿر ۾ چئوماسي جي مند پريل آهي. مختلف ڳوٺن تي مينهن پيو آهي. ڌرتي ۽ اڀ جو سنجوڳ به ميگهه ملاري سان آهي .ٿر جي ڌرتي تي مينهن پوڻ خوشحالي جون انيڪ ڪيرون آڻي ٿو. ساوڪ سرهائي ۽ سک ستابائي مينهن پوڻ کان پوء ٿين ٿا. مينهن جي انهن مڙني خوبين ۾ سڀ کان پهرين جيڪي به شيون اپجن ٿيون تن ۾ پهرئين مينهن پوڻ سان مٽي مان اڀرندڙ سڳنڌ آهي جنهن جي مهڪ جو مٽ ڪا خوشبو ناهي ۽ ٻيو وٺي جي صبح جي واڏائي مينهن جي مامن جي نروار ٿيڻ جي صورت ۾ آهي. رات اسان وٽ وڪڙئي ۾ رحمتي ريج مينهن پيو جنهن سان سيمن ۾ سرهائي آئي. آئون صبح سويرو اٿي جهنگ ڏانهن ويس ته اونڌي لڪ وٽ مون هي بخملي پوش وارا مينهن جا ماما ڏٺا جن کي مينهن وَساڙا به ڪوٺيو وڃي ٿو. مينهن جا ماما مٿن نالو ڪيئن پيو تنهن بابت ڪا ڪهاڻي يا ڏند ڪٿا موجود ناهي پر اهو نالو ٿري ماڻهن جي ان ذوق جي نشاندهي ڪري ٿو جيڪو سندن فطرت پسندي ۽ فطرت شناسي جو ڏس ڏئي ٿو. مينهن جي مامي جو مطلب مينهن جي ماء جو ڀاء هجڻ آهي. مينهن جو مامو هجڻ جو مطلب مينهن کان اڳيون هجڻ آهي. مينهن جي مامي (Trombidiidae) کي انگريزي ۾ ريڊ ويلوٽred velvet ، سچي بخملي اڏوهي true velvet mite، ۽ رين بگس rain bugs سڏين ٿا. هي اٺ ڄنگهو جيت پنهنجي چمڪندڙ ڳاڙهي رنگ جي ڪري ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. هي جيت پنهنجي بلوغت واري اوسٿا ۾ چار ملي ميٽر ڊگها ٿين ٿا پر ڪنهن ڪنهن جنس وارا 12 ملي ميٽر به ٿين ٿا. مينهن جي مامن جي زندگي جو سلسلو ٻين جيتن جيان مرحليوار ٿئي ٿو جيئن آنو، لاروا کان اڳ، لاروا، پروٽو نمف، ڊيوٽو نمف، ٽرائيٽو نمف ۽ ساماپل

جيت. عام طور سال ۾ اهي هڪ پيرو ويامن ويجهن ٿا. اهي وڏا ٿين ٿا تہ سرگرم پريڊيٽرس ٿي پون ٿا ۽ ان کان اڳ ڪچي وهيء ۾ جيتن ۽ ٻين اٺ ٽنگن سُرڙن تي پلجن ٿا. مينهن جي مامن جي يورپ، ايشيا ۽ اتر آفريڪا ۾ لڀندڙ جنس Trombidium holosericeum آهي. سائنسي درجي بندي مطابق هن جانوراڻي بادشاهت جي جيت جو فائلم آرٿروپوڊا آهي، سب فائلم ڪيليسريٽا ۽ ڪلاس Arachinda، ترتيبtrombidiformes ، اتم آڪه trombidioidea۽ آڪه Trombidiidae Leach, آهي-

مينهن جي مامن کي ٽري ٻار ڏسي ڏاڍو خوش ٿين ٿا ۽ انهن سان کيڏن ٿا. هنن خوبصورت جيتن کي ڪن دوائن ۾ بہ ڪم آندو ويندو آهي. هي سهڻا ڳاڙها سرٽا وٺي جي واڌائي آهن ۽ ريج جهڪي ٽيڻ سان وري گم ٿي ويندا آهن



# ڪانجهاٽجڻ

صبح سويل جهڙ ۾ باڪرو ۽ ريڊو مال چار ۽ ڪبڙ جي اوٺ وٺي ٻيٺل آهي چاڪاڻ تہ سيء مال کي ڪانجهاٽيو آهي- ڪانجهاٽجڻ دوران مال ڪجهہ بہ کائيندو ناهي- سيء سان ٻک مال کي هيٺو ڪري وجهندي آهي - هونئن بہ ٻڇڙو ٿول آهي. دانائن کي ديوانا ڪري ڇڏيندي آهي. هن حالت مال موراڙي ۽ ٻائوري جا پن چرندو آهي. گاهہ تي پاڻي ٻيٺل هوندو آهي. ٻيو تہ ٻاهر پوندڙ چنڊن کان بہ ٻڪريون لهرائينديون آهن. ان ڪري ٻڪري جي واتان چورايل پهاڪو آهي تہ ”وس بہ چران چنڊ بہ نہ سهان“ يعني وسڪارو بہ گهرجي پر چنڊ نہ پوي. ٻڪري چنڊ جي ڪانئر آهي. سيء جڏهن ڪانجهاٽيندو آهي تہ پاڳيا ڪٽڪ جي ڏاري ۾ ڳڙ ملائي چاريندا آهن ۽ ڦرڳٽ چاريندا آهن. مال کي ڪانجهاٽجڻ کان بچائڻ گهرجي پر مهانگائي جي ٻوڏ ماڻهن کي ڪانجهاٽي ڇڏيو آهي. اهي پنهنجي ڪاڏي جو بندوبست ڪن يا مال کي چارين.

# گڏھ، ان جي هينگ ۾ لڏندڙ ڪن

گڏه فطرت جي جنسار ۾ اهڙو ٿور خرچو جانور آهي جيڪو تمام گهٽو ڪم ڏئي ٿو. گڏه جهنگلي به آهي ته گهريلو پاليل پڻ. گڏه جي مادي کي گڏهِ ۽ نر کي گڏهُ چون. گڏه جي نر ڦر کي کودو ۽ مادي ڦر کي کودي سڏين. ڦر وڏو ٿي ٻن سالن جو ٿئي ته ٻهاڻ، ٽن سالن جو ٽماڻ ۽ پنجن سالن ۾ سامائجي ٿو ۽ ان جا نيش به نڪرن ٿا ته ان کي پانچاريل چئبو آهي. گڏه بلوغت کان جيئن وهربي آهي ته پوڪجي ويندي آهي ۽ ٻارنهن مهينن کانپوء ناڻ ڪندي آهي يعني ويامندي آهي. ماء پنهنجي ڦر جي تمام گهٽي سجاڳي سان حفاظت ۾ سنڀال ڪندي آهي مجال آهي ڪير ويجهو اچي سگهي. ننڍڙي ڦر جي ٽنگن جي نرين کي ٻڌبو آهي جيئن ڦر اڳتي هلي ڦڏو نه ٿئي. ناڻ جي شروعاتي ڏينهن ۾ گڏه اچي ماديء کي ورائيندا آهن پر هفتي کن تائين ڪنهن کي به مادي ويجهو اچڻ نه ڏيندي آهي. هفتي کانپوء وري پونڪجي ويندي آهي. اٽڪل ڇهن کان اٺن مهينن تائين ڦر کي ڪير پياريندي آهي ۽ پوء جيڪڏهن پونڪجي سُپر ٿي ويئي ته نيڪ آهي نه ته سال يا ان کان وڌيڪ عرصي تائين ڦر ڪير ڏائيندو رهندو آهي. گڏهن کي انهن جي نسل، رنگن ۽ اهڃاڻن جي ڪري نالا ڏنا ويندا آهن جيئن ؛ اڇو، ڪارو، سيرو، راڱو، ڀوڙو، سائو لاسي، پادر نسو وغيره سڏيو ويندو آهي.

وسڪاري ۾ سائو گاه ٿيندو آهي ته پوءِ گڏهن ۾ نه رڳو خوشحالي ايندي آهي پر اها وڏا نينگ ٽپا ڏيندي نظر ايندا آهن ۽ چيو ويندو آهي ته "گڏهين گج پاتا آهن".

گڏهن کي سڃاڻپ لاءِ داغ ڏنو ويندو ته لک وڏا ويندا آهن. جيئن هرهڪ انهن کي لکي ۾ سڃاڻي سگهي. گڏه باربرداري، سواري، هرڪاهڻ، وارو ورڻ پاڻي پرڻ جي ڪم اچي ٿو پر ٿور خرچو ۽ ڏاڍو



جانور آهي. ماڻهو به گڏه تي رحم نٿا ڪن ان "مهڻ ٿيو" جو پاراتو ڏيندي مارڪٽ به ڪن ٿا پر گڏهن لاءِ نه ڪا عدالت آهي نه ڪو عادل. ٻيو ته نهيو پر جمشيد مهتا جهڙو ڪو رحمدل اڳواڻ به ناهي جيڪو بيماري سيماري ۾ ڦتجڻ ۾ سندن خيال رکڻ جو انتظام ڪري. ايئن ويچارن گڏهن کان هيترو سارو ڪم وٺي انهن لاءِ "سوٽي هجي ساڻ ته گڏه گوهي نه ڪري" جهڙي چوڻي ٺاهيندي به ڪيس ڦڪت نٿي ٿئي نه سيني ڏنوهوندو ته گڏه گاڏي تي ترڪ جيترو بار رکي جڏهن بيرحم ماڻهو مٿان لنين جي وارو وار ٿو ڪري ته چا بربريت وارو منظر اکين اڳيان اچي ٿو. گڏهن جي پٽ جي ڪري هاڻي اهي پهاڪا انسان تي لاڳو ٿين ٿا. گڏه پنهنجي بچاء ۾ لتون ۽ چڪ هڻندو آهي. ماڻهو وري گڏه کي سواري ۽ باربرداري دوران لغام ڏيئي پنهنجي هٿ وس رکڻ جو اهتمام ڪن ٿا. ان ڪانسواء پاليل گڏهن کي جهنگ ۾ ڇڏين ٿا تڏهن پڪرانس (ٻنهي پيرن ۾ هڪ پاسي کان يا هڪ اڳيون پير ۽ ٻيو پوٺيون پير) ڏين ٿا يا وري "ٻڪ" يعني ٻنهي اڳين پيرن ۾ ڏاڻ ڏيئي روانو ڪن ٿا يا وري جيڪڏهن ٻن وهٽن کي گڏ سلهاڙ (هڪ پير هڪڙي وهٽ جو ٻيو پير ٻئي وهٽ جو ڏاٽي) ڏيئي روانو ڪن. ان ڪانسواء گهر ۾ يا ٻنين تي گڏهن کي ڪونٽي سان ٻڌي گاه وغيره ڏنو ويندو آهي. انهي ٻڌڻ ۾ عمومن اڳئين پير ۾ ٻڌو ويندو آهي پر ڪڏهن گاه ٿورو پري هوندو آهي ته پوئين پير ۾ پاڍيو ويندو آهي. هر ڪاهڻ ۽ واري واڻ لاءِ پاجاري ۾ جوٽين. پاڻي پرڻ لاءِ وري جنڊو منڊين يا پکال پرين. ڳوٺن ۾ گڏه پيٽان ڏنل انساني گندگي به صاف ڪري ٿو. اهڙي طرح گڏه ويچارو ايتري مدد جي باوجود انسان جي جيء ۾ جاء ناهي نه سهيو آهي ان جو سبب شايد سند هينگ آهي جنهن کي هرهڪ ناپسند ٿو ڪري باقي لتون ۽ پست ته هو ان کي ٿو هٽي جيڪو چرڻ دوران گڏه جي پير مان لنگهي ٿو. يا وري سندس ڪن آهن جيڪي

هڪ جاء تي نٿا بيهن ۽ لڏندا رهن ٿا. تڏهن شايد شاه ڪريم بلڙي واري هي دوهو چيو هو...

**هي ڪن گاڏهان وڪڙي ڪن ڪي پيا ڳنهيج،**
**سندي سپيريان ڳالهڙي تني سين سٽيج.**

ٿر ۾ درسن جي ڳوٺ سينري ۽ هاليپوٽن جي ڳوٺ پاپوهر ۾ پلا گڏهن ٿين ٿا. گڏهن جي وڪري جي پڙي ٽنڊي غلام علي جي پر ۾ لڳي ٿي جنهن ۾ گڏه مهانگي ملهه ۾ وڪرو ٿين ٿا.

گڏه جي اهميت ان ڳاله مان بہ لڳائي سگهجي ٿي اهو چڱن چوکن جي سواري هيٺ بہ رهيو آهي. سياسي پارٽين جو نشان بہ آهي. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پهرين تصنيف جو عنوان بہ گڏه آهي تہ محترم ڪرشن چندر ايڪ گدهي ڪي سرگذشت لکي هندستان جي حڪمراني جي اوٽاين ڪي جيئن نروار ڪيو تنهن مان گڏهن جي اهميت جو اندازو لڳائيون. شايد ماڻهن ۾ گڏهن نما ماڻهن جو تعداد ججهيرو ٿي ويو آهي جو اصلي گڏه نظر نٿا اچن پر ماڻهو انسانن جي روپ ۾ موجود گڏهن جي لتن، چڪن ۽ پُستن کان پاڻ بچائڻ ۾ پورو آهي.



# اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا...!

انساني سماجن جي شروعاتي زمين جي پوکي ۽ جانورن ڊارڻ سان ٿي. انسان هاري ۽ مالوند ٿي ڌرتيءَ تي پنهنجي آبادين کي نروار ڪندي ڪندي هن وقت حرفتگيريءَ جي سماج ۾ رهندي، مريخ ڏانهن ڏانهن محو پرواز آهي. انسان جو ڏٽوادي هجڻ سندس اوائلي اهڃاڻن جو ڏس ڏئي ٿو. ڀٽائي سائين بہ سُر سهڻيءَ ۾ هن ريت فرمايو آهي:

**اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا،**
**لاڙن جا لنئون لائي، سا ڪيئن آڇيان عام،**
**لڳيس جنهنجي لام، سو دلاسا دوست منجي.**

چڙا، چڙيون، چنگ ۽ ٻيا اهڙا واجا انسان پاران مال سان لاڳاپيل ڪميونيڪيشن سان واسطو رکندڙ اهڙيون وٿون آهن جن بابت ڄاڻڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ اهي وٿون بہ زماني جي هوا ۾ اُڏامي وينديون ۽ ٿي سگهي ٿو ڪو وقت اهڙو اچي جو اهي شيون عجائب گهرن ۾ لڀن .

مال ۾ چڙا ٻڌڻ وڏي معنيٰ رکي ٿو. مال لال آهي. ڀاڳ آهي. هر مالوند ماڻهوءَ کي ان ڪري ڀاڳيو سڏيو ويندو آهي ۽ ڀاڳئي جو ضد نڀاڳو نہ پر چور آهي. مالوند ماڻهو ايترا پرامن رهيا آهن جو پنهنجو لکين ڪروڙين ماليت وارو ڌڻ جهنگ ۾ پهرائي ڇڏيندا آهن. ڌڻ چري ڦري وري موٽي ايندو آهي. جيڪڏهن ڌڻ واپس موٽڻ ۾ دير ڪئي تہ ڀاڳيا ان کي ڳولڻ لاءِ جهنگ ويندا آهن. اجا بہ ڌڻ نہ لڀيو تہ پوءِ آسپاس جي ڳوٺن ۾ وڙول ڏٻي ۽ مال هٿ اچي ويندو. مال جهنگ ۾ ڪٿي بيٺو آهي، چري رهيو آهي يا واپس اچي پيو ۽ کهڙي ڀاڳئي جو آهي انهي جي سُڃاڻپ لاءِ مال ۾ منڊ، ڪڙڪون، چڙا، چڙيون، چنگ، ڇيرون، ڪرڪيون ٻڌيون ويند يون آهن جن کي اجتماعي نالي "سنيار" سان سڏيو ويندو آهي. هرهڪ ڀاڳئي جي مال کي ٻڌل ٻڌل سنيار مان پتو

پئجي ويندو آهي تہ ڪهڙو ڏڻ اچي رهيو آهي يا ڪنهن جو ڏڻ اچي رهيو آهي. ريڍي، ٻاڪري، ڳائي، ماهي، اوٺي ۽ ﮔﺎڏهي مال جا ڌارواڄا آهن جن کي چڙيون ٺاهيندڙ ۽ چڙيون ٺڪڙيندڙ مخصوص ”وڄت تي رکي ڏيندا آهن.

سيني کان ننڍڙي سنپار کي ”ڪڙڪ“ چوندا آهن. هر واڄي اندر هڪڙي لٺ نما ڏانڊي لڙڪندي نظرايندي آهي جنهن سان واڄو پيدا ٿيندو آهي. انهي ڏانڊيءَ کي ”لار“ چوندا آهن. ڪڙڪ ڪانپوءِ ”منڙ“ ٿئي ٿو. ننڍا سنپار ريڍي ۽ ٻاڪري مال ۾ ٻڌا ويندا آهن جڏهن تہ ”چڙا“ ۽ ”ڪرڪيون “ ڳائي ۽ ماهي مال ۾ ٻڌا ويندا آهن. ڪڙڪ، چنگ ۽ ڇير شوقيہ ٻڌا وڃن ٿا ۽ خصوصن پلي نسل جي ڏڻ ۾ ٻڌا وڃن ٿا. هر سنپار کي مٿان هڪڙو گول ڪڙو ٺاهيل هوندو آهي جنهن ۾ رسي وجهي ان کي ڪنڌ ۾ ٻڌو ويندو آهي. سنپار جي هيٺين ڪنار ۾ هڪڙي ورنڊي ٺهيل هوندي آهي جنهن تي ٺڪ هڻڻ سان سنپار جو واڄو نہ رڳو تيز ٿيندو آهي پر تبديل بہ ٿيندو آهي. تيز واڄي واري سنپار کي ”سروئون“ سنپار جڏهن تہ جهڪي واڄي واري سنپار کي ”ٻوڙو “ سنپار چوندا آهن. ڪي جانور بہ اهڙا اٽڪلي هوندا آهن جو سنپار نہ وڄائيندا آهن تہ ڪي وري وڏيءَ لوڏ سان هلندا آهن. سنپار هميشہ لاءِ اڳواڻ جانور ۾ ٻڌو ويندو آهي. ان ڪري چوٽي آهي تہ ”گهنڊيءَ واري ناهر بہ تاريندو آهي“ يعني سنپار واري جانور کي بگهڙ بہ ڇڏي ڏيندو آهي جيئن واڄو نہ ٿئي ۽ باقي جانور بہ سجاڳ ٿي پون. چڙن جو سمورو ڇهڇٽو پليءَ پٽ ٿر ۾ وسڪاري جي مند ۾ ٿڌهن شام ويلي ٻُڌي سگهجي ٿو جڏهن سمورو سهڙايل مال گهرن ڏانهن واپس موٽي ٿو ان وقت اهي سنپار ڪلاسيڪي موسيقيءَ وانگر تانون ۽ پلٽا هڻندا، سماعتن وسيلي روح جي گهراين تائين لهي ويندا آهن. چڙن جا ٺاهيندڙ توڙي ٺڪڙيندڙ ناٺارا بہ مخصوص ٿين ٿا جيڪي بہ هاڻي ٿوري تعداد ۾ ڪٿي ڪٿي وڃي بچيا آهن.



## ٽپو ٽپڻ

برسات جي موسم ۾ خصوصن ۽ سڪي موسم ۾ عمومن ٿر ۾ ٻارڙا ٽپي ٽپڻ واري راند ڪندا آهن. هڪڙو ٻار ٻوڙ ڪيڍي ٽپو ڏيندو آهي ۽ ان کان مٿان ٻيو ٻار ساڳي پير تي پهريون پير ڏيئي ٽپو ڏيندو آهي. جيڪڏهن ٻار جي ٽپي جو فاصلو اڳئين ٻار کان وڌي ويو تہ هن ٽپو پڳو. ايئن ٽپو ڏيڻ ۽ ٽپو ٽپڻ جو هي مقابلو ڪولهين جي ٻارن ۾ جاري هو تہ مون ڪلپ رڪارڊ ڪئي. ٽپو ڏيڻ مقامي راندين مان هڪڙي راند آهي. ٿر جون سيئي مقامي رانديون زيرو بجيٽ تي ٿينديون آهن. ٽپو ڏيڻ واري راند اڳي جوان ۽ وڏا بہ ڪندا هئا پر هاڻي مارڪيٽ ۽ مشينن پويان خلق اچي ٽپن ۾ پيئي آهي ڪين پنهنجي ڪايا ۽ تندرستي جو ڪو خيال ناهي باقي ٽپ ٽپان ۾ ماڻهو ڪنهن کي وارو نٿا ڏين. ٽپڻ جيتن ۽ جانورن جي خاص صلاحيت آهي. ان ريت ماڻهو هاڻي ڪم ٽپائڻ جي چڪر ۾ آهي. ذاتي مفاد آهي تہ وڏيون پٽيون ٽپي وڃي ٿو نہ تہ وک بہ نٿو ٽپي. ٽپڻ ۽ ٽپائڻ جو اصطلاح ڪن جانورن جي لڳ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو جيئن گهوڙو ٽپائڻ ۽ گڏهہ جو ٽپڻ. ٽپي ڏيڻ تان هڪڙو نقل آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڍڳيءَ کي ”وهر“ ٿي يعني ان کي هيٽنگ ٿي. مالڪ ڍڳي ڪاهي انهي پاڳئي وٽ ويو جنهن جي ولر ۾ سان ڍڳو هو چاڪاڻ تہ هر ماڻهو سان ڍڳو ڌارڻ جي پوزيشن ۾ نہ هوندو آهي. ڍڳي جيئن ولر ۾ آئي تہ ڍڳي بہ ڪجهہ مسخري مذاق ڪيو پر مزو نہ ٿيو. سو ڍڳيءَ واري همراه سان ڍڳي واري همراه کي چيو تہ پنهنجي ڍڳي کي سمجهاء تہ ٽپو ڏئي. هن جو هڪڙو ٽپو اسان جي ٻارنهن مهينن جي جهڻ يعني لسي ٿي پوندي. ٽپي راند سان گڏوگڏ ٽپائڻ جو اهو اصطلاح وڻج واپار ۾ بہ ڪتب ايندو آهي. ڪاتو هڪ بنديءَ تان ٻيءَ بندي تي ٽپائبو آهي ۽ ڪل جوڙ ڪرڻ لاءِ ننڍا جوڙا ڳتي ٽپائبا آهن. ان ريت ٽپا ڏيڻ، ٽپائڻ ۽ ٽپڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي پر اهي ٽپا اجايا ٽپا نہ هجن.

# ڏياواني ڏيهہ جي

ڏياواني ڏيهہ جي، جرڪايو هو جڳ،
پڌرو ان جو پڳ، ڏسجي اڄ به ڏيهہ ۾.
(نور احمد جنجهي)

# ونگو پتڻ "ونگا بازار" کان "ونگي موڙ" تائين

منيءَ کان بدين واري رستي وسيلي جڏهن ڪراچي ڏانهن وڃجي ٿو تہ ٿرجي ريتاسي علائقي ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان سيراب ٿيندڙ علائقي جو جتي سنگم ٿئي ٿو. اُتي رستو موڙ کائي اڳتي وڌي ٿو. ان هنڌ کي هن وقت "ونگو موڙ" سڏيو وڃي ٿو. لفظ ونگو "ور" يا "وٽ " يا "موڙ" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ "وراڪو کائڻ يا وٽجڻ " آهي. ان ڪانسواءِ ڳائي ۾ ماهي مال کي رسي سان نوڙيو آهي تہ ان کي بہ ونگ هڻڻ چون ٿا. اهو ماڳ ڪڏهن پريل بازار وارو شهر۽ پتڻ هو جيڪو ڦٽندي ڦٽندي اچي "ونگي موڙ" تي پهتو آهي. اُتي هڪڙو محرابي مُک دروازو اڏيل آهي جنهن سان لڳو لڳ هڪ ننڍڙو اسٽاپ آهي جنهن تي ڪجھ دُڪان آهن ۽ هڪڙو پيٽرول پمپ آهي. اهو نئون ونگو آهي. ان کان ٿورو اڳتي وڌون ٿا تہ پراڻ جو وهڪرو پار ڪريون ٿا ۽ اهو وهڪرو هڪڙو ور وڪڙ نٿاهيندي اڳتي هلي اهڙي وروڪڙ يا "ونگ " جي ڪري هن علائقي کي ونگو سڏيو وڃي ٿو جنهن کي انگريز ليکڪن بہ پنهنجي رپورٽن ۾ "ونگا بازار " سڏيو آهي. ان ور تي ئي پراڻو ونگو هوندو هو. پراڻ جو هي وهڪرو اهڙو زور وهڪرو هوندو هو جو "ونگو پتڻ " هو. پراڻ جا هن پٽ ۾ ٽي وهڪرا آهن ۽ چوٿون هاڪڙي جو "ڍوري " جي نالي سان وهڪرو آهي. هي علائقو "ڳُسُ " سڏيو وڃي ٿو. مٺي پاڻي واري علائقي ۾ وارياسي علائقي جي سنگم کي ڪس چيو ويندو آهي جڏهن تہ کاري پاڻي ۾ واريسي علائقي جي سنگم کي "وٽ " چيو ويندو آهي. ڪس تاريخي لحاظ کان شاهوڪار۽ نرالو پاڳو آهي. حقيقت ۾ هي پراڻ جي تهذيب آهي جيڪا پراڻي جا سُڪڻ ڪانپوءِ، ونگي، ولاسي، بدام ۽ ٻين ننڍڙن علائقن ۾ ورهائجي ويو. 1856ع ۾ لکيل ۽ 1859 ع ۾ پڌري ڪيل



ڪتاب "ٿر۽ پارڪر جو يادگيرو" جو ليکڪ ڪپتان اسٽئنلي نيپيئر رئڪس ونگا بازار جو ذڪر راهومڪي بازار سان گڏ ڪندي، هن ريت لکي ٿو:

Nor did they restrict themselves to foraying in foreign states; on the contrary, they carried their forays all through the Desert to Raomaka Bazar and Wanga Bazar, situated in Sind proper, immediately west of the Thurr and Parkur districts.

ونگي پتڻ جو ذڪر چچنامي ۾ بہ آهي تہ محمد سومار شيخ پنهنجي ڪتاب "بدين " (1979ع) ۾ ونگائي رسم الخط جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو هن علائقي ۾ رائج هو. جنهن جو مطلب آهي تہ ماڻهن جي تعليم ۽ اقتصاديات ايترو سُڌريل هئي جو انهن پنهنجي علائقي لاءِ رسم الخط پڻ ٺاهيو. ونگي جي علائقي جي آس پاس چار جو پتڻ ۽ باغ جو پتڻ نالي سان بہ ماڳ آهن پر انهن وٽان بہ هاڻي ڪو وهڪرو ناهي جنهن تي پتڻ هجي. هي علائقو پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ سرس ۽ سوائي هو. هتي نہ رڳو هي پتڻ هئا پر هن جي آسپاس "ڪاجهر" جهڙيون ڍنڍون بہ هيون. شيخ سو مار هن سيني ماڳن کي "پراڻ جي دو آبي " تي قائم ٿيل ماڳ ڪوٺيو آهي پر هتي پراڻ ڊُٻي بدران ٽن وهڪرن ۾ نظراچي ٿي ۽ ٽي وهڪرا بہ شايد پاڻيءَ جي پوئتي پلٽڻ سان ٿيا هجن جڏهن ميان غلام شاه ڪلهوڙي، پراڻ جي ڪڇ ڏانهن ويندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ شاهي بند ٻڌي روڪيو هو ۽ سنڌ جي پيچ کي ڪڇ کان روڪي، ڪڇ تان سنڌ جي حق تان غيرارداي طور هٿ کڻي ڇڏيو هو.

ونگي جو شهر ڪيڏو هو؟ ان ۾ ڪنهن جي آبادي هئي ؟ ان بابت ڪٿي لکت ۾ احوال نٿو ملي پر هن شهر جو زوال بہ ڪلهوڙن جي دور ۾ ئي پراڻ جي پاڻي متاثر ٿيڻ سان ڳنڍي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ مير ٺاري ماڻڪاڻي ڪيٽين جو ڪوٽ هن شهر جي اُجڙڻ ڪانپوءِ ئي تعمير

ڪرايو هو. ان ريت اها بہ خبر ناهي تہ هي شهر ڪڏهن قائم ٿيو هو؟ جيتوڻيڪ هن شهر جي نالي جي هاڪ اڃا بہ قائم آهي ۽ هتان جي مقتدر سياسي گهراڻي ارباب خاندان کي "ونگي جا ڄام " سڏيو وڃي ٿو پر بدلجندي دنيا الائي ڇا ڇا بدلائي ڇڏيو آهي. ونگي جي آسپاس ڪاڇهر، ڪلوئي، ڪيٽيون، ترائي جي نالن سان علائقا آهن تہ "مٺي " جي نالي سان "مٺي ڀيچي " کان وٺي "مٺي ٿري" تائين وسنديون آهن. ارڙيءَ جي ڀڙي، ٽيڪراءِ جي ماڙي، ڀاڙهيار جي ڀڙي کي پراڻ جي تهذيب ۾ ڀٽي سگهجي ٿو انهن سڀني تاريخي ماڳن جي احوال جا پيرا تاريخ جي تحت الثريٰ ڏانهن وڃن ٿا. جن کي ڀولڻ ناممڪن نہ سهي مشڪل ضرور آهي.



# ڪيٽين جو ڪوٽ: ماڻڪاڻي سرڪار جو پهريون تختگاهہ

ٽالپرن هالاڻيءَ جي جنگ ۾ ڪلهوڙن تي سرسي حاصل ڪئي ۽ سنڌ جا حڪمران بڻيا. سندن مرڪزي حڪومت يا چئوياري جي بادشاهي حيدرآباد ۾ قائم ٿي، جڏهن تہ مير سهراب خان خيرپور ۾ سهراباڻي سرڪار قائم ڪئي جنهن جو پهريان تخت ڪوٽ ڏيجي ۾ هو ۽ پوءِ ناريجن کان زمين خريد ڪري، خيرپور کي تختگاهہ بڻايو ويو. مير ٺاري سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ ماڻڪاڻي سرڪار قائم ڪري، ان جو تختگاهہ نئين سر جوڙائي مٿس نالو رکيو "ڪيٽين جو ڪوٽ". لفظ ڪيٽي "ڪيٽ " مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "سار سنڀال يا رک ". ڪيٽي اهڙو ٻيلو آهي جنهن سان درياهہ جو هڪرو يا ڇوڙ هجي.

ڪيٽين جي ڪوٽ کي گاديءَ جو هنڌ بنائيندي، مير ٺاري نہ رڳو ڪوٽ جوڙايو پر ان سان گڏوگڏ حڪومتي عملي جي رهائشگاهہ ۽ بازار پڻ جوڙائي. هن دارالحڪومت ۾ مير ٺاري 23 سال حڪومت ڪئي ۽ 1806 ع ۾ سندس پٽ مير علي مراد خان ميرپورخاص شهر ٻڌو ۽ گاديءَ جو هنڌ ڪڍائي اُتي وڃي رکيائين. مير حاجي محمد بخش ٽالپر ميرپورخاص قائم ٿيڻ جو سال 1808ع لکيو آهي پر اڪثريت جي راءِ مطابق 1806ع آهي. ميرن جيئن ڪوٽ کي الوداع ڪئي تہ ڪوٽ بہ ويران ٿي ويو. هن ڪوٽ بابت محترم محمد سومار شيخ، مير حاجي محمد بخش سان گڏجي 5مئي 1967ع تي دورو ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ڪتاب "لاڙ جا ماڳ مڪان " ۾ وچور سان احوال درج ڪندي ڪوٽ جو محل وقوع (ڪوٽ جي ڪل پکيڙ 688900 چورس فوٽ، ڪوٽ جي الهندئين پاسي جي ڊيگهہ 415 فوٽ، ڪوٽ کان اوڀر طرف شهر هجڻ ) ڏنو آهي جو ان وقت ڪوٽ جا آثار ٺوس صورت ۾ موجود

هئا. مير محمد بّخش ٽالپر هيءُ ڪوٽ ان کان اڳ پنهنجي ٻچپن ۾ ڏنو هو تڏهن عمارتون چڱيءَ صورت ۾ موجود هيون. محمد سومارشيخ ڪوٽ واري ديهه کي ”ڪاٺ ڍهو“ لکيو آهي جيڪو اصل ۾ ”اُٺ ڍهو“ آهي. اڳ تعلقو ڏيپلو هو جنهن مان ئي هن وقت نئين قائم ڪيل تعلقي ”ڪلوئي “ جي حدن ۾ آهي. رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب ”ٽالپرن جي مختصر تاريخ ۾ ”ڪيٽي“ کي ٽنڊي باگي تعلقي جي پنگريئي شهر جي پر ۾ لکيو آهي جيڪو دُرست ناهي. ان کانپوءِ تازوئي ”ٽالپرن جي تاريخ “ جي ليکڪ مير غلام رسول ٽالپر به ڪتاب جي انگريزي حصي ۾ ڪيٽين جي ڪوٽ جي دوري جو احوال ڏنو آهي. هي ڪوٽ گادي جو هند رهڻ جي باوجود نظرانداز رهيو آهي جيئن وڳهه ڪوٽ. اهو ڪوٽ ڏسڻ لاءِ مون ڪوسڪي جي رهواسي، پنهنجي دوست محمد سليم پوٽ سان گڏجي ڪيٽين جي ڪوٽ ۽ ان جي آسپاس وارا ماڳ ڏوري ڏٺا. سڀ کان پهرين ´ڪيٽين جا قبا` ڏسڻ وياسين جيڪي پراڻ جي ڪنڌي تي، موجوده ونگي اسٽاپ کان اٽڪل پنج ڪ م پنڌ تي ڏکڻ ۾ آهن-مقامي ماڻهو انهن کي قبا ٿا سڏين يا وري ليڪڪن به مقامي ماڻهن جي روايت کي نقل ڪندي انهن کي قبا ڪوٺيو آهي جڏهن ته اهي ٻه گنبذائيون عمارتون آهن جن کي ٽالپر حڪمران دفتر طور ڪم آڻيندا هئا جو اهي پراڻ جي پرفضا سهائيندڙ ڪپ تي آهن- انهن عمارتن ۾ قبر جو ڪونشان ئي ڪانهي- زماني جي بي ثباتي جي هوائن باوجود ٻئي عمارتون پنهنجي آب تاب جي اهڃاڻن سان ماڻڪاڻي ميرن جي دٻدٻي جي اڄ به شاهدي ڏيئي رهيون آهن جيتوڻيڪ بنياد ڪاڇي چڪا آهن-

ڪيٽين جو ڪوٽ انهن عمارتن جي اتر ۾ اولهه اٽڪل پنج ڪ م تي آهي- اتي وڃڻ لاءِ وري ونگي وارو رستو ڏيئي پراڻو ونگو ۽ پراڻ کي پار ڪندي سنڌ جي نامور فنڪارميرمحمد لنڊ جي ڳوٺ ڪيٽي ميرمحمد لنڊ وٽان روڊ تان ڏکڻ طرف لڙاسين جتي سامهون ڪيٽي جوٽيجا آهي-- ڪيٽي ميرمحمد ۾ اسان کي ممتاز لنڊ گڏيو جيڪو ڪيٽين جي ڪوٽ جي نڪراٽي تي وٺي آيو جيڪو روڊ سان لڳو لڳ آهي--بادشاهي نشان عبرت جو اهڃاڻ آهن- مير ٺاري ماڻڪاڻي جڏهن هي ڪوٽ اڏايو هوندو ته ڇا ته ڪوٽ جو اوجدار ڏيک هوندو. شيخ محمد سومار ڪوٽ جي ويراني کي ظاهر ڪندي ”چمڙن جي وٺين جي ڍڳن “ جو ذڪر ڪيو آهي پر اڄ ته اُتي لوٽاني ڏُڌڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه بچيو آهي. مير محمد بخش جي حوالي سان شيخ سومار جي لکت مطابق هن ڪوٽ ۾ مير ٺارو ۽ سندس ٻه پٽ مير غلام حيدر ۽ مير علي مراد سان گڏوگڏ مير باگو، مير وليد، مير عبدالله خان ۽ مير الهيار خان رهندا هئا. ڪوٽ جي هڪ طرف ڪاردارن ۽ ڪارڪنن جي رهائش هوندي هئي ته ٻئي طرف بازار به هوندي هئي--ڪوٽ اندر پاڻي لاءِ ”چيٽي “ کوه هوندو هو ته ٻاهر به کوه هوندو هو پر اڄ ان ماڳ تي ڪجهه بنياد اولهه وارن مورچن جا نظر اچن ٿا ۽ اٽڪل پنجاه فوٽ هم چورس ۾ ننڍڙين سرن جو نڪراٽو پيو آهي ۽ هڪ عدد کوه جو منهن نظر اچي ٿو جنهن جو قطر ڏهه فوٽ آهي ۽ اهو تراڪڙو کوه آهي جنهن کي شيلو ويل چيو ويندو آهي. نڪراٽي واري سموري پٽ تي ڪارا ڪٻڙ آهن ڇاڪاڻ ته ايل بي او ڊي المعروف سم نالي سارو پٽ ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. هتي ڪوٽ اڏڻ بابت ميرمحمد بخش شيخ سومار کان سوال ڪيو هو ته سندس وڏن کي ڪهڙي پيئي هئي جو انهن پيا هنڌ ڇڏي هتي اچي شهر آباد ڪيو. شيخ سومار هن ڪوٽ جي اڏاوت جا پنج سبب ڏنا آهن 1. چوڏاري پراڻ جو گهيرو هجڻ 2. گهاٽا جهنگ ۽ ٻيلا هجڻ 3. ماڻڪاڻي ميرن جو لاڙ ۾ اثر رسوخ هجڻ 4. ڍوري پراڻ وٽان اولهه ۾ ميداني علائقو هجڻ جي ڪري سولائي سان نگهباني ڪرڻ 5. ڪيٽين جي ڪوٽ کان ساموندي رستي جو ڪڇ ڏانهن وڃڻ. شايد ميرمحمد بخش ٽالپرکي ان وقت جي فطرتي خوبصورتي جو خيال نه آيو هوندو جيڪا ميرٺاري پنهنجي اکين سان ڏٺي هوندي. هالاڻيءَ جي جنگ ۾ ميان عبدالنبيءَ جي پالڪيءَ کي اوڏيهه دفعا تلوار هڻي ايندڙ مير ٺارو فوجي مزاج

رکندڙ فطرت پسند حڪمران هو پيو تہ سهراباڻي ٽالپرن جيئن وچي اُتر ۾ پنهنجي گادي رکي تيئن مير ٺاري بہ حيدرآباد کان پري پنهنجي الڳ حيثيت رکڻ چاهي ٿي جنهن جا اهڃاڻ مختلف وقعن ۽ وقوعن ۾ ملن ٿا. ڪيٽين جو ڪوٽ قدرتي پناهگاه هجڻ سان گڏوگڏ پرفضا ماڳ پڻ هو. ان وقت جي علائقائي جاگرافيائي پيهڪ جي حڪمت عملي انهي ڳالهہ جي متقاضي هئي تہ گاديءَ جو هنڌ اهڙي هند هجي جيڪو محفوظ بہ هجي تہ پروارن ملڪن سان ڳنڍيل هجڻ سان گڏوگڏ نرالو بہ هجي. جيتوڻيڪ ٽالپورن جي مرڪزي سرڪار حيدرآباد کان پري هجڻ جي ڪري، ڪافي ڪٽيل رهيو پر انگريز جيترو ماڻڪاڻي سرڪار جي حڪمرانن کان ڪن هٽندا هئا اوترو پين جو ڪين پيئو نہ هو ۽ ماڻڪاڻي سرڪار تي سڀ کان آخر ۾ قبضو ٿيو هو. بادشاهيون ويران ٿينديون آهن نيون بادشاهيون جُڙنديون آهن. زماني جي انهي بي ثباتي ۽ تغير ۾ بقا جو راز آهي. ڪيٽين جي ڪوٽ جي ميسارجي ويل ڌرتيءَ تي رهندڙ ۾ پوءِ ٽنڊي باگي جو شهر اڏيندڙ مير باگي جو مريم اُڍيجيءَ سان عشق جو قصو ول مان ڇانهان پٽڻ ۽ پيل ڪرڻ تان جنگ لڳڻ جو قصو يا مير ٺاري ۽ خليفي نبي بخش جي وچ ۾ ٿيل اڻ ٻڻت سميت انيڪ ڪٿائن جي هيءَ ڌرتي هن وقت بہ سنڌ جو اهم ماڳ آهي جتي سنڌ جي پراڻي وهڪري ”پُراڻ “ جي ٽن وهڪرن ۽ ”ڍوري “ جي نالي سان وهندڙ ڦتل هاڪڙي جي پوڇڙي ۾ پراڻ جي ونگ تي آباد ونگي جي شهر جا اهڃاڻ موجود آهن.

**مددي ڪتاب:**


- تاريخ سنڌ (اميرانِ ميرپورخاص) (1982ع) : حاجي مير محمد بخش ٽالپر
- لاڙ جا ماڳ مڪان (2006ع) : محمد سومار شيخ
- ٽالپورن جي مختصر تاريخ (2005ع) : رحيمداد خان مولائي شيدائي
- ٽالپرن جي تاريخ (2021ع) : غلام رسول ٽالپر




# سلطان محمود بيگڙو

## (25 مئي 1843ع . . . 23 نومبر 1511ع)

ٿر جي تاريخ، ثقافت، جاگرافي هڪڙو اسرار تہ آهي ئي آهي پر ان سان لاڳاپيل واقعا، فرد بہ تاريخ ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. اهڙن ئي فردن مان هڪڙي فرد جو نالو محمود بيگڙو آهي جنهن پوڏيسر جي ڳوٺ ۾ مسجد جوڙائي ۽ ان تي لکرايو تہ جيڪو بہ بادشاه هجي سو هن مسجد جي سار سنڀال ۽ مرمت ڪرائي. اها مسجد اڄ بہ ساڳي حالت ۾ قائم آهي. اچو تہ ڏسون تہ محمود بيگڙو ڪير هو ۽ هن کي بيگڙو ڇو سڏيندا هئا ؟ هن پارڪر تي ڇو ڪاهہ ڪئي؟

سلطان محمود بيگڙو گجرات جو بادشاهہ مظفرشاهي گهراڻي مان هو جنهن خاندان جو باني ظفرخان مظفر ”ٽانڪ “ جو راجپوت هو. اصل ۾ اهي ڏکڻ پنجاب جا هئا پر هو دهليءَ ۾ جائو هو. هو گجرات جو گورنر هو. 1398ع ۾ ”تيمور منڊي“ جي حملي کان پوءِ دهلي ڪمزور ٿي تہ نتيجتن گجرات کي خودمختياري ملي. مراتِ احمدي ۽ مرات سڪندري مطابق، هن خاندان جو پهريون شخص جيڪو مسلمان ٿيو تنهن جو نالو ”سڌارڻ“ هو. سلطان فيروز شاه تغلق پاران مقرر ڪيل گورنر ملڪ مفرح ڪانپوءِ 1391ع ۾ سلطان ناصر الدين محمد بن تغلق ظفرخان ولد وجيہ الله کي گجرات جو گورنر مقرر ڪنديءِ مظفر خان جو لقب ڏنو. 1392ع ۾ هن ڪمبوئي (انهلواڙ يا پاٽڻ جي ويجهو ) جي جنگ ۾ فرحت الملڪ کي هارائي پاٽڻ تي قبضو ڪيو. 1403ع ۾ ظفر خان جي پٽ تاتار خان پنهنجي پيءُ کي دهليءَ تي ڪاهہ ڪرڻ جي صلاح ڏني پر هن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. نتيجتن تاتار خان 1408ع ۾ ڪيس آساول (احمد آباد ) ۾ قيد ڪيو ۽ پاڻ کي سلطان ڪوٺيندي، محمد شاه پهريون سڏايو. هن دهليءَ تي ڪاهہ ڪئي پر رستي ۾ سندس چاچي ڪيس زهر ڏيئي مارايو. هن جي موت کان پوءِ مظفر شاه کي آزاد ڪيو ويو ۽ 1407ع

۾ هن پنهنجو پاڻ کي سلطان مظفر شاه سڏرايو. سڪا جاري ڪيا. سندس موت ڪانپوءِ 1411ع ۾ سندس پوٽو احمد شاه ولد تاتار خان گاديءَ تي ويٺو. ظفر خان خود مختياريءَ جو اعلان ڪيو. ايئن گجرات خودمختيار ملڪ ٿي اُڀريو. سندس پٽ احمد شاه، احمد آباد جو شهر قائم ڪيو ۽ هن گهراڻي اٽڪل 200 ورهيه گجرات تي حڪومت ڪئي. 1752ع ۾ مغلن وري گجرات کي دهليءَ سان ڳنڍي ڇڏيو.

گجرات جي مظفري گهراڻي جي بادشاهن جو وچور

1. ظفر خان شمس الدين مظفر شاه پهريون 1391ع .. 1403 ع پهرين دور، 2. تاتار خان، نصير الدين محمد شاه پهريون 1403ع کان 1404ع تائين، 3. ظفر خان شمس الدين مظفر شاه پهريون 1404ع کان 1411ع ٻيو دور، 4. احمد خان نصيرالدين احمد شاه پهريون 1411ع کان 1443ع، 5. ڪريم خان معزالدين محمد شاه ٻيو 1443ع کان 1451ع، 6. جلال خان قطب الدين احمد شاه ٻيو 1451ع کان 1458ع، 7. دائود خان دائود شاه 1458ع، 8. فتح خان ناصرالدين محمود شاه پهريون المعرورف محمود بيگڙو 1458ع کان 1511ع، 9. خليل خان شمس الدين مظفر شاه ٻيو 1511ع کان 1526ع، 10. سڪندر خان سڪندر شاه 1526ع، 11. ناصر خان ناصرالدين محمود شاه ٻيو 1526ع، 12. بهادر خان قطب الدين بهادر شاه 1526ع کان 1535 پهريون دور، 13. مغل بادشاهت همايون جي اڳواڻي هيٺ 1535 ع کان 1536ع، 14. بهادر خان قطب الدين بهادر شاه 1536ع کان 1537ع ٻيو دور، 15. ميران محمد فاروقي خانديش وارو، ميران محمد شاه ٽيون ڇهه هفتا 1537ع، 16. محمود خان ناصرالدين محمود ٽيون 1537 ع کان 1554ع، 17. احمد خان غياث الدين احمد شاه ٽيون 1554ع کان 1561ع، 18. حبو نانو يا نٿو شمس الدين مظفر شاه ٽيون (1561ع کان 1573ع، 19. مغل بادشاه اڪبر جي اڳواڻيءَ هيٺ 1573ع کان 1583ع، 20. حبو نانو يا نٿو



شمس الدين مظفر شاه ٽيون ٻيهر بحال ٿيو 1561ع کان 1573ع، 21. مغل حڪومت اڪبر جي اڳواڻي هيٺ 1573ع کان 1583ع، 22. حبو نانو يا نٿو شمس الدين مظفر شاه ٽيون ٻيهر بحال ٿيو 1583ع ۽ 23. مغل بادشاهي، اڪبر جي اڳواڻيءَ هيٺ

مظفر شاهي گهراڻي جي ناميارو بادشاه محمود بيگڙي پنهنجي حڪومت جي دنگ کي اولهه ۾ ڪڇ جي نار ۽ اوڀر ۾ مالوي تائين وڌايو. هڪ روايت اها آهي ته محمود کي بيگڙو ان ڪري چيو ويندو هو جو هن ٻه گڏ چمپانير ۾ پاواگڙهه ۽ گرنار ۾ جوناگڙهه فتح ڪري، چمپانير کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو. ڇوته بيگڙو بدليل صورت آهي ”ٻي“ يعني ٻه ۽ ”ڳڙهو“ يعني گڏين وارو جي. ٻي روايت اها آهي ته سلطان جون مڇون ڏاند سڱيون هونديون هيون ۽ اهڙين سڱلين مُڇن کي ”ٻه گڏ“ سڏيندي، ”ٻيڳڙهو“ سڏيو ويو.

محمود بيگڙي جي ماءُ سنڌ جي حاڪم ڄام جوڻي جي ڌيءَ بي بي مغلي هئي. انهي شاديءَ بابت چيو وڃي ٿو ته شاه عالم نالي ڪو بزرگ احمد آباد ۾ هوندو هو. ڄام جوڻي پنهنجي ڌيءَ بي بي مغلي پرڻائڻ چاهي ٿي ۽ ٻي ڌي بي بي مُرڪي بادشاه کي. پر جڏهن ٻئي ڇوڪريون اُتي پهتيون ته بادشاه ڄام جوڻي جي ايلچين کي رشوت ڏيئي، پنهنجا همصلاح ڪندي، بي بي مغليءَ جو سڱ پاڻ لاءِ رکيو ڇاڪاڻ ته بي بي مغلي وڌيڪ خوبصورت هئي. انهي تي درويش ناراض ٿيو پر سندس والد کيس ماٺ ڪرايو ۽ چيو ته ڳئون ۽ سندس ڦر ٻئي تو ڏانهن ايندا دلجاءِ ڪر. اڳتي هلي جڏهن بي بي مرڪي وفات ڪري ويئي تڏهن چون ٿا ته بي بي مغلي ٻه درويش سان ٿي نڪاح ڪيو. اهڙي طرح اها رشتيداري ٿي جنهن بابت پير حسام الدين راشديءَ مڪلي نامي ۾ وچور ڏيندي لکيو آهي ته ڄام تغلق شاه جوڻي پنهنجون ٻئي نياڻيو ن پنهنجي پير مولانا محمد صديق ملتانيءَ جي مشوري تي گجرات ۾ پرڻائي ڏيڻ لاءِ، پنهنجي پٽن ڄام خيرالدين ۽ ڄام صلاح الدين سميت مولانا محمد صديقيءَ جي معرفت گجرات

روانيون ڪيون. انهي سڱابنديءَ جو مقصد سياسي اتحاد هو. بي بي مرڪيءَ مان شاه عالم کي ٽي ٻار ٿيا. بي بي امان، بي بي وچين ۽ بيگ محمد عرف شاه بيکن. سما شهزادا "ملڪ ڪوٽ" اڏائي اُتي ئي رهي پيا. ڄام جوڻو به وصيت مطابق احمد آباد پرسان دفن ٿيل آهي.

محمود بيگڙي جي پارڪر تي ڪاهه بابت تاريخدانن سندس ماءُ پاران حج تي وڃڻ ۾ رستي روڪ ٿيڻ بابت ڏني آهي. محمود بيگڙي گادي سنڀالي ته سندس عمر تيرنهن سال هئي ۽ سندس چاچو ئي سندس خلاف هو سو سندس ماءُ ڪيس وٺي اچي انهي درويش شاه عالم وٽ هنداتئي ٿي. اڳتي هلي محمود بيگڙو هن گهراڻي جو ناميارو بادشاه ٿيو. تمام وڏا علائقا فتح ڪيائين ۽ عمارتون جوڙايا ئين خاص ڪري مسجدن جي تعمير ۾ سندس وڏيڪ دلچسپي هوندي هئي. هتي پارڪر جي ڪاهه ڪانپوءِ پوڏيسر ۾ نهرايل مسجد ۾ سنگ مر مر جو پٿر ۽ پاري ننگر جو نڪرائو آهي. جين ڌرم ۽ محمود بيگڙي ۾ ڪوئي تنازعو نظر نٿو اچي. هن سندن مندرن کي به هٿ نه لاتو ۽ سلطان جي وڃڻ ڪانپوءِ جين ڌرم وارن به سندس اڏايل مسجد جو احترام ڪيو. تنهنڪري اجا تائين مسجد جيئن جو تيئن برقرار آهي. جيئن سنڌ ۽ ڪڇ جا گهاٽا تعلقات هئا تيئن سنڌ ۽ گجرات جا پاڻ ۾ گهرا لاڳاپا رهيا آهن. سلطان محمود بيگڙو اهڙن لاڳاپن جي هڪڙي نشاني آهي.

## مددي ڪتاب


- مراتِ سڪندري گجراتي....
- مراتِ احمدي انگريزي ترجمو... ايم ايف لوکنڊ والا
- مڪلي نامو...... پير حسام الدين راشدي
- تاريخ ريگستان .... رائچند هريجن




# ڍِهرن جي ڏيا واني ڪيئن موٽائجي...!

ٿرپارڪر جي ڌرتيءَ جا ٻه وڏا ڀاڱا آهن. ٿر ۽ پارڪر. ٿر ڀٽن وارو وارياسو علائقو آهي ۽ پارڪر متيهاڻو تراڪڙو علائقو آهي. ٻنهي علائقن جي ڀڳٽائپ جون الڳ الڳ خصوصيتون آهن. ٿر ۾ ڀٽون ۽ ڏڙا آهن. ڪٿي ڪٿي سنواٽا ڏهر پڻ آهن. پارڪر ۾ ڀٽون ناهن پر پائر يعني پارڪر سان لڳندڙ ٿر ۾ ننڍيون ڀٽون ۽ ڏڙا آهن. پارڪر جي زمين متيهاڻي هجڻ ڪري زرخيز آهي. انهي زرخيزيءَ جو سبب شايد هتي سمنڊ جو رهڻ ۽ ندين جو اچي چوڙ ڪرڻ آهي. ڪاري مٽي، واريا سي ۽ متيهاڻي زمين جو گڏجڻ زميني زرخيزيءَ کي موچارو بنائي ٿو. پارڪر ۾ سمنڊ جي هجڻ ڪري، جڳ جهان جا ماڻهو ايندا رهيا آهن. اهڙي طرح پارڪر ۾ واپار وڻج واپار وڌيو جنهن ۾ مُکيه حصو جين مت وارن جو آهي. جين مت ٿر جي پارڪر واري حصي ۾ ڪافي وقت اثردار رهي آهي جنهن کي ڇمائڻ ۾ جين مت وارن اوسواڙن جو وڏو ڪردار آهي. اوسواڙ ڪاروباري ماڻهو هوندا هئا. جين مت جا 24 تيرٿنڪر يا اڳواڻ ٿي گذريا آهن جن جا نالا هن ريت آهن: 1.رشپ ناٿ، 2.اجيت ناٿ، 3.ساميو 4.اڀيندن، 5.سُمتي، 6.پدم پريا، 7.سپر شو 8.چندر پريا، 9.سويڌي، 10.شيتل، 11.شريانس، 12.واسو پوجيه، 13.وِمل، 14.اننت، 15.ڌرم، 16.شانتي، 17.ڪُنٿو 18.ارا، 19.مالي، 20.مني سورت، 21.نمي، 22.نيمي، 23.پارشو يا پارسناٿ ۽ 24.ورڌمان يا مهاوير

تهذيبن جي گڏجڻ سان سماجي، اقتصادي خوشحالي آئي جنهن ماڻهوءَ کي سوچ جي وسعت ۽ ذهني شاهوڪاري ڏني. جين مت وارا خوشحال به هوندا هئا ته پرامن به هئا. ڪين ٻئي جي پاران هٿ چراند مناسب نه لڳندي هئي. اهي نه پاڻ مداخلت ڪندا هئا نه ڪنهن جي مداخلت ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا. جڏهن به ڪين ڪنهن ستايو ته اهي

ماٺ ميٺ ۾ پاسو ڪري، اهو ماڳ ئي متائي هليا ويا آهن. پارڪر ۾ جين مت وارن جون نشانيون سندن جوڙايل ڏهرا آهن. جن جي اڏاوتي ڪاريگري، رڱاوت ۽ چيٽام ڏسي چئي سگهجي ٿو ته انهن تي ڪيترو خرچ آيو هوندو. اهڙن ڏهرن ۾ گوڙيءَ جو ڏهرو، ويراواءِ وارو ڏهرو، پوڏيسر جو پوٺي ڏهرو، ننگر شهر وارو ڏهرو شامل آهن. انهن ڏهرن جي اڏجڻ جو وقت الڳ الڳ آهي. انهن ڏهن جو احوال تاريخ ريگستان (استاد رائچند )، پراڻو پارڪر ڪتابن ڪانسواءِ برطانوي حڪومت جي مختلف سرڪاري رپورٽن ۾ موجود آهي پر انهن بابت ڪا جامع تحقيق ناهي. سيني ڏهرن سان لڳو لڳ يا پر ۾ ڪجهه ٻيو عمارتون يا اڏاوتون به آهن. گوڙيءَ جي ڏهري جي پر۾ هڪڙو منارو نهيل آهي جنهن لاءِ لکيل آهي ته اهو نيڙ جي راجا جو اڏايل آهي پر اهو سمجهه کان پري ٿو لڳي چاڪاڻ ته هڪ ته ڏاڙيلن سان مقابلي ۾ اهو راجا مارجي ويو ۽ ٻئي طرف سندس پونيرن هتي اچي ڪو يادگار جوڙايو هوندو. اڏاوت ۾ ٻيهڪ مان اهو واچ ٽاور لڳي ٿو جيڪو گوڙي ڏهري جي حفاظت لاءِ ٺاهيو ويو هوندو. گوڙي ڏهري جي گهٽيءَ مٿي هڪڙو انڌار پونرو آهي جنهن لاءِ ڏند ڪٿا هوندي هئي ته اهو ننگر مان وڃي نڪري ٿو. اهڙي به ڪا ڳالهه ڪانهي. اهو پونرو برسات پوڻ سان ڀريون پيرو 1902 ع ۾ ظاهر ٿيو جنهن جي شاهدي، محترم صلاح الدين قريشيءَ جي انگريزي ڪتاب "سنڌ : اي هيريٽيج ان ٽائم ڪيپسول" ۾ ڏنل مختيار ڪار ننگر پارڪر جي ڏنل رپورٽ مان به ڪري سگهجي ٿو. مختيار ڪار کي جيئن اطلاع مليو ته هو گوڙيءَ آيو ۽ ماڳ جو جائزو وٺي، ڊپٽي ڪمشنر کي 16 آڪٽوبر 1902ع تي رپورٽ ڪيائين جنهن مطابق اهو ڏهرو ان وقت سڄو هو. ڳوٺ ۾ ڀيلن جي آبادي هئي. وڌيڪ معلوم ڪرڻ تي اها خبر پيئي ته انهي ڏهري جي نگراني ويراواهه جي اوسواڙن وٽ هئي. ڳوٺ ۾ اوسواڙن نه هجڻ ڪري ڏهرو ويران ٿي ويو. مختيارڪار ٽن ڪوئين جو ذڪر ڪيو آهي. انڌار پونري مان هڪ مورت جي نڪرڻ جو ذڪر به انهي رپورٽ ۾ ملي ٿو. اهو پونرو ٿي سگهي ٿو مالخانو هجي ۽ ٽاور پري پري کان نظرداري ڪرڻ لاءِ ڪم



ايندو هجي. ويراواءِ واري ڏهري جي ويجهو به اهڙيون نشانيون موجود آهن جيڪي ڪنهن آباديءَ جو اهڃاڻ لڳن ٿيون. ويراوهه واري ڏهري جي آڳر ۾ سنگ مرمر جو ٽڪرانو به پيل هوندو هو جيڪو جهوني شهر پاري ننگر جو ٿي سگهي ٿو. سنگ مرمر جي انهن ٽڪرن تي مختلف انساني شڪليون ملن ٿيون پر اهي انساني چرپر کي ظاهر ڪن ٿيون. پوڏيسر ۾ پوٺي ڏهرو آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ڪنهن عورت پنهنجي پاران ڪٽيل سٽ جي پوٽين جي بچت مان اڏايو هو. انهي ڏهري جي ويجهو ڪجهه عمارتون آهن جن جي اڏاوت جيني اڏاوتي فن کان مختلف آهي. اهي عمارتون ٿي سگهي ٿو جڪ ڪميونٽي جون هجن جن کي ڪارا ڏهرا به سڏيو وڃي ٿو. انهي ڪميونٽي بابت ( The Journal of The Royal Geographical Society of London Vol. Fourth 1834) جي هڪڙي رپورٽ ۾ به ذڪر ٿيل آهي. ننگر شهر واري ڏهري جي پر۾ هڪڙي لانڊي نما عمارت جي ڀت تي ڪا ڪهاڻي درج ٿيل هوندي هئي، جنهن ۾ شينهن، هاٿي، عورت ۽ پر ۾ هڪ لکت هوندي هئي. شهر واري مندر کان اڳيان، راڻي جي ڪونڙيءَ کان اڳتي جبل ۾ به ڪن اڏاوتن جا جوڙجڪي ڍانچا نظراچن ٿا جن تي تحقيق جي ضرورت آهي. "ڪاجل شا" ۽ "ٻيجل شا" جهڙن جين مت جي شاهوڪار ماڻهن جي ڇڏيل انهي ورثي جي سار سنڀال به ضروري آهي. جيني ته هتي موجود ناهن تنهنڪري، انهن مان هرهڪ ماڳ کي سوڌي سنواري، ان بابت تحقيق ڪري، لکت ۾ (سنڌي، اردو ۽ انگريزي) مواد مهيا ڪندي، انهن ماڳن تي تاريخي ڪتابن جون لائبريريون يا اسٽال کوليا وڃن جيئن اهي ماڳ سياحتي ماڳ ٿي آباد ٿين. برسات پوڻ ڪانپوءِ لکين ماڻهو گهمڻ اچن ٿا پر ڪنهن کي به ڪا مناسب معلومات ڪانه ٿي ملي جنهن ڪري، پارڪر جو اهو ورثو اڻ ڇهيل رهجي ويو آهي يا وري هرڪنهن کي جيئن سمجهه ۾ اچي ٿو ايئن حوال ڪندي لکي رهيو آهي يا ماڻهن کي ڀڏائي رهيو آهي.

# ڏونگا آڇ ۾ تن ڪي

ڏونگا آڇ ۾ تن ڪي، ڪاسا جنين جو ڪم،
پنندي پر ڏيهه ۾ تن سوڍين ٿئي شرم،
اُتن گهٽي ادب سين، ڳالهائين نرم،
قادر ڪر ڪرم، تن وطن ۾ وس ٿئي.

(شاه عبداللطيف ڀٽائي)

# ڏونگا آچ م تن کي...!!

ٿرجنهنکي جيترو بہ بيان ڪيو ويو آهي اوتروئي اجا اسرار آهي. ٿر هوند ۾ بہ ماڻهن جي توجہ جو مرڪز رهندو آهي تہ اڻ هوند ۾ بہ دنيا جو نظرون هن ڌرتيءَ تي کُتل هونديون آهن. هن ڌرتيءَ جي هاڪ صدين کان هندين ماڳين رهي آهي. سُڪين توڙي ڏڪين ڏينهن ۾ ماڻهو هتي ايندا ويندا رهيا آهن. اهڙي طرح ٿر شاعريءَ توڙي نثر ۾ ڳائجندو رهيو آهي. ٿر جا لوڪ گيت هجن يا ساکيون هجن, دنيا ۾ انهي ادب جو ڪو مٽ ڪانهي. ٿر جو راڳ بہ ٿر سان آهي. ٿري رنگ هر انگ سان اهڙي پيچ ڪائي بيهي ٿو جو وڃي ٿيا ست خير. هرڪنهن جي دل داد ڏيڻ گهرندي آهي. ٿر ۾ جڏهن بہ ڏڪار پوندو آهي تہ ڪيئي راڳ آلاپجڻ لڳندا آهن جن مان انيڪ سُر نڪرڻ لڳندا آهن پر سيني سُرن جو ناٺ بُک ۽ بُک ۽ بُک هوندي آهي چو تہ سيئي راڳ آلاپيندڙ پيٽ جي سور ۾ ورتل هوندا آهن, ڪين ٿرين جي ڏکن سورن کان اول پنهنجو پيٽ ياد ايندو آهي جنهن کي پالڻ لاءِ ننڍيون وڏيون راڳڻيون راڳبيون رهنديون آهن. ٿر ۾ ڏڪار جي راڳ کي روڪڙ ۾ تبديل ڪرائيندڙن جڏهن ڦيري پوتيو ٻڌو ۽ فلاحي ادارن مان روپ مٽائي قرض ڏيندڙ ادار ٿي ٿر جي ماڻهن کي قرض جي ڪمبل ۾ ويڙهڻ لڳا تہ ڪانئن اهو بہ وسري ويو تہ سندن وجود جو منطق عام کي استحصال کان بچائڻ هو. ڏڪار جو اهو راڳ جيئن ئي شروع ٿيندو آهي تہ سموريون موقعي پرست ڏريون کُنبين وانگر اُيري ايندين آهن ۽ پاڻ کي ٿر ۽ ٿرين جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد ڳڻائيندي, ٿرجي نالي ۾ الائي ڇا ڇا ڪرڻ کي لڳي وينديون آهن. حڪومت جا ڪاردار ڪامور بہ وقت بہ وقت



دورا ڪندا آهن. حڪومتي توڙي غير حڪومتي ادارن جا بابو لوڪ ٿڌين لارين ۾ چڙهي, قحط ساليءَ ۾ ڪوسي ٿيل ٿر جو ٿڌو منرل پاڻي پي, جائزو وٺندا آهن جنهن کي وري اڳتي بالادست صاحبن سان وڃي اوريندا آهن. اهڙيءَ ريت حڪمت عمليون ۽ رٿابنديون ٺهڻ لڳنديون آهن. ڏڪار بہ هلندو رهندو آهي, اهي ڪم ڪار بہ هلندا رهندا آهن جن تي ايتروئي خرچ اچي ويندو آهي جيترو ڏڪار ڏکويلن جي دردن جي دوا تي اچي ٿو. ڪي سنجيده عملدار بہ ايندا آهن جيڪي پنهنجي اکين سان نہ رڳو صورتحال جو جائزو وٺندا آهن پر جيڪي انتظامي اوڻايون آهن تن جو بہ کُليءَ دل سان اعتراف ڪندي, انهن کي دور ڪرڻ صلاحيت جوڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن سموري ڪم ۾ جنهن ڳالهہ جي اهميت آهي اها آهي نيڪ نيتي ۽ ٻيو سنجيدگي. سنجيدگي ۽ نيڪ نيتيءَ سان جيڪڏهن ڏڪاري صورتحال کي منهن ڏجي تہ ڏڪار جي باوجود ڏڪار جو اثر نظر نہ ايندو يا ان جو جوکم گهٽجي ويندو. هن صورتحال بابت گهڻو ڪجهہ لکجي بہ چڪو آهي تہ ان بابت ميڊيا ۾ سيني پاسن تي بحث بہ ٿيندو رهيو آهي, خصوصن امدادي ڪٽڪ, مٺي اسپتال ۾ ٻارن جو مرڻ ۽ آر او پلانٽس تمام گهڻي بحث هيٺ رهيا آهن. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي حساب سان ان بابت موقف پيش ڪندي, پنهنجي ڳالهہ ڪري ٿو تہ وري ان جي مخالفت ۾ راءِ رکندڙ ان بابت سوا سير ٿي راءِ پيش ڪري ٿو. منهنجي خيال ۾ تہ ٿر کي ٿر جو هڏڏوکي ۽ همدرد ٿي ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڏڪاري صورتحال جو ٺُز جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. علائقي جي اقتصادي صورتحال جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. هڪڙي جامع جائزي وسيلي هر هڪ شعبي ۾ الڳ الڳ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. حڪومتي ادارا هجن يا غير حڪومتي ادارن جو ڇڻني طرفن چڙهيل

ڏيگڙيون هجن، سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي تڏهن وڃي ڪا ٽر جي پلي جي واٽ نروار ٿيندي نہ تہ ساڳيو راڳ آلاپيندي، سال ٿي ويا آهن پر ڪو خاص ڪڙ تيل نہ نڪري سگهيو آهي .ان لاءِ ضروري آهي تہ ٽر جي ڏڪار ڪي تفصيلي ۽ تجزياتي چنڊ ڇاڻ واري نظر سان ڏٺو وڃي.

**صحت سان لاڳاپيل مسئلا:** ڪافي بيماريون اهڙيون آهن جن جو سبب ڪارو پاڻي آهي يا صاف پاڻيءَ جو نہ هجڻ آهي. صاف پاڻيءَ جي فراهمي صحت سان لاڳاپيل اڌ مسئلا ختم ڪري ڇڏيندي. باقي ڪم ڪار صحت بابت جاڳرتا، سهوليتڪاري ۽ تعليم وسيلي حل ڪري سگهجن ٿا. ماڻهن ۾ ذاتي صحت ۽ تندرستيءَ جي جاڳرتا نہ هئڻ برابر آهي. اهڙي جاڳرتا کان اهو طبقو بہ پاسيتو آهي جيڪو پاڻ کي پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور سمجهي ٿو. خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن معمولي معمولي ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيڻ جي ڪري وڃي اسپتالن جي منهن پوي ٿو تڏهن خبر پوي ٿي تہ ڪيترين ويهن سئو ٿئي ٿو. پاڻيءَ سان لاڳاپيل بيمارين کان وٺي ويم تائين سوين مسئلا آهن جن جو حل دوا کان وڌيڪ جاڳرتا، سهوليتڪاري ۽ تعليم ۾ آهي. ماڻهوءَ کي پنهنجي جسم توڙي انکي لڳندڙ بيمارين بابت خبرچار هئڻ گهرجي تہ انهن کان ڪيئن ممڪن حد تائين بچي سگهجي ٿو. اسپتالن ۾ ٻارن جو مرڻ اُجاڳر ٿئي ٿو ۽ ان بابت ميڊيا ۾ وڏو ٻڙڌڪ متل آهي پر اسپتال ۾ عام ماڻهو جڏهن هلي وڃي ٿو تہ اهو ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏئي ٿو يا انهن مسئلن کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو ان بابت هيستائين ڪا بہ سهوليتڪاري يا جاڳرتا ناهي. صحت جي سهوليتن کي وڌائي، ماڻهن جي انهن تائين پهچ وڌائڻ سان گڏوگڏ، دستياب سهوليتن مان مناسب لاڀ پرائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ٽر جي



عورتن کي صحت بابت سکيا ڏيڻ جا پروگرام فوري طور شروع ڪيا وڃن جن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي محور بنايو وڃي. کاڌ خوراڪ بابت جاڳرتا ڏيڻ سان گڏوگڏ مناسب کاڌ خوراڪ بہ فراهم ڪئي وڃي جنهن ۾ مقامي ڏٿ جي واهپي کي نئين سر شروع ڪيو وڃي جيئن غذائيت جي کوٽ ختم ٿئي. اسپتالن وچ ۾ مسلسل رابطيڪاري نظام هئڻ گهرجي جيئن شهري اسپتالون ڳوٺن جي اسپتالن کي فني سهڪار ڏيئي سگهن.اسپتالن جي صلاحيت کي ايترو مستعد ڪيو وڃي جو گهٽ ۾ گهٽ ريفرل ٿين، ڇاڪاڻ تہ ريفرل کان پوءِ مريض تي خرچي کان وڌيڪ لاجسٽڪ تي خرچو ٿئي ٿو. اسپتالن ۾ گهربل دوائن جي موجودگيءَ کي يقيني بنائڻ سان گڏوگڏ هر مريض تائين انهن جي پهچ کي بہ يقيني بنايو وڃي. صحت بابت جامع فريم ورڪ جوڙي، فني ريسورسز جي کوٽ کي سکيا وسيلي پورو ڪيو وڃي جيستائين ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪ عملو تيار ٿئي.

**امدادي سرگرميون:** ڏڪاري حالتن ۾ امدادي سرگرميون ضروري آهن پر اهي تيستائين لاڀدائڪ نہ ٿي سگهنديون جيستائين انهن لاءِ ڪو شفاف ۽ برجستو طريقي ڪار دستياب نہ هوندو. مناسب طريقي ڪار نہ هجڻ جي ڪري، امدادي سرگرميون ”پنڻ “ جي زمري ۾ هليون وڃن ٿيون ۽ ماڻهو بہ اهڙي ناڪاري لاڙي جو شڪار ٿي وڃن ٿا. حڪومتي توڙي غير حڪومتي ادارن کي گهرجي تہ اهي امدادي ڪم ڪار کي ماڻهن جي ضرورتن جي روشنيءَ ترتيب ڏين. امداد انهن ماڻهن جي ٿيڻ گهرجي جيڪي ان جا مستحق هجن. هرهڪ ماڻهو جيڪڏهن امدادي فهرست جو حصو هوندو تہ پوءِ اهڙي امداد ڪڏهن بہ پوري نہ پوندي. جن ماڻهن کي امداد جي ضرورت ناهي تہ کي رضاڪاراڻي نموني پنهنجي حصي جون شيون نادار ۽ غريب ماڻهن

ڪي ڏيڻ گهرجن. هن لاءِ ايماندار ماڻهن تي مشتمل ٻوناٽن جون ڪاميٽيون هجن جيڪي حڪومتي توڙي غير حڪومتي ادارن سان سهڪار ۽ رهنمائي ڪن. حڪمتي ادارن کي گهرجي تہ امداد ڪندڙ سيني ڌرين تي نظرڪندي انهن جي رهنمائي ڪن نہ تہ اهڙي انڌاڌنڌ واري امداد ماڻهن کي پينو ناهڻ ۾ وسان نٿي گهٽائي. امدادي ڪمن جي عمل کي بهتر ۽ مناسب بنائڻ لاءِ، روزگار جا متبادل وسيلا مهيا ڪري ڏنا وڃن جيئن ماڻهو امداد بدران خود انحصاريءَ ڏانهن وڌي سگهي.

اهي چند مکيہ شيون آهن جن کي بهتر بنائڻ جي ضرورت آهي ان سان گڏوگڏ هڪ اهم ڳالهہ جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ ٿر رڳو مٺي يا ٻين چند شهرن جو نالو ناهي جتي ميڊيائي چُستيءَ جي ڪري، هر واهرو ڏُر جو ڌيان ڪُپي ويندو آهي. ٿر تمام گهڻو وسيع آهي، رڻ جي پٽيءَ جي ٻوٽن کان وٺي، پارڪر واري دنگ کان ٿيندو ڍاٽ جي ڍنگ سان وروڪڙ ڪائيندو ڪاٺڙ جي ڪُڻ تائين هليو وڃي ٿو. اهو سمورو ٿر ڏڪاري صورتحال ۾ هڪجهڙي سار سنڀال ۽ توجہ جو مستحق آهي.



# ٿر جي ڏڪاري صورتحال ۽ ان جو جٽادار حل

ٿرجنهن کي ڪنهن زماني ۾ مقامي ماڻهو "ٿڙ" ۽ "ٿڙي" چوندا هئا تنهنڪري هن علائقي بابت ڪپتان رئڪس پاران لکيل آڳاٽي ڪتاب جو نالو بہ "ميمايرس آن ٿڙ ائنڊ پارڪر" آهي. اڄ تائين ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ خاص طور ڪاٺڙ جا ماڻهو عمرڪوٽ يا ٻين شهري علائقن مان ويهي "ٿڙي " چوندا آهن. انهي "ٿڙي" توڙي پارڪر ۽ سنڌ جي ٻين باراني علائقن ۾ سڪ ساليءَ واري صورتحال آهي.اهڙين حالتن کي ڏسي ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جي ضلعي انتظاميہ جي سفارشن تي ٿر جي علائقي کي سنڌ حڪومت پاران قحط سٽيل علائقو قرار ڏنو ويو آهي. ڏڪاري حالتن جي جائزي وٺڻ لاءِ جوڙيل ڪاميٽي پنهنجي شروعاتي گڏجاڻي ڪري چڪي آهي تہ ٻيا واسطيدار حڪومتي عملدار علائقي جو دورو بہ ڪري چڪا آهن. انهن سڀني ڳالهين باوجود ٿرجي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تمام گهڻي سنجيدگيءَ جي ضرورت آهي جيئن گهڻ رخي ۽ جٽادار حل ڳولي سگهجن. ٿر رڳو ڏڪاري صورتحال کي منهن نٿو ڏئي پر هن علائقي کي پاڻي، صحت، ماحوليات ۽ سماجيات جي گنڀير مامرن ۽ مسئلن کي منهن ڏئي ٿو. انهن مسئلن مان ڪافي اهڙا ڪم بہ آهن جيڪي مستقل نوعيت جا آهن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ مستقل بنيادن تي ڪا حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي.

ڪافي وقت کان مسلسل خبرون اچن پيون تہ اڄ فلاڻي اسپتال ۾ هيترا ٻار مئا تہ فلاڻي هنڌ هيترا ٻار مئا. ڪڏهن ڪڏهن وري ڪا اوچتي بيماري پيدا ٿي پوي جيئن دستن جي بيماري، ارڙي وغيره. ماءُ ۽ ٻار جي صحت جا مامرا ايترا منجهيل آهن جو ان بابت نہ ڪٿي ڪي مناسب انگ اکر آهن نہ ڪو جوڳو حل آهي. سوين ٻورهاريون عورتون

اسپتالن تائين پهچندي، پهچندي جيڪي پوڳين ٿيون سا وڏي المناڪ ڪهاڻي آهي جن پوڳي هوندي تن کي خبر هوندي. اسپتالن ۾ وري ابوجهه ۽ اڄاڻ مريضن سان جيڪو سلوڪ ٿئي ٿو ان بابت ڪٿي به ڪا ڳالهه ٻولهه نٿي ٿئي. صحت ۽ تندرستيءَ بابت ڪا خاص جاڳرتا به ناهي رڳو علاج تي زور آهي. دنيا علاج واري ڪم کان اڳتي نڪري، تندرستي کي برقرار رکڻ جي اُپائن بابت جاڳرتا جي ڪم ڪار تي خرچ ڪري رهي آهي. صحت جي سهوليتن تائين پهچ، صحت جي سهوليتن جي معيار ۽ صحت بابت جاڳرتا جو ڪم ڪار ڌيان لائق آهي.

پاڻيءَ جو مسئلو قحط ساليءَ کان هٽي ڪري اڄ به ٿر جو وڏي ۾ وڏو مامرو آهي جنهن بابت حڪومتي ادارن، غيرحڪومتي ادارن، ممذهبي فلاحي ادارن، سخي فردن جيترو به خرچ ڪيو آهي اهو اڄ تائين ٿر جي ماڻهن کي پاڻيءَ جو مڪمل حل نه ڏيئي سگهيو آهي. ٿر ۾ روايتي طور کوهن وسيلي زمين ۾ موجود پاڻي ڪڍي پيئڻ، گهريلو استعمال توڙي چوپائي مال لاءِ ڪتب آندو ويندو هو پر هڪ ته جر جي ان پاڻيءَ جو مقدار ٿورو آهي ۽ اهڙن کوهن مان اڪثريت ٻاڙي پاڻيءَ وارن کوهن جي آهي. ان ڪانپوءِ ڪنهن وقت پن چڪيون لڳايون ويون پر اڄ انهن جي تصوير به نٿي لڀي. اڳتي هلي سازدا پاران ٽيوب ويل لڳايا ويا جنهن ڪانپوءِ ڪن ٻين ادارن به ٽيوب ويل لڳايا تان جو رورس آسموسس جو دور به آيو پر انهن به پاڻيءَ جو ڪو مناسب حل پيش نه ڪيو. ان دوران هڪڙو چڪو ڪم ٿيو جو درياهي پاڻيءَ کي پمپن وسيلي ٿر ۾ نئين ڪوٽ کان مٺي تائين ۽ چيلهه بند کان ڇاڇري تائين يا اڳتي آندو ويو. مٺيءَ جهڙي ٿر جي مُک شهر ۾ به پيئڻ جي پاڻيءَ جو مسئلو نهري پاڻي اچڻ سان ڪنهن حد تائين حل ٿيو. وري ماڻهن کوهن تي اڌ ٻُڏل (سبمرسيبل ) پائيپن وسيلي پاڻي ڪڍڻ جا جتن ڪيا پر اجا تائين تجربي تي تجربو آهي جنهن مان سڀ کان وڏيڪ ڪامياب تجربو



سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جو رهيو آهي. هونئن پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ٻاڙي پاڻيءَ جي ڪري صحت سان لاڳاپيل توڙي اقتصادي مسئلا به درپيش آهن. وري مٿان اڃي قحط سالي ڪڙڪي ٿي ته پوءِ مرڳو حالتون سنگين ٿي پون ٿيون. پاڻيءَ جي دستيابي ئي جتي مسئلو هجي اُتي پاڻي جي مناسب ۽ معيار بابت سوال اڃايو محسوس ٿئي ٿو. هاڻي ته ٿر ۾ دڪانن تي بوتلن ۾ بند پاڻي به وڪرو ٿئي جنهن کي ڪنهن وقت ماڻهو دوا سمجهي نه پيئندا هئا پر هاڻي مجبوري جي حالت ۾ جڏهن بيمار ٿين ٿا يا وري سفر ۾ آهن ته ڪين اهڙي پاڻي تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو پر بوتل ۾ بند هر پاڻي معياري پاڻي ناهي.

چوپايو مال ٿر ۾ تمام گهڻو آهي. ماڻهو مال سانگي، سانگي تي ٻئراجي علائقي ڏانهن هر سال وڃن ٿا جيئن سنڌن مال سائو گاهه چري ڍائو ٿئي ۽ ان ڪري سائو (قرجڻ لاءِ مام ) ٿئي جيئن مال جو ٿُور نه ڪري. ٻيو ٿرجو مال مختلف مال پڙين (خاص طور ڪراچيءَ جي مال پڙي) تي به وڃي ٿو جنهن مان مال وڪرو ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪو مال واپس اچي ٿو ان سان گڏ ڪجهه بيماريون به اچي وڃن ٿيون .قحط ساليءَ ۾ پاڻيءَ ۽ چاري جي کوٽ سببان به مال ڪمزور ٿئي ٿو ۽ ان کي بيماريون لڳي پون ٿيون جيئن تير جو لڳڻ، رڍن ۾ موڙن جي بيماري، ٻڪرين ۾ ڪُلڪئي جي بيماري وغيره. ٿر ۾ چوپائي مال جي اسپتالن توڙي ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي. اڳي روايتي علاج ۾ ڏاهن کان ڏس پُڇي، اهو علاج ڪيو ويندو هو جن جي به هاڻي کوٽ ٿيندي پيئي وڃي .اڄ به اهڙا مال ڏاها ٿر ۾ آهن. جن جو علاج هنڌين ماڳين مشهور آهي جيئن تڳوسر جي پُٽا سليمت هاليپوٽي. مال جي بيمارين، بيمارين جي سُڃاڻپ ۽ بيمارين جي علاج سان تمام گهڻا مسئلا ۽ مامرا آهن. ڏڪاري صورتحال ۾ اهي اڃا به وڌي وڃن ٿا.

ماڻهن جي غذائيت عام رواجي حالتن ۾ به مناسب ناهي. اڄ کان ڪجهه ڏهاڪا اڳي ماڻهو غذائي کوٽ کي ڏٽ سان پورو ڪندا هئا پر

ڪُليل مارڪيٽ ۾ بازار جي شين اچڻ ماڻهن کان ڏٽ وسارائي ڇڏيو آهي. ڏٽ اهڙي قدرتي سپليمينٽ اهي جنهن سان انساني جسم جي غذائي ضرورت جو پورائو ٿئي ٿو. ڏٽ هڪ رڃيءَ طور کاڌو ويندو آهي تہ ٻئي کاڌي سان اولڻ طور بہ واپرايو ويندو آهي. ٿر جي ڏٽ جا سمورا وڻ حياتين توڙي ٻين غذائي جزن سان ڀرپور آهن. هاڻي جن کاڌن جو واهپو آهي اهي پيٽ تہ ڀرين ٿا پر غذائي ضرورتن پٽاندر ناهن. ڏڪاري صورتحال ۾ اها صورتحال اڃا بہ وڌيڪ خراب ٿئي ٿي جو ڪير ڏونئرو، مکڻ ۽ گيهہ گهٽجي وڃن ٿا يا اڻ لڀ ٿي وڃن ٿا. کاڌي بابت اڃاڻائي پڻ هڪ وڏو مسئلو آهي تہ ڪجهہ ثقافتي مامرا اهڙا آهن جيڪي کاڌي جي سرشتي تي اثر انداز ٿين ٿا. مثال طور کاڌو پچائڻ ڪانپوءِ ڀهرين مردن کي ڏنو ويندو آهي، ننڍڙن ٻارن ۾ بہ ڇوڪرين کان ڇوڪرن کي کاڌو اڳ ملندو آهي .ان سان گڏوگڏ رڌپچاءُ ڪندڙ عورتون ۽ تازو پرڙيل ڳورهاريون عورتون بہ کاڌي جي قلت جو شڪار ٿين ٿيون.

اهي چند مامرا آهن جن کي فوري ڌسڻ جي ضرورت آهي پر ان لاءِ ڪو جٽادار حل ڳولڻ جي ضرورت آهي. جٽادار حل لاءِ حڪومت، غيرحڪومتي ادارن ۽ راڄن جي ماڻهن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو جيئن ٿر جي مسئلن کي مستقل بنيادن تي منهن ڏيئي سگهجي. ان لاءِ ڪجهہ تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

- ٿر جي مامري کي رڳو ڏڪارساليءَ جي تناظر ۾ ڌسڻ بدران ان کي ”انساني ترقيءَ“ (هيومن ڊيولپمينٽ) جي دريءَ مان ڏسندي، خدمتن جي شعبي ۾ جٽادار ۽ مستقل اُپاءَ وٺڻ سان گڏوگڏ ٿر جي ماڻهن کي متبادل روزگار جا موقعا بہ مهيا ڪري ڏنا وڃن جيئن جڏهن سندن گذران ڏڪارسالي يا ٻين قدرتي آفتن جي ڪري متاثر ٿئي تہ اهي متبادل ڏانهن وک وڌائي سگهن.



- سڀ کان اهم ڪم مٺي ۽ صاف پاڻي جي فراهمي آهي. ان ڪم سان گهڻيون ٽٽيون بيماريون بہ گهٽجي وينديون يا ختم ٿي وينديون. مٺي پاڻيءَ جي پيئڻ جي فراهمي بابت ڪو جامع منصوبو جوڙي، درياهي پاڻي پهرئين مرحلي ۾ ٿر جي وڏن ڳوٺن تائين پهچايو وڃي ۽ پوءِ اڳتي وڌيڪ ڳوٺن تائين مٺي پاڻيءَ جي فراهميءَ کي ممڪن بنايو وڃي.
- صحت ۽ تندرستيءَ بابت وسيع جاڳرتا ڏني وڃي جيئن ماڻهن کي پنهنجي صحت صفائي ۽ عام بيمارين بابت ڄاڻ ملي. اهي اهڙي ڄاڻ ذريعي گهڻين تڪليفن کان بچي سگهن ٿا. ٻارن، عورتن ۽ ڳورهارين عورتن جي صحت تي خاص ڌيان ڏيندي، انهن کي جاڳرتا ڏيڻ سان گڏوگڏ، مناسب کاڌو ۽ دوا درمل جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي. صحت جي سهوليتن جي پهچ کي وڌائڻ سان گڏوگڏ انهن جي معيار کي بہ وڌائڻ گهرجي. غيرسڪاري ادارن توڙي سماجي ڪارڪنن کي گهرجي تہ اهي سيني صحت سهوليتن (بنيادي صحت مرڪزن، ڳوٺاڻن صحت مرڪزن، تعلقي اسپتالن، ضلعي اسپتال ۽ ماءُ ٻار جي صحت مرڪزن ) ۾ سهوليتڪاري ڊيسڪون قائم ڪن جيڪي اڻوجهہ ۽ اڻ ڄاڻ مريضن ۽ انهن سان گڏ ايندڙ گهر ڀاتين جي مناسب رهنمائي ڪن تہ ڪهڙي بيماريءَ لاءِ ڪهڙي ڊاڪٽر وٽ وڃڻو آهي، مناسب ٽيسٽون ڪٿان ٿينديون ۽ دوا درمل جو وزن ڪيئن وٺبو وغيره
- چوپائي مال جي صحت ۽ بيمارين بابت بہ ضروري اُپاءَ ورتا وڃن
- کاڌي پيتي جي اسمن جي فراهمي لاءِ حڪومتي سطح تي امدادي ڪم ڪار شروع ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ڪٽڪ جي فراهمي مکيہ اسم آهي. غيرسرڪاري ادارا بہ اهو ڪم ننڍي پئماني تي ڪندا آهن. ان سموري ڪم جي مناسب ورهاست ۽ نگراني اهم مامرا آهن. ورهاست جو سرشتو بہ انصاف وارو هجي تہ نگراني بہ بي ريا ۽ چوڪس هئڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ اهڙو کاڌو بہ مهيا ڪيو

وجي جيڪو گهربل غذائي ضرورتن کي پورو ڪري ۽ اڳ جتي ماڻهو ڏٽ واپرائي وقت ڪيندا هئا ان ضرورت جو پورائو ڪري .اهڙو ڪاڏو جيڪو پلي ٿوري مقدار ۾ هجي پر ان جو ڪئلورڪ قدر سگهارو هجي. حياتين اي جون گوريون ۽ فولاد جون گوريون به فراهم ڪيون وڃن جيئن راتوند ۽ رت جي کوٽ کان بچي سگهجي.

- انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ماڻهن جي صلاحيت جوڙڻ جي تربيت ڪرائي وڃي خاص طور ڏڪار ساليءَ جي جوکي گهٽائڻ بابت ۽ صحت صفائي بابت سکيا جي ضرورت آهي.
- ٿرجي مسئلن ۽ مامرن جي حل لاءِ ڪو مستقل ادارو جوڙيو وڃي جيڪو مالي طور پاڻ پرو به هجي ۽ ٿر جي مسئلن جي حل لاءِ مستقل ۽ جٽادار حل ڳولڻ لاءِ پاڻ پتوڙي سگهي.



## ڦاٿو فرحت جن ڪي....

ٿرءِ پارڪر جي هڪ نرالي پنهنجي بناوت ۽ ماحولياتي مهاندو آهي جنهن جي اهميت پنهي حالتن يعني هوند توڙي اڻهوند پنهي ۾ آهي. ميگهه رُت مهرباني ڪندي آهي ته هر طرف ولهارن ۾ گاهن جا انچر ٿي پوندا آهن. ڪارونجهرجي ڪور به انيڪ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. ڏڪارسالي جڏهن ڏيهه کي ڏولائي ۾ وجهندي آهي ته به ڪيئي ماڻهو به منهين بلائن وانگر اڇي منهن ڪيندا آهن جن مان ڪي خيرات جي نالي ۾ ٿر ۾ پنهنجو ديرو دمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته ڪي وري مذهبي مشنرين جي نالي ۾ غربت جو هر جائز ناجائز فائدو وٺندا آهن. ڪوئلي جي کوٽائي کان پوءِ ان ۾ ڪارپوريٽ سيڪٽر شامل ٿي چُڪو آهي جنهن جو دنيا جي قدرتي وسيلن کي تاراج ڪري، منافعي خوري جي منڊيءَ کي مچائي مواڙ ڪرڻ وارو اهڙو ڪردار رهيو آهي تنهنڪري ان کي ”ڳاڙهه ڳلي ڳجهه “ چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. جيڪا سدائين ڍونڊيءَ جي ڳولها ۾ ڌرتيءَ مٿان پيئي لامارا ڏيندي آهي. قحط سالي ۾ ٿر پاڻ ۾ جاڙا لڱن ٿا چاڪاڻ ته هي علائقو ”ٿر“ ٿيو آهي تڏهن کان هتي ڏڪارن پويان ڏڪار اڻ ڪوٺي مهمان وانگر ايندا رهيا آهن جن ۾ چني جو ڏڪار، ڇپني جو ڏڪار، اٺو ڏڪار وغيره مشهور آهن. انهن ڏڪارن ۾ ماڻهن توڙي مال تمام گهڻي تڪليف ڏٺي. اهڙيءَ ريت ڏڪارن جو سلسلو هلندي هلندي، هاڻي هر پنج ساليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڏڪار پون ٿا. اهي به ڏڪار ”پلسري “ وارين سالن کي ڪائي وڃن ٿا. ان جي باوجود ڏڪارن جو

اٿر اڳين کان گهٽيو آهي جنهن ۾ مواصلات جي وسيلن جو سُڌرڻ آهي ۽ هاڻي ڪارو ڏڪار نٿو پوي. ڏڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڳالهيون تہ گهڻي وقت کان هلنديون اچن پيون پر ڏڪار ساليءَ کي هر دفعي "ايڊهاڪي " ڪم ڪار وسيلي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جنهن مان ڪيئي "موقعي پرست ڏڪاريا " فائدو وٺي, راتو رات امير ٿي ويا. باقي غريب ماڻهن ۽ مالوند ماڻهن جو حال ساڳيو ئي آهي جو ڪين هر ڏڪار ۾ ساڳيو ڏولائو ڏسڻو پوي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي تہ ڏڪار ساليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ جامع ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تي ٻڌل اهڙو گهڻ رخو پئڪيج جوڙيو وڃي جنهن جي رٿابندي, فيصلي سازي ۽ نگرانيءَ ۾ متاثر ٿرين يعني غريب ۽ مالوند ماڻهن جو مُکيہ ڪردار هئڻ گهرجي. ان لاءِ چند گذارشون عرض رکجن ٿيون :

■ ٿر کي زراعتي خطي بدران مالوند خطو سمجهي, مال پالنا ۽ سار سنڀال جي اوسر کي سائنسي بنيادن تي استوار ڪيو وڃي جنهن ۾ چوپائي مال جي جنسن ۽ ڏڪار جو ڏک پچائڻ جي صلاحيت وارين جنسن کي همٿائڻ. مالوند ماڻهن کي ضرورت وقت آسان شرطن واري قرض جي فراهمي ڪرڻ جيئن اهي پنهنجي مال جي چاري ۽ آهر جو پاڻ بندوبست ڪري ڏين. چوپائي مال جي بيمارين جو وقت سر علاج ڪرڻ لاءِ وٽرنري ڊاڪٽرن توڙي پئراميڊيڪل عملي کي وڌائڻ سان گڏوگڏ ڳوٺن ۾ موجود مال جي "ڏاهن " جي جديد طريقن پٽاندر سکيا ڪرائي وڃي جيئن ٿُرد واهر جو جوڳو بندو بست ٿي ٿي سگهي. کير, مکڻ, گيهہ, ڏاس (ٻڪريءَ جا وار), اُن (رڍ جا وار) مِلس (اُٺ جا وار) ۽ کلن جي واپار کي همٿايو وڃي جيئن مالوند ماڻهو اقتصادي طور پاڻ ڀرا ٿين. چوپايو مال اثاثو آهي ۽ موجوده انگن اکرن مطابق انساني



آباديءَ کان چوپائي مال جي آبادي ڇهوٽي آهي تنهنڪري جيئن ماڻهن جو ويمو ڪري سندن حياتي ۽ صحت جو خيال رکيو وڃي ٿو تيئن چوپائي مال جي بہ انشورنس ڪئي وڃي.

■ ٿر ۽ پارڪر ٻنهي ۾ ڏڪارساليءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ٿئي ٿي ۽ جر جو پاڻي هيٺ هليو وڃي ٿو. پاڻي هن وقت بہ ٿر جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي جو تمام گهڻي آباديءَ کي پيئڻ جو مٺو پاڻي ميسر ناهي. آر او پلانٽس جي اڪثريت بند پيئي آهي ياوري انهن مان ضرورت کان گهٽ پاڻي ملي ٿو. گرميءَ جي ڏينهن ۾ جڏهن ماڻهو اهڙو ٻاڙو پاڻي واپرائين ٿا تہ کين پيٽ جون بيماريون ٿي پون ٿيون. ٿر ۾ جيتوڻيڪ نهري پاڻي بہ مٺي ۽ اسلام ڪوٽ تائين اچي ٿو ڪجهہ هندن تي ٽيوب ويل لڳل آهن تہ ڪٿي رورس آسموسس پلانٽ ۽ سبمرسيبل پمپ لڳايا ويا آهن پر پوءِ بہ پاڻيءَ جو مُکيہ ذريعو "کوهہ " آهي جنهن جي اونهائي ڏکڻ اولهہ ۾ گهٽ, ڪنڊي يا وچولي ۾ وچٽري ۽ ڪاڻڙ ۽ ڍاٽ يعني اُتر اوڀر ۾ تمام اونهي ٿي وڃي ٿي. ڏڪاري سال ۾ ڪارونجهر تان بہ پاڻي نٿو لهي. ڪوئلي وغيره جي کوٽائي ۾ بہ پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو جنهن سان بہ مجموعي طور جر جا نار متاثر ٿين ٿا. انهن سڀني شين کان نظر ۾ رکندي, نهري پاڻيءَ جو چينل ٿر جي اُڀرندين پٽيءَ ۽ وچ واري حصي وٽان آندو وڃي جيئن سڀني آبادين تائين پيئڻ جو پاڻي پهچي سگهي. ان ڪم ۾ حڪومتي ادارا خانگي شعبو ۽ راڄن جا ماڻهو گڏجي بندوبست ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ تہ هن وقت بہ تمام ججهي تعداد ۾ غير معياري منرل واٽر بہ کپي رهيو آهي. ماڻهو ان تي بہ پئسا خرچ ڪري رهيا آهن. ٻيو تہ پاڻيءَ جي ڪري جيڪي بيماريون ٿين ٿيون تن جي علاج معالجي تي جيترو خرچ اچي ٿو شايد ان کان گهٽ خرچ ۾ پاڻي ماڻهن تائين پهچي وڃي. ٻيو متبادل بائوزرس

وسيلي پاڻي پهچائڻ آهي جنهن ۾ ٻه ماڻهو قيمت ادا ڪري پيئڻ جو مٺو پاڻي خريدي سگهن ٿا جيئن شروع شروع ۾ مٺي شهر ۾ نئون ڪوٽ کان پاڻي آندو ويندو هو.

▪ صحت جي سهوليتن جي پهچ کي وڌايو وڃي. اسپتالن ۽ شفاخانن جي تعداد کي وڌائي، ٻهراڙين علائقن تائين صحت جي سهوليت کي آسان ڪيو وڃي جيئن ماڻهن کي تُرت امداد گهر جي ويجهو ملي سگهي ۽ شهرن جي اسپتالن تي جيڪو دٻاءُ آهي اهو گهٽجي ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کي ڏورانهن ٻهراڙين کان شهرن تائين اچڻ ۽ مريضن سان گڏ رهڻ تي ايترو ڳاٽي پئسو خرچو اچي جيڪو اصل علاج کان تمام گهڻو آهي. سڀ کان وڌيڪ جيڪو طبقو صحت جي ميدان ۾ متاثر آهي تن ۾ عورتون ۽ ٻار شامل آهن. عورتن ۾ ٻہ ڳورهاريون عورتون ۽ ٻارن ۾ وري ابهم ۽ ٽيج ڏائڪ ٻارڙا. ان لاءِ علاج معالجي سان گڏوگڏ ”صحت جي تعليم ۽ سکيا “ جو بندوبست ڪيو وڃي جيئن ماڻهن کي تندرستيءَ بابت جاڳرتا ملي ۽ هو صحت جي ميدان ۾ پاڻ پرا ٿين. دائي سکيا، اسڪولي ٻارن جي سکيا، ڳرڀوتي عورتن جي سکيا، لائق ٿيندڙ يعني جوانيءَ ۾ قدم رکندڙ ڇوڪرين جي سکيا، ڄم وڇوٽي ۽ ڄم روڪ بابت سکيا جو مناسب بندوبست ڪيو وڃي.

▪ ٻهراڙين جي صفائي سُٿرائي توڙي شخصي صفائي سُٿرائي جي جاڳرتا ڏيئي، ٻهراڙين توڙي شهرن جي ماحول کي صاف سُٿرو بنايو وڃي. رستن تي ۽ چئوواٽن تي گند ڪچري جا ڍير هجڻ ۽ ٻارن توڙي وڏيءَ عمر وارن پاران کُلي ميدان ۾ يا اڱڻ جي پڌر ۾ ڪاڪوس ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي ترغيب ڏني وڃي. پاڻي صاف ڪري پيئڻ جي سکيا بہ ڏني وڃي. اهي سڀئي ڪم حڪومت جي ٿوري تحرڪ، خانگي ادارن



جي سهڪار ۽ ماڻهن جي سرگرم شموليت سان سولائي سان سرانجام ڏيئي سگهجن ٿا.

▪ کاڌي پيتي جي معاملي ۾ متوازن کاڌي جي جاڳرتا ڏيئي، متوازن کاڌو دستياب ڪري ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ ٿر جي ڏُٿ جو واهپو وڌائڻ جي ترغيب ڏني وڃي. وسڪاري ۾ ٿيندڙ ڏٿ يا آرهڙ جي مند ۾ ٿيندڙ ڏٿ جو تُرت استعمال بہ ڪيو وڃي تہ ان کي سُڪائي، مند ڪانپوءِ بہ واپرايو وڃي. ڏٿ غذائي سگهہ جي لحاظ کان انتهائي سگهارو آهي. پپون، کونبير، مريڙو، للر، ٻگرو، سالارو، چيڙ، ميها، چانهيان، گدريون، گوار، مگُن ۽ موٺ جون ڦريون، پُسي، ڏونرا، پيرون، پڪا، کوڪڙ، سگُر وغيره پلوڙ ڏُٿ آهن. غذائي کوٽ جي پورائي لاءِ وٽامنس جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

▪ ٿر ۾ زمين پوکڻ بابت زميني ڪٽت جي پاليسيءَ جي پيچڪڙي ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي يعني زمين جو تليءَ وارو حصو پوکيو وڃي باقي چوپائي مال لاءِ ڇڏيو وڃي. پٽون پاساڙا، آسائشون ۽ گئوچر پوکيءَ کان بچايا وڃن. ٿوري زمين تي پوکي ڪئي وڃي ۽ زرخيز زمينن ۾ ”ڦُڙ ڦُڙ پاڻي پهچ “ واري سرشتي وسيلي آبادي ڪئي وڃي. گهرن اندر بہ خالي ٽڪرن تي ڀاڄيون وغيره پوکي سگهجن ٿيون. وڻن جي واڍيءَ کي نندڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ حڪومت جوڳا اُپاءَ وٺي ۽ ان ۾ ٻهراڙيا سهڪار ڪن. ڪنڊيءَ تان سک وغيره هٿن سان لاهين نہ ئي کهاڙيءَ سان. ڪنڊيءَ کي کهاڙي خراب ڪري ڇڏي ٿي ۽ اها ڇتي ٿي پوي ٿي. ٻهراڙين ۾ يا جهنگ ۾ سُڪل ڪاٺيءَ ڪانسواءِ ڪوبہ وڻ نہ وڍيو وڃي. متبادل ٻارڻ متعارف ڪرڻ لاءِ گئس توڙي متبادل توانائي ڪتب آڻي سگهجن ٿا.

▪ ان سموري ڪم کي منظم ڪرڻ لاءِ غربت ڳڀ جا توڙي ٻيا بنيادي اکر واسطيدار ڪامورن وٽ هئڻ گهرجن جيئن مناسب رٿابندي ٿي سگهي. ان سان گڏوگڏ هن سموري عمل جو جامع نگراني سرشتو هجي جيئن وسيلن جي اجائي استعمال کان بچي سگهجي.

مٿي ذڪر ڪيل گذارشون موجوده وسيلن مان ڪري سگهجن ٿيون جنهن لاءِ حڪومت، خانگي شعبي ۽ راڄن جي ماڻهن جو گڏجي، سهڪاري سرشتي وسيلي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کان بہ وڏيڪ تنهي ڌُرين کي مختلف فورمن ۽ ادارن وسيلي هڪ مطابقتي جوڙجڪي سرشتي جوڙڻ جي اشد ضرورت آهي.

**فاقو فرحت جن کي، سترجني سيڻ،**
**ولهو ڪين نہ ويڻ، ڳالهيون ڪندي ڳوٺ ۾.**
(غلام محمد جنجهي)



## ٻڏي ڳوڙ ڳرڻ، ساٽو ڪجي سور جو

آفتون دنيا ۾ اينديون رهن ٿيون. قدرتي آفتون بہ اچن ٿيون تہ انساني عملن جي نتيجي ۾ بہ آفت زدگي پيدا ٿئي ٿي. ٻنهي قسمن جي آفتزدگين کي منهن ڏيڻ لاءِ دنيا ۾ اهو طئي ٿيو آهي تہ آفتزدگيءَ جو جوکو اهڙي شئي آهي جنهن کي روڪي نٿو سگهجي تنهنڪري جوکي کي گهٽائڻ بابت حڪمت عمليون جوڙي، ڪي رهنما اُصول طئي ڪيا وڃن جن جي روشنيءَ ۾ عملي قدمن جون رٿائون جوڙيون وڃن. ان ريت جوکا بندو بست ڪري، هر قسم جي آفت زدگيءَ کي منهن ڏيئي سگهجي ٿو. هر آفتزدگيءَ جي پنهنجي نوعيت ۽ اثر جو دائرو ٿئي ٿو. ان ڪري هر آفت زدگيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ، آفت زدگيءَ جي اثر کي ڌيان ۾ رکندي عملي قدمن واري رٿا جوڙي ويندي آهي. دنيا ۾ آفت زدگين جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ مختلف جوڙجڪي ڍانچا بہ نروار ڪيل آهن جن ۾ آفت زدگين کي منهن ڏين بابت وچور سان احوال ڏنل آهي.

ٿر ۽ ٻين باراني علائقن ۾ هن وقت قحط سالي، اڃي پنهنجا خيما کوڙيا آهن. ٿر جي قحط سالي، سُڪ سالي، ڏڪ سالي، ٻُڪ سالي ۽ بدحاليءَ جي شڪل ۾ نروار ٿيندي آهي تہ ڪي ڪاٽڪو لوڪ ان موقعي مان بہ ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٿر ۾ اڳي جڏهن ڏڪار پوندو هو تہ حالتون تمام گهڻيون ڏکيون ٿي پونديون هيون چاڪاڻ تہ پئسي ڏوڪڙ هئڻ باوجود کاڌي پيتي جي سامان ۽ مال جي چاري جو اڻ لڀ هجڻ وڏو مامرو هوندو هو پر جڏهن کان روڊ رستا ٺهيا ۽ مواصلات جو نظام سُڌريو آهي تہ ڏڪار جي سختي ۽ جوکي جو اثر بہ جهڪو ٿيو آهي. صفا خراب حالتون ”ڪاري ڏڪار“ ۾ ٿينديون هيون جنهن ۾ برسات جو ڦُڙو بہ نہ پوندو هو. گاهہ ٻوٽا توڙي وڻ ٻاڙان سُڪي ويندا هئا. اهڙن ڏڪارن ۾ ڇپنو ڏڪار (سنبت 1956 مطابق 1899 ع) ڇپنو ڏڪار

(سنبت 1996 مطابق 1939 ع ) ۽ انو ڏڪار ( سنبت 2008 مطابق 1951ع ) آهن. اهڙن ڏڪارن ۾ سڄو ماحول تپي اُٿندو هو ۽ چوپايو مال توڙي ماڻهو هڪڙي ننڍي قيامت مان گذرندا هئا. اهڙن ڏڪارن کي ڏسندي، شيخ سعدي جهڙي شاعر بہ هن ريت چئي ڏنو:

**چنان قحط سالي شُد اندر دمشق،**

**کہ ياران فراموش کردند عشق.**

يعني هن سال دمشق جي شهر ۾ اهڙو ڏڪار پيو آهي جو يارن عشق ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. واقعي سچي ڳالهہ آهي تہ ڍئو ڪانسواءِ ڍول جي ڳالهہ ذهن ۾ ئي نہ اُپرندي تہ ڪهڙو عشق ٿيندو. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ بہ چوڻي آهي تہ ڏڪار ساليءَ دوران ”راڻين جا ڪنگڻ “ بہ ڍرا ٿيندا آهن يعني راڻيون بہ غذائي قلت جي ڪري، اپريون ٿينديون آهن .ماهہ مٿي ڇٽڻ جي ڪري، سندن ٻانهن ۾ پيل ڪنگڻ خلاصا ٿي پوندا آهن. هاڻي ڏڪارن جي نوعيت تبديل ٿي آهي تنهنڪري انهن کي منهن ڏيڻ جي سموري حڪمت عملي بہ جوکي پٽاندر هئڻ گهرجي. هاڻي برسات ڏڙڪ ڇڙڪ پوي ٿي يعني ڪٿي ٿوري تہ ڪٿي گهڻي ۽ ڪٿي صفا نٿي پوي. اهڙين حالتن ۾ ڪجهہ گاهہ چارو توڙي فصل ٿئي ٿو پر اهو هڪ تہ ٿوري علائقي ۾ هوندو آهي. ٻيو تہ ان جو مقدار قليل هوندو آهي تنهنڪري اهو وقت ڪٽائو تہ ٿي سگهندو اهي پر معيشيت ۾ ان جي ڪو خاص ڪردار نہ هوندو آهي. هن سال بہ ٿر ۾ ڪجهہ علائقن ۾ جيڪا برسات پيئي آهي تنهن ۾ ڪٿي ڪٿي فصل بہ آهي تہ گاهہ بہ نظر اچي ٿو جيئن ٿر جي اُتر اُپرندين ڪنڊ وارو ٿورو علائقو. يا وري مهراڻي جي پٽيءَ ۾ وڻ ٽڻ ساوا نظر اچن ٿا. نئين ڪوٽ جي قلعي کان وٺي سانياسر جي لڪ تائين وڻن جي ساوڪ واهہ جي آهي پر زمين تي گاهہ وغيرهہ ناهي. اهڙين سڀني حالتن باوجود اڪثريت آباديءَ لاءِ ڏولائي جا ڏينهن آهن ڇاڪاڻ تہ ٿر جي اڪثر آبادي اقتصادي طور غريب آبادي آهي. پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهوليتن جي اڻاٺ آهي. صحت جون سهوليتون بہ اڻپوريون ۽ ڏور آهن. چوپائي مال جي



گهڻائي آهي پر ان لاءِ بہ علاج معالجي جو جوڳ بندوبست ناهي. روزگار سانگي ٿر جا مزدور ماڻهو ميرپورخاص ڊويزن جي باراني علائقن کان وٺي ڪراچيءَ تائين وڃن ٿا پر اهڙي ڏورانهين پنڌ جي ڪري، سندن ڪمائي جو ٻيو حصو رهائش ۽ ٽرانسپورٽ جي مد ۾ کپي وڃي ٿو. تعليمي ميدان ۾ ٿر جو ٻار تمام گهڻو جوهر رکڻ باوجود سهوليتن تائين پهچ کان محروم آهي يا وري ميسر سهوليتن جو معيار پورو سارو آهي. اهي سڀئي عنصر ٿر جي حالتن جي سنگينيءَ جي جهلڪ ڏيکارين ٿا. مثان وري جڏهن ڏڪار سالي ٿئي ٿي تہ اهو صدمو سهڻ کان ٻرو ٿي ڪڙڪي ٿو. عوام پريشان ٿي پوي ٿي. حڪومت اهڙين حالتن ۾ قحط سالي اعلاني، امدادي سرگرمين جو اعلان ڪري ٿي جن ۾ ڪٽڪ جي ورهاست مُکيہ اسم هوندو آهي. اهي سرگرميون امدادي ۽ فوري نوعيت جون هونديون آهن جڏهن تہ ڏڪار ساليءَ جي جوکي کي گهٽائڻ لاءِ جامع ۽ گهڻ پاسائين حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. مختلف قسم جي آفتزدگين کي منهن ڏيڻ لاءِ آفتزدگي بندوبستڪاريءَ جي ماهرن، پنج نقاطي حڪمت عملي جو ڏاهپ ڀريو ڏس ڏنو آهي تہ انهن پنجن نقطن جي روشنيءَ ۾ رهنما اُصولن وسيلي، اقدامي رٿائون جوڙي سگهجن ٿيون. اهي پنج نقطا هي آهن:

1. **پاليسي ۽ حڪمراني:** پاليسي جوڙڻ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ جي آفت زدگيءَ جي بندوبستڪاريءَ ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. پاليسي جوڙڻ دوران مقامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، راڄن جي شرڪت کي ان ۾ يقيني بنايو وڃي. سياسي نمائندن جي وچن وابستگي تمام ضروري آهي. هر سطح جي سياسي ڪيڊر پاران هن ڪم کي پنهنجو ڪري هٿ ۾ ڪڻڻ ۽ ان لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ ۾ ڪردار نباهڻ ضروري هوندو آهي جيئن گهربل وسيلن جي دستيابي مناسب ۽ آسان هجي.

2. **ڏڪار ساليءَ جي جوکي جي نشاندهي، نگراني ۽ سويري سُڄيتائي:** ڏڪار ساليءَ جي جوکي کي منهن ڏيڻ لاءِ جوکي جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ جوکي جي اثرن جي نقصان جو جائزو وٺڻ ضروري

آهي. سموري رٿابندي، بنيادي جائزي تي ئي ٽڪي ويندي آهي. بنيادي جائزو جيترو وڌيڪ درست ۽ تُز هوندو اوتروئي امدادي توڙي بحاليءَ وارين رٿائن ۾ مددگار ثابت ٿيندو. قحط ساليءَ جي اثرن جي ڳڻ ڳوٽ ڪري، هيٺ جو اندازو نروار ڪرڻ گهرجي جيئن خبر پئجي سگهي تہ ڇا ڇا وڌيڪ ڪمزور آهي ؟ اهڙو تجزيو وسيلن جي رٿابنديءَ ۾ مدد گار ثابت ٿيندو.

**3. ڏڪار ساليءَ بابت جاڳرتا ۽ ڄاڻ جو اهتمام ۽ تعليم:**
ڏڪارسالي کي عامي خيال مطابق هڪ رخو جوکو سمجهڻ درست ناهي. هاڻي ڏ ڪار سالي گهڻ پاسائون لقاءُ آهي جنهن ۾ آبي ڏڪارساليءَ کان وٺي، صدمائي صورتحال تائين ان جا مختلف رخ آهن. انهن سڀني پاسن ۽ اثرن بابت ڄاڻ گڏ ڪري، دستاويزبند ڪرڻ گهرجي. اهڙي ڄاڻ کي واسطيدار آباديءَ پهچائڻ گهرجي جيئن متاثر آباديءَ ۾ قحط ساليءَ جي جوکي کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ۽ اهي هن ڪم لاءِ پاڻمرادو بہ ڪي اُپاءَ وٺي سگهن يا حڪومتي ۽ غير حڪومتي ادارن پاران ٿيندڙ سرگرمين ۾ سهڪار ۽ رهنمائي ڪري سگهن. ان سان گڏوگڏ آفتزدگي بابت عمومي طور ۽ خاص طور ڏڪارن جي جوکي بابت انهن سڀني حڪومتي ڪارڪنن ۽ پاليسي جوڙيندڙن جي تربيت ڪرائي وڃي جيئن هي ڪم سائنسي بنيادن تي منظم نموني سرانجام ڏيئي سگهجي. مختلف سطحن جي تعليمي نصاب جو حصو بنائيندي، ڏڪار سالي ۽ ٻين آفتزدگين کي منهن ڏيڻ جي تصور کي تعليم جو بہ حصو بنايو وڃي. هن موضوع بابت دستي ڪتاب ۽ رهنما اُصولن بابت پمفلٽ وغيره ڇپائي، جاڳرتا کي عام ڪيو وڃي.

**4. ڏڪار ساليءَ جي جوکي جي ڪجهہ مُکيہ عنصرن جي اثر کي گهٽائڻ:** آبهوائي پڙڏڪ ۽ ماحولياتي گدلاڻ جي مسئلن کي منهن ڏيئي، موثر ماحولياتي ۽ آبهوائي حالتون نروار ڪرڻ لاءِ قدرتي وسيلن جي بهتر ۽ مناسب انتظامڪاري ڪرڻ. سماجي، اقتصادي



سرگرمين کي قدرتي ماحول سان مطابقت ۾ رکڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺڻ. زمين جي استعمال ۽ سيمن کي سنوارڻ سُڌارڻ لاءِ حڪمت عملي ۽ جوڙجڪون جوڙڻ.

**5. ڏڪار جي جوکي کي گهٽائڻ وارا اُپاءَ ۽ ڏڪارساليءَ بابت تياري:** قحط ساليءَ جي جوکي گهٽائڻ جا اُپاءَ ڏڪار گهٽائڻ جي صلاحيت کي وڌائين ٿا. اهڙي صلاحيت جڙڻ کان پوءِ، ڏڪار بابت تياريءَ ڏانهن وڌي سگهجي ٿو. موسمي حالتن ۽ مينهن جي پوڻ جي مقدار مان اندازو لڳائي، ڏڪار کي منهن ڏيڻ جي تياري ڪري سگهجي ٿي. تياري، جوکو گهٽائڻ ۽ بحالي آفت زدگيءَ کي منهن ڏيڻ جا اهم جز ا آهن.

ڏڪار جي ڏولائي کي منهن ڏيڻ لاءِ، هي بنيادي ڍانچو آهي جيڪو پاليسي ناهيندڙن توڙي عمل ڪرائيندڙن ۽ سماجي ڪارڪنن جي ڄاڻ لاءِ ضروري آهي. اسان وٽ جيڪي ڪجهہ دستياب هجي ان وسيلي بہ اسين ڏڪار جي ڏولائي کي منهن ڏيئي سگهون ٿا جيئن هڪڙي مليل رقم وسيلي سچو حساب حل ڪبو آهي رڳو نيت ۽ وچن نباهہ جي ضرورت آهي. اسان جي ثقافت تہ سورن کي بہ وسيلا سمجهيو آهي. لطيف سائين فرمايو آهي ؛

**ڪني ڪني ماٺهوئين، گوندر وڏي وٽ،**
**ٻڌي گوڏ گرٽ، ساٿو ڪجي سور جو.**

سور جو ساٿو ڪرڻ ٿر جي ماڻهوءَ کان ڪير سکي. ٿرن جي ماڻهن سدائين ڏڪاري حالتن کي منهن ڏنو آهي. انهن کي مناسب رهنمائي ۽ مدد جي ضرورت آهي. ڏڪاري حالتن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي، تعليم ۽ صحت جي مناسب سهوليتن، سيمن کي بچائڻ، چوپائي مال جي بندوبستڪاري لاءِ جامع رٿابندي ڪرڻ جي ضرورت آهي. مقامي حالتن کي نظر ۾ رکي، هرهڪ شعبي بابت الڳ حڪمت عملي، جوڙڻ جي ضرورت آهي.

# ويئي ويچارن وسري

انساني سماج جڏهن کان انساني تنظيمي صورت شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي آهي تڏهن کان ئي هن خوشي ۽ غميءَ کي ملهائي، پنهنجي زنده هجڻ جو ثبوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ٻنهي لقائن جي انساني جيوت ۾ به تمام گهڻي اهميت رهي آهي. غم ۽ خوشي انساني زندگيءَ تي گهڻو ڇانيل رهيا آهن يا انسان پنهنجي غم ۽ خوشيءَ جي يا ان جي اظهار جي صورتگري ڪئي آهي نه ته ٻي جيوت ۾ ٻنهي جذبن بابت ڪا ايڏي وڏي ٻانهن لوڏ ڪانهي. اهي رنج هجن يا گنج فطري اظهار کان اڳتي نٿا وڌن پر انسان پنهنجي ڏک توڙي سُک کي اظهارڻ لاءِ سو سانگ رچائي ٿو. اهڙي طرح انساني سماجن ۾ انهن ٻنهي اظهارن لاءِ ڏڻ ملهايا وڃن ٿا جن کي ڪٿي مذهبي رنگ ڏيئي پيش ڪيو وڃي ٿو ته ڪٿي اهي موسمن سان سلهاڙيا وڃن ٿا ته ڪٿي وري انساني سماجن جي ٽڪراءَ توڙهي ڌرتيءَ تي قبضي گردي پويان ملها يا وڃن ٿا. اصل ۾ انهن ملهائڻين پويان مُک محرڪ خوشي ۽ ڏک هوندا آهن پر ٻنهي ۾ ماڻهو جيڪا گڏيل ڳالهه ڪن ٿا سا خرچ ڪرڻ آهي. خوشيءَ ۾ خرچ ٿئي ٿو ته غم به خرچ ٿئي ٿو. مطلب بازار جڏهن انسان جي من جي ترور کي محسوس ڪري ٿي ته ان کي ترڪائڻ لاءِ انيڪ گهاٽ گهڙيا وڃن ٿا.عيد جو ڏڻ سيني مُلڪن، عقيدن ۽ نسلن جي ماڻهن ۾ آهي. عيد جي لفظي معنيٰ خوشي آهي. ڀٽائي عيد جي تصور کي انتهائي سُهڻي انداز ۾ اهڙو ته واضح ڪري ڇڏيو آهي جو ان مان سماج ۾ عيد ڪرڻ ۽ عيد کان رهجي وڃڻ وارن طبقن جي پروڙ پوي ٿي. هو سُر مارئيءَ ۾ فرمائي ٿو:

**عمر جا تو مل عيد، سا سوءِ ورتيسين سومرا،**
**ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،**
**سڪڻ ڪيا شهيد، مارو مُلڪ ملير جا.**



هن ٻول ۾ عيد ڪرڻ ۽ عيد نه ڪرڻ بابت اثرائتو اظهار ٿيل آهي. مارئي، عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته اي عمر ! جيڪا تووٽ عيد آهي سا اسان لاءِ سوگ مثل آهي. تنهنجي ظلم جي ڪري مارو ماڻهو ڏلي ڏيهه ڇڏي ويا آهن .اهڙي ڏولائي ۾ ڪين ڪائي خوشي ناهي ته خريدي به ڪائنن وسري وئي آهي. پنهنجي وطن توڙي پنهنجي نياڻيءَ جي سڪ ۾ اهي شهيد ٿي چُڪا آهن. ان ڪري انهن لاءِ عيد بي معنيٰ آهي. خوشي ۽ خريد بي معنيٰ آهي. ڏيهه جي ڏولائي سموريون معنائون ڪائنن ڦري ورتيون آهن. بادشاهه پاران ڪيل بيواجبيءَ سندن اجتماعي جيون کي وڏو هاڃو رسايو آهي. هاڃي جي هڻ وٺ ۾ ڪين خوش ٿيڻ به وسري ويو آهي ته سندن خيال خريديءَ ڏانهن به نٿو وڃي. اهي انهي ڏاڍ ۽ ڏولائي جي ڇٽي شاهدي ۽ ثابتيءَ طور ڌرتيءَ تي موجود آهن. هن اظهار جو لب لهجو کهرو آهي، جيتوڻيڪ هن بيانئي جو ڳالهائو هڪ مسڪين اٻلا ڇوڪري آهي جنهن جو مخاطب هڪڙو ڏاڍ ڪندڙ ۽ ڏاڍي طبقي جو فرد آهي. اهڙي جور ۽ جبر سان مارو ماڻهن جي معاشي ۽ سماجي زندگي وڏي بگاڙ ۽ دربدريءَ جو شڪار ٿي پيئي آهي. سندن معصوم نياڻيءَ کي ڪوئي جبرو ماڻهوهن جي مرضيءَ کان سوا ڪٽي ويو آهي. اهڙي ڪٽڻ سماج ۾ وڏو ڏڦيڙ پيدا ڪري وڌو آهي. مارو ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، ڪنهن پاسي هليا ويا آهن جيئن اهي وڌيڪ ڪنهن ڏاڍ کان بچي سگهن. ايئن ڇُلي ڇپرين پوڻ ڪائنڻ اقتصادي آسودگي به ڪسي ورتي آهي. ڏيهه جي ڏولائي ۽ ڏيل جي ڏکن ڪين اڻ آسودگيءَ جي ڪاري ڪن ۾ ڌڪي اُڇلائي ڇڏيو آهي. حيات جي ايئن هيٺي ٿيڻ جيڪا تنگي پيدا ڪئي آهي تنهن مارو ماڻهن کان خوشي به ڪسي ورتي آهي ته خريدڻ به سندن هٿ وس نه رهيو آهي. نتيجي ۾ جيڪا ”عمر جي عيد “ آهي سا ”مارن لاءِ ماتم“ آهي. هي بيانيو بظاهر ته سُر مارئيءَ جي اظهار جو هڪڙو انگ آهي پر ان جي رنگ جو پس منظر

ڏسجي ٿو تہ ان جي دائريڪار جي حد جو دنگ موجوده زماني تائين اچي پهچي ٿو جيڪو زماني پنهنجي اظهار ۾ ايترو متڪبر ٿي پيو آهي جو پنهنجي چانو کي چوي ٿو تہ هل تہ اچان ٿو. هر دور کي پنهنجا عمر ٿين ٿا ۽ پنهنجا مارو ماڻهو. عمر سدائين اقليت ۾ هوندي، مارن جي اڪثريت تي پنهنجي مرضي مڙهيندا آهن. ان ڪانسواءِ اهي ٿورائي ۾ هجڻ باوجود پنهنجي چالاڪيءَ ۽ بيهڪ جو ناجائز استعمال ڪندي، اڪثريت جو استحصال ڪن ٿا ۽ وسيلا بہ کسي ٿا وٺن تہ غريبن کان خوشيون بہ کسي وٺن ٿا. اهڙين حالتن ۾ متاثر ماڻهو ڪهڙي عيد ڪندا. دنيا جي وسيلن تي اها ڦر لٽ ۽ ونڊ وٺان نہ هجي تہ قدرت ڌرتيءَ جا توڙي سموري وايو منڊل جا وسيلا سيني لاءِ هڪجهڙا ڪري رکيا آهن. فطرت جو فارمولو ضرورتن کي نظر ۾ رکي ٿو پر انسان جي فارمولي کي هبچ جي مهميز چتي ڪُتي واري گگ هٽي ڇڏي آهي، جتي بہ اها گگ لڳي ٿي تنهنکي چتو بڻائي ڇڏي ٿي. وسيلن کي لُٽڻ جي انهي ڊوڙ انسان کي منڊي ڪتي جيان رڻ واهي ڪري ڇڏيو آهي. نہ رڻ پٽ جو ڇيهہ اچي ٿو نہ ئي هبچ ڪُتي ٿي. انهن حالتن ۾ ڌرتيءَ جي وسيلن جي ڪوڙي مالڪيءَ جا انگ اکرڏسجن ٿا تہ ڏنديں آڱريون اچي وڃن ٿيون. آڱرين تي ڳڻڻ جيترين ڏُرين وٽ اپار ڌن دولت ۽ وسيلا آهن. ٻئي طرف اهي اربين انسان آهن جن وٽ وسيلن جي مالڪيءَ جو تصور يا تہ سهانو سپنو آهي يا ڀيانڪ خواب آهي. انهن لاءِ عيد جو مطلب ماتم جهڙو آهي. جيڪي پنجاسي ڪروڙ ماڻهو لانگهي سان سُمهن ٿا جن کي ٻئي ٽڪ جي ماني نصيب ناهي انهن لاءِ عيد جو ڇا مطلب هوندو. ڪروڙين ماڻهون جن وٽ مٿي لڪائڻ لاءِ اجهو ڪانهي انهن جي عيد تہ انهي آس ۾ ئي واٽاهي ٿي گذري ويندي هوندي تہ ڪين ڪڏهن ٿو ڇن ۽ ڇانورو نصيب ٿئي. جيڪي ماڻهو سڄي عمر فطرت جي ويرن جي منهن ۾ رهيا آهن يعني انهن مٿي ڪانہ ڪا آفت يا نافت اچي



ٿي تہ اهي ڪهڙيون عيدون ملهائيندا هوندا. ٿر جهڙي فطري طور وسيلن سان مالامال ڌرتيءَ جا ڏٽي بہ هر پنجن سالن ۾ ٻہ ڏڪاري سالون ڏسن ٿا جنهن ۾ سندن جيوت توڙي مال مويشي جي زندگي خطري جي منهن ۾ اچي وڃي ٿي تہ انهن لاءِ ڪهڙي عيد هوندي. هن سال بہ ڏڪار جو ڏولائو اهڙو آهي جو ماڻهن کي خوشي ۽ خريد وسري ويئي آهي. ٻئراجي علائقي جي لکين هارين، مزدورن ۽ وچولي درجي وارن کي پنهنجي رهڻ لاءِ ڌرتيءَ جو ٽڪر بہ مليل ناهي تہ اهي ڪهڙيون عيدون ڪندا. ٻہ پڙا سين جا وٺي گهر ۾ پچائڻ جو نالو تہ عيد ناهي. عيد تہ انهي اجتماعي آسودگيءَ جي ساليانی ڏڻ جو نالو آهي جيڪو امن آشتي ۽ خوشحاليءَ جي ٻارنهن مهينن ڪانپوءِ اچي ٿو ۽ ماڻهو دل جان سان ملهائين ٿا. اهي ماڻهو ڪهڙي عيد ڪندا هوندا جن جي علائقن ۾ جنگيون جاري آهن. سندن خوشي ان بارود جي استعمال کسي ورتي آهي جنهن بارود جي منافعي سان ڪنهن سيٺئي جون تجوڙيون ڀرجي رهيون هجن. عيد انهن ماڻهن لاءِ بہ اڪارٿ آهي جنهن جي گهرن ۾ساماٽل نوجوان ڇوڪريون ويٺيون آهن پر اڻ هوند جي ڪري سندن شادي وقت سر نٿي ٿئي. اهڙي ڪئن وقت ۾ يا تہ ڪوئي ڏاڍو سندن ننگن کي تڪي ٿو يا وري ڪوئي ڏرميلي جي اچي لبادي کي اوڍي ڪارو ڪرتوت ڪري، سوين سالن جي ننگ جي ڀرم کي ڀور ڀور ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيون حالتون سماج جي اجتماعي خوشي کسي ٿيون وٺن جيڪا حقيقت ۾ سدامنديءَ خوشي ۽ عيد مبارڪ آهي. اهڙي طرح عيد هوند وارن لاءِ معنيٰ رکي ٿي پر اڻ هوندوارن ۽ ڏولائي جي ڏنپيلن لاءِ سوءِ جو سنيهو آهي جيڪو سندن اندر جي ايذاءَ کي ويتر گهرو ڪري ٿو وجهي. دنيا ۾ جيستائين سماجي ۽ا قتصادي اڻ برابري آهي تيستائين، اٺهوند وارن طبقن لاءِ عيد ڪا خوشيءَ واري معنيٰ ڪانہ ٿي رکي. وسيلن کان وانجهيل غريب آبادي، خالي کيسي هجڻ جي ڪري ڪنهن

اهڙي خوشيءَ جو سوچي نٿي سگهي جنهن کي ملهائڻ لاءِ سُٺي قوت خريد جو هجڻ ضروري آهي. قوت خريد جي انهي واڇوڙي پويان لڳي ماڻهو الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتو آهي. هو اهڙيءَ ڊوڙ ۾ حقيقي خوشي ۽ اندر جي عيد وساري چڪو آهي. انسانيت جا ليڪا لتاڙي، الائي ڪيتريون عيدون، رڻ پٽن ۾ رولي چُڪو آهي. بازار جي ڦرلٽ جي هنيل دنيا ۾ عيد هوند وارن طبقن جي آهي جن کي پنهنجا عمر به آهن ته عيدون به آهن. ٻئي طرف انسانن جي اڪثريت مارئي ۽ مارو ماڻهن وانگر ڏولائي جي ڏنپيل آهي جن کان هر خوشي ۽ خريد وسري ويئي آهي. سڪڻ ۾ شهيد ٿيل اهي انسان هاڻي ته پنهنجي سڪ جي سڄڻ کي قابو جهلي ڪونه ٿا سگهن جو زماني جي هڻ وٺ ڪانئن سڪ جي عيد به کسي ڇڏي آهي. جن گهرن ۾ بيمار بسترن تي زندگي ۽ موت جي به واٽي تي پيا آهن تن لاءِ به عيد جي ڪهڙي معنيٰ هوندي. انهن لکين ٻارن جي عيد جو ڇا ٿيندو جن جا مائٽ جنگين جو واڳون ڳڙڪائي چُڪو آهي. عيد خوشي ۽ سرهائي جو نالو آهي جنهن کي وڏ ۾ وڏ ٻار ملهائين ٿا يعني عيد ٻارن جي هوندي آهي پر صرف انهن ٻارن جي جن جا کيسا خالي ناهن. اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکندي، پٽائي ”ملير جي مارن “ جي ڳالهه ڳائي آهي.



## وس ته ورن سُپرين

ٿروسي ٿو ته پوءِ ملهاري ٿي پوي ٿي ۽ جتان ڪٿان ماڻهو هن سائي ڊائي خطي ڏانهن رُخ ڪن ٿا. ماڻهن کي اچڻ ۾ ان ڪري به سهوليت ٿئي ٿي جو روڊ رستا ٺهي پيا آهن. ٽرانسپورٽ جون چڱيون سهوليتون آهن نه ته اهو به وقت هو جڏهن نئين ڪوٽ کان ڇڪڙي جي وات ۾ پٽبو هو ته هفتي جي ڏينهن جيترا ڪلاڪ ڪٽن سفر جا ڪاٽي اچي، پارڪر جي نگر پهچبو هو.اهڙين ڏکيائين باوجود ماڻهو ايندا رهندا هئا ۽ چئو ماسي شروع ٿيڻ سان ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي ويندي هئي. ٿر ۾ چئو ماسو به هر سال نٿو اچي پر هر پنجن سالن ۾ به سال چڱا ٿا اچن ته ٽي سال ڪسا. انهن ڏڪاري سالن ۾ پارڪر سان پيار ڪندڙ پانڌين بدران انيڪ اين جي اوز اُپري اچن ٿيون يا وري مذهبي مشنري خلقون هيڏانهن منهن ڪن ٿيون. لطيف سائين تڏهن ته ڏڪار ي حالتن ۽ ڏڪارين کي ٻئي هٿ ڪٽي پٽيندي ڇيو هو. ”ڏڪاريا ڏيهه مان موڏي شال مرن“ ۽ ڏڪارجي اهڙي ڪڙاڪي کان هرڪو ماڻهو پڄندو آهي تڏهن ته چوڻي گهڙي ويئي آهي ”ايئن ڇڏيائون جيئن جوڳي ڇڏين ڏُڪار کي“. اهڙي طرح سارنگ جي سرهائي، سموري مانداڻ کي نه رڳو سائو ڪري ٿي پر ان جي اصلي جوهر کي به نروار ڪري ٿي ۽ مقامي ماڻهو مهمانن کي جيءَ ۾ جايون ڏين ٿا. ماڻهن جي اها وراڻ ڪن سالن ۾ تمام گهٽي ٿئي ٿي. اهڙين سالن ۾ ڪجهه سال اڳي به هڪ ڏينهن ۾ ٽي هزار موٽر سائيڪلون رڳ هڪ ڏينهن ۾ ننگر پهتيون هيون ۽ اهڙا ٽي ڏينهن ڀرپور ماڻهن جا ميلا متل هئا. بادل جڏهن وسي ٿو ته وس يعني سائو گاهه ٿئي ٿو. سيئي سيمون سايون ٿين ٿيون. ولهار ن جا ويءَ ڏوران ئي سندر ڏيک پسائين ٿا.اهڙي وس ڪانپوءِ اُجايلن جي اچ به لهي پوي ٿي ڇاڪاڻ ته مئي جون

۾ جيئن مند گرم ٿئي ٿي تہ زميني پاڻي يا تہ هيٺ هليو وڃي ٿو يا سُڪي وڃي ٿو. خاص طور ننگرجو شهر ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ پيدا ٿي پوي ٿي جنهن جي پورائي لاءِ ماڻهو هٽ پير هٽي، پنهنجي مٿي پاڻيءَ جو بندوبست ڪن ٿا نہ حڪومتي ادارن وٽ اهڙي ڪا جوڳي رٿابندي ناهي جو اهي ضرورت وقت ننگر جي ماڻهن جي اُڃ اُجهائي سگهن. وس ٿيڻ کان پوءِ چوپايو مال بہ گاهہ لاءِ سڪي نٿو. جڏهن مال کي گاهہ چارو امونگرو ملي ٿو تہ پوءِ اهو ٿانو پري کير ڏئي ٿو نہ تہ انهن ٿانون کي پئي پئي زنگ لڳي ٿو ۽ اهي ڪسجي وڃن ٿا. آگم جي آڻنگ دوران سپرين کي ياد ڪري، نيڻ ٽمن ٿا. نيڻن جو اهڙو ٽمڻ ڏسي، قدرت کي بہ ٻاجهہ پوي ٿي ۽ ڪڪرپنهنجو ڪرم ڪندي، مبين شاهہ عنات جي هنن ٻولن وانگر وسي پوي ٿو تہ جُملي جُڪيون لهي وڃن ٿيون؛

**بادل وسئو وسُ، تو وُٺي وس ٿئي،**
**اُڃئا جي عنات چئي، رات تني کي رس،**
**وڃ نہ سڪي گاهہ کي، رڃ نہ لڳي ڪس،**
**نيڻ ٽمندا پس، وس تہ ورن سُپرين.**

هر طرف ساوڪ ۽ سرهائي ٿئي ٿي جنهن جون جيئريون جاڳنديون تصويرون ميڊيا جي مختلف ذريعن وسيلي مُلڪان ملڪ وڃي پهچنديون آهن. بس! پوءِ تہ پارڪر جي پنڌ ۾ هزارين ماڻهو هوندا آهن جن ۾ نوجوانن جو تعداد ججهو هوندو آهي. ٻار بہ گڏ هوندا آهن تہ هاڻي عورتون بہ ڪافي تعداد ۾ گهمڻ اچن ٿيون. هن ڀيري مون مقامي عورتن جو بہ وڏو تعداد ڏٺو جيڪو جبل تي يا ٻين هنڌن تي گهمندي نظر آيو. اها هڪ تمام سُٺي سرگرمي آهي. هن مند ۾ ماڻهو ٽر ڏانهن ٽن رستن ....... نئون ڪوٽ کان ايندڙ رستي، ونگي کان ايندڙ رستي ۽ عمرڪوٽ کان ايندڙرستي ... کان ٽر ڏانهن اچن ٿا. نئين ڪوٽ ۽ ونگي واري رستي کان ايندڙ ماڻهو منيءَ پهچي، منيءَ جي تفريحي ماڳ ”گڏي ڀٽ“ جو چڪر



لڳائين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن گڏيءَ تي ايتري پيهہ ٿئي ٿي جو رستا جام ٿي وڃن ٿا. گڏيءَ تي بہ ڪي خاص سهوليتون ناهن. باقي عمرڪوٽ جي رستي کان ايندڙ ڇاڇري کان ٿيندا اڳتي وڃن ٿا. منيءَ کانپوءِ اسلام ڪوٽ جو شهر اچي ٿو جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو سنت نيٺو رام جو آشرم گهمن ٿا ۽ اڳتي نڪري، جنهن پهرئين تاريخي ماڳ پهچن ٿا سو آهي جين مت وارن جو گوڙي ڏهرو جيڪو گوڙيءَ جي ڳوٺ ۾ آهي. هن ڏهري جي منهن وٽ ئي هڪڙو ”پونئرو“ آهي جنهن لاءِ ڪيئي ڏند ڪٿائون مشهور ٿيون تہ اهو ننگر تائين وڃي ٿو پر جن ماڻهن اندر لهي وڃي ڏٺو تہ اهي ننڍڙيون ڪوٺڙيون آهن جيڪي ڏراوتن کي محفوظ رکڻ لاءِ شايد ڪتب اينديون هيون. انهي پونئري جي کوٽائي سان لاڳاپيل نوجوان ڪليڪٽر ايچ اي واٽس جو بہ قصو لاڳاپيل آهي تہ هن انهي پونئري جي هٿ چراند ڪئي تہ هو بيمار ٿي پيو ۽ گذاري ويو جڏهن تہ ايئن ناهي. هو ويچارو ڪنهن بيماريءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ عمرڪوٽ جي قلعي ۾ رکيل آهي. ان پونئري جو ڏهري سان ڪهڙو تعلق آهي ان بابت تاريخ ۾ گهڻو احوال ناهي پر 10 آڪٽوبر 1904 ع ۾ مختيار ڪار ننگر پارڪر جي دوري جي رپورٽ ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو جنهن جي رپورٽ هن ڪليڪٽر کي اُماڻي آهي (حوالو: سنڌ اي ٽائيم ڪئپسول آف هيريٽيج .. ليکڪ: صلاح الدين قريشي ص 147). هاڻي گوڙي ڏهري جي چوڌاري پٿ ڏيڻ جي تياري يعني بنياد رکيل نظر اچي ٿو. سيئي ماڻهو هتان ٿي هليا وڃن ٿا. ڏهري جي سامهون روڊ جي ٻئي طرف جيڪو ٽُلهہ ٺهيو پيو آهي ان تي ڪنهنجي بہ اک نٽي ٻُڏي. انهي ٽُلهہ کي اُستاد رائچند نيڙ جي راجا سان منسوب ڪري لکيو آهي پر نيڙ مان اتي اچي يادگار اڏڻ سمجهہ کان مٿاهون آهي. اڳتي ڀالوا جو ڳوٺ اچي ٿو جنهن ۾ مارئي سان منسوب جهونو کوهہ آهي. ڀالوا کانپوءِ ”ويري جي واءِ“ اچي ٿي جتي بہ هڪ ”جين ڏهرو“ آهي پر اهو ديوين جي وٽن ۾ ايئن گهيرجي ويو آهي جو نظرئي نٿو اچي. ان جي اوڀر ۾ پُراڻي ويرا واءِ جا کنڊر آهن ۽ انهن سان گڏوگڏ ”جکن

جي ڏهرن“ جا کنڊر به آهن. انهي جي اوپر ۾ يعني موجوده ويراواءِ جي اوپر ۾ پاري نگر جو نڪرانوءِ ڏکڻ ۾ ”سانگاهه “ آهي. اڳتي ننگرپارڪر شهر کان چار پنج ڪلوميٽر پهرين ”پوڏيسر“ جو ڳوٺڙو آهي جنهن ۾ محمود بيگڙي جي 1505 ع ۾ جوڙايل مسجد. جين مت وارن جو ڪنهن جين عورت پاران جوڙايل ”پوڻي ڏهرو “ آهي جيڪو مخدوش حالت ۾ آهي. انهي ڏهري جي سامهون ”جکن جا به ڏهرا“ آهن جن جي اڏاوت جين ڏهرن کان نرالي آهي. مسجد سان لڳ جهونو قبرستان به آهي ۽ مسجد جي اولهه ۾ جهونو تلاءُ آهي جنهن سان به انساني قربانيءَ جي ڏند ڪٿا جُڙيل آهي. انهي تلاءَ اندر ڪجهه سار پٿر به آهن جن تي هڪڙي گڏيل لکت ۾ ڪجهه تحرير ٿيل آهي ته تصوير به نڪتل آهي. هڪ پٿر تي ٻانهياريءَ جي ٻانهن آهي جيڪا ڪنهن ستيءَ ڏانهن منسوب ڪئي وڃي ٿي. اتان تي ننگر پارڪر جي شهر جڏهن گهومو لوڪ جڏهن شهر پهچن ٿا ته اتي موجود جين ڏهرو ڏسن ٿا. جبل ۾ سازڌري ۽ انچليشور وڃن ٿا. جيتوڻيڪ جبل ۾ بيا به انيڪ هنڌ آهن جن جي تاريخي اهميت آهي. چاچو علي نواز کوسو مرحوم چوندو هو ته اهي ڪُل 108 ماڳ آهن. جبل جي اُتاهين چوٽي ”تروٽ جو ٿلهو“ آهي. جبل مان ”پٽياٽي“، ”گوڙڌرو“ ”گهرتياري“ ۽ ٻيون مينهن نديون وهن ٿيون. جبل ڏسي، ماڻهو ڪاسٻي وڃن ٿا جنهن کي پارڪري ۾ ”ڪاهبو“ ڪوٺين. ڪاسٻي ۾ به مندر گهمي يوسف فقير جو راڳ ٻڌي، مورن جا ڪيڙا ڏسي گهڻو ڪري ماڻهو موٽن ٿا. ڪجهه ماڻهو چوڙيئي به وڃن ٿا جتي جبل ۾ ماتا جو مندر آهي. انهي سموري سفر ۾ ڪافي مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون جن جي ڪري گهومو لوڪ ڏکيائين کي منهن ڏين ٿا. انهن مان ڪجهه مسئلا ۽ مامرا هي آهن:

▪ سڀ کان ڏکيو ڪم رهائش ۽ ڪاڌي پيتي جو آهي. ننگر پارڪر ۾ رهڻ جي ڪا گهڻي ڪنجائش ناهي. سرڪاري سرڪٽ هائوس، روبلو موٽل ۽ ٽرديپ جو گيسٽ هائوس آهن پر انهن تائين جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي پهچ ناهي. يا ته ملڻ مشڪل آهي يا ايترو



مهانگا آهن جو ”رُهيءَ جو گاهه “ لڳن ٿا. ڪاڌي جي هوٽلن جي به ڪا نيڪ حالت ناهي. مٿان وري جڏهن اچي گهڻا مهمان پهچن ٿا ته پوءِ انهن کي ماني پهچائڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. ان کوٽ کي مقامي ماڻهو پنهنجي مهمان نوازيءَ سان پورو ڪن ٿا. وسڪاري جي ڏينهن ۾ ننگر پارڪر شهر ۽ انجي آسپاس جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي گنجائش آهر مهمانن کي ترسائين ٿا. ان کانسواءِ مهمان مٺي ۽ اسلام ڪوٽ ۾ ترسن ٿا.

▪ انهن ڏينهن ۾ جبل ۾ به ڪافي پيهه ٿئي ٿي. ماڻهو رات جو به اُتي ترسي پون ٿا. جبل ۾ ليٽرين جي ڪابه سهوليت ناهي، نه ئي گند ڪچري اُڇلائڻ جو بندوبست آهي. ان ڪري گهمندڙن خاص ڪري عورتن کي ڏکيائي ٿئي ٿي. ان کانسواءِ رستي تي جيڪي ماڻهو پاڻي وغيره رکيو ويٺا هوندا آهن اهو پاڻي هڪ ته مهانگي اگهه تي وڪرو ٿئي ٿو ٻيو غير معياري ڪمپنين جو پاڻي هوندو آهي.

▪ ٿر ۾ پنڊ جو رواج نه هئڻ برابر آهي پر ڪٿي ٻارڙا پنندي نظر آيا. ڪجهه ٻار ۽ ماڻهو مريڙو ۽ ڪُنيِيون ڪٽي وڪٽي رهيا هئا. ڪن دوستن شڪايت ڪئي ته مريڙي جي نالي ۾ ٻيو ڪو گاهه ڏيئي رهيا هئا. اهڙي نڳي ٿري ماڻهن لاءِ عيب آهي.

• سيني تاريخي ماڳن مڪانن لاءِ ڪو باترتيب مواد تيار ٿيل ناهي. ان ڪري گهمندڙن کي تاريخي ماڳن بابت مناسب ڄاڻ نٿي ملي. جيڪو جيئن اچي ايئن ٻيو ٻُڌائي ۽ اجاڻ ماڻهو ان تي اعتبار ڪري، مڃي وٺن ٿا ۽ ان اُبتي سُبتي معلومات کي پنهنجي سفرنامن ۾ لکن ٿا.

اهي ڪجهه ڳالهيون آهن جن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ان کانسواءِ، ”ماحولياتي سياحت“ جي مڪمل رٿا کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي جيئن گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن کي به سهوليت ٿئي ته علائقي واسي به سڪيا ستابا ٿين.